# هن شهرَ ۾ هڪ شهرُ هو

(ناول)



- جيا جادواڻي

جيا جادواڻيءَ جو ساهتيہ، جيون ۽ جڳت جي افراتفريءَ جي وچ ۾، ڪجهہ خاص پلن جو دُرليڀ چمڪاٽ آهي. هن جي ساهتيہ جو سچ، خوبصورتي ۽ بدصورتيءَ جي حدن کان پري/ٻاهر جي چيز آهي. اُهو پاٺڪ کي حيرت زده بہ ڪري ٿو ۽ سندس شعوُر کي جِنجهوڙي سوچڻ لاءِ آماده بہ ڪري ٿو. هن جو لکڻ، آتمر جو اِظهار ۽ وستار بہ آهي ۽ فطرت جي گهري چنڊ چاڻ بہ. سندس رچنائن ۾ اِستريءَ جي پيڙا، رودن ۽ ودروھہ جا پڙاڏا بہ آهن تہ سندس اندر جي گهرائيءَ ۾ وهندڙ نشڇل پريم جي نرمل ڌارا جو درشن بہ ڪري سگهجي ٿو. جيا هڪ طرف اِنسان جي منوجڳت جي ڦولهہ بہ ڪري ٿي تہ ٻئي طرف فلاسافيءَ جي ٻُلنديءَ ۽ گهرائيءَ سان ساڪياتڪار بہ ڪرائي ٿي. سندس ساهتيہ - لوڪ، پريم جي عميق ۽ عروج جو احساس ڪرائڻ جي سگهہ رکي ٿو.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

**نند جويري دادا کي**

هيءَ سرشٽي هڪ سرڪل آهي
جتان هلندا آهيون
اُتي ئي پهچندا آهيون

جتان شروع ڪندا آهيون
اُتي ئي ختم

جن کان ولندا آهيون
اُنهن کي موٽائي ڏيندا آهيون

مون به هي احساس
جنهن کان ورتا
ڪجهه پنهنجا ملائي
مان اُنهيءَ کي واپس ڪيان ٿي.

— جيا جادواڻي

# هن شهرَ ۾ هڪ شهرُ هو

(ناول)

جيا جادواڻي

# پريم جون اَڇاتيون گهِرايون ۽
# جيون جي حقيقت

يورپي ڪاويہ پرمپرا مڃيندي آهي تہ اسين پنهنجو پاڻ نہ لکندا آهيون، بلڪ ڪجهہ اڻ ڏٺيون شڪتيون آهن، جيڪي اسان کان لکائينديون آهن. هومر جي ’اوڊيسي‘ جي شروعات بہ اِنهيءَ ’منگلاچار‘ سان ٿئي ٿي تہ هي ديوي! مون تي ڪرپا ڪر، مونکي ڪجهہ ٻڌاءِ. اهڙيون نوَ ديويون مڃيون وينديون آهن. ڌيان ڏيڻ جي ڳالهہ اِها آهي تہ ڪنهن بہ اديب/فنڪار تي سڀئي ديويون مهربان نہ ٿينديون آهن. ڪنهن تي پريم جي ديوي مهربان ٿيندي آهي، ڪنهن تي ڪلا جي، ڪنهن تي ڪا ٻي. چوندا آهن هومر تي سڀ کان ديالو ديوي، جنهنجو نالو ’ڪلايوپي‘ هو، مهربان هئي، تنهنڪري ئي هو ايڏو وڏو مهاڪاويہ لکي سگهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ڪوئي اديب لکڻ کانپوءِ چوندو بہ آهي، ’هي مون نہ لکيو آهي، بلڪ ڪنهن لڪل طاقت مون کان لکايو آهي.‘ مان اُنهن مان هڪ آهيان.

ڪجهہ اهڙيون اڻ ڏٺل شڪتيون آهن، جيڪي اسانجي ئي اندر لڪل هونديون آهن،اسين صرف اُنهن کي سڏيندا آهيون. ڪرپا ڏيڻ نہ ڏيڻ اُنهن جي هٿ ۾ آهي. ها، پر اُنجي قابل هئڻ هڪ ضروري شرط آهي. چوندا بہ آهن نہ، اِلهام لاءِ عبادت ضروري آهي. ڪيرڪيگارد لکڻ کي ’اڇاتل جي سامهون پرارٿنا‘ چوندو هو.



هونءَ تہ رچنائون اسانجي ’آتم‘ جو ئي وستار آهن، پر اُن ۾ ڪنهن ٻئي کي بہ جڳهہ ڏيڻي پوندي آهي، ٿورو پاڻ پنتي سُري، ٿورو ’اُها‘ خاص جڳهہ خالي ڪري، جتي هن مهل تائين ’تون‘ ئي هئين. هن ناول ۾ مون اِهو ئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ’جيا‘ کي ٿورو پري بيهاريو آهي ۽ جنهن جي هيءَ ڪٿا آهي، ڪوشش ڪئي آهي تہ اُهو ئي سامهون ڏسڻ ۾ اچي. پر هُنجي اندر بہ سلسليوار ڪهاڻي نٿي هلي. بلڪ ڪجهہ ’درشيہ‘ آهن، جيڪي بعض وقت هلن پيا ٿا، بعض وقت بيهي ٿا رهن. جيون جي ڪتاب جا اِهي لمحا ئي جيوَن جو پورو داستان ٻڌائيندا آهن. اسانجي هئڻ جو سمورو داستان. هنن لمحن کي گهٽائي ڇڏ تہ جيون خالي توتارِي، جيڪا شور تہ گهڻو مچائيندي آهي پر اندر ڪو سُر نہ هوندو اٿس. هونءَ بہ اسين پنهنجي اندر لهي ڪا ڪهاڻي ڳولهڻ جي ڪوشش نہ ڪندا آهيون، بلڪ اُهي ’لمحا‘ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، جن کي اسين جيئڻ مهل بہ الفاظ نہ ڏيئي سگهيا هئاسين، اڄ تہ ڪو سوال ئي ڪونهي. اسين اُنهن جي ويجهو وڃي وري هٿ سان ڇهي ڏسندا آهيون.... ’اڇا ! ڇا تون اُهوئي آهين؟‘ ڪنهن لمحي هو اڪيون پٽي اسانکي ڏسي مشڪندو آهي، تہ ڪڏهن اسانکي ڏسي هنجي اک پرجي ايندي آهي.

اسانجي ٻاهر جيتري وڏي دنيا آهي، اوترا گهڻا ڊائلاگس آهن، پر اسانجي اندر جي مُٺ پر جڳهہ ۾ خاموشي آهي. اُن خاموشيءَ کي ئي الفاظ ڏيڻ لاءِ اسين لکندا آهيون. اُن خاموشيءَ کي ڦولهڻ لاءِ ئي اسين هر هر چوندا/لکندا آهيون. لفظ، پريم ۽ ڪامنا اسانکي ڪويتا ۽ فلسفي ڏانهن وٺي ويندا آهن. سڀ ڪلائون آخرڪار اِنسان جي ’آتم‘ جي کوجنا ئي آهن ۽ هن کوجنا ۾ ڪهاڻي رڪاوٽ آهي. ان رڪاوٽ کي پار ڪري ئي

اندر ليئو پائي سگهجي ٿو. جيڪڏهن درشيہ (ظاهر) کي سمجهڻ آهي تہ درشيہ کان پار ادرشيہ (پوشيده) ۾ وڃڻو پوندو. هيءَ سنسار اڻ ڏٺي جو اڻ سمجهيل داستان آهي. اسانجي ۽ سنسار جي وچ ۾ هڪ پردو آهي ۽ شيون بلڪل اوهڙيون ڏسڻ ۾ نہ اينديون آهن، جيئن اُهي حقيقت ۾ آهن. جيئن ڪنهن پاردرشي (شفاف) ڪاچ جي هن پار ڏسجي، حقيقت نہ، حقيقت جو جهرمرو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، پر اِهو حقيقت بہ تہ آهي. هونءَ بہ اسانجي ۽ حقيقت جي وچ ۾، ٻوليءَ ۽ اسانجي وچ ۾، لفظ ۽ ارٿ جي وچ ۾، هڪ پردو هوندو آهي. اُن پردي کي پار ڪرڻ جي ڪوشش هر ايماندار پاٺڪ ڪندو آهي. دراصل اُن پردي کي پار ڪرڻ ڪانپوءِ ئي اصلي سفر شروع ٿيندو آهي، پاڻ کي سڃاڻڻ جو اصلي سفر. تڏهن تہ هڪ ئي ڀاڱ کي هر ماڻهو الڳ محسوس ڪندو، الڳ ڍنگ سان ڇوندو آهي، الڳ ڍنگ سان جيئندو آهي. جيوَن جو اصلي ارٿ اسين ڳولهيندا تہ گهڻو آهيون، پر ڪڏهن پورو سمجهي نہ سگهندا آهيون. ڇو جو پورڻتا (تڪميل) هڪ ڀرم ئي تہ آهي.

ڪڏهن ڪڏهن لکيل بہ ٻئي تائين نہ پهچندو آهي. مون لکيو پريم، تو پڙهيو پيڙا، مون لکيو ديهہ جو اُتسو، تو پڙهيو سيڪس. تہ فرق وڏو آهي. اِنڪري ئي اسان جي يُگ جا مهان دارشنڪ، مهان چنتڪ، سندن دور ۾ نہ سمجهيا ويا. هو ايترو مٿي کان پيا ڳالهائين، جتي عام ماڻهوءَ جي پهچ نہ هئي. وري بہ هڪ اديب جي هر ڪوشش ٻئي تائين پهچڻ جي هوندي آهي.

زندگي ڪا اڪيلي شيءِ ڪانهي. هيءَ ماڻهن ۽ حالتن سان ڳڏجي نهندي آهي، جيئن هڪ نديءَ ۾ ڪيترين ئي ندين جو



پاڻي سمايل هوندو آهي، تيئن پنهنجي اُڄ ۾ ٻين جون بہ اُڃون شامل هونديون آهن، هڪ ماڻهوءَ ۾ ڪيترا ئي ماڻهو شامل هوندا آهن، هڪ شهر ۾ ڪيترا ئي ٻيا شهر. گهڻو وقت گذرڻ بعد جڏهن اسين اُن ئي شهر ۾ پاڻ کي ڳولهڻ نڪرندا آهيون تہ سمجهہ ۾ ايندو آ، نہ ئي شهر اُهو آ، نہ اسين پاڻ. وري بہ ’ڪجهہ‘ تہ اُهوئي آ، اسانجي اندر جو ’ڪجهہ‘، جنهن کي تمام ڪوشش کان پوءِ بہ اسين ميٽي نہ سگهيا آهيون.

دک پريم جو ئي هڪ حصو آهي، جيئن پريم بہ پريم جو ئي هڪ حصو آهي، جيئن اسين قدرت جو ئي هڪ حصو آهيون. ڪڏهن ڪڏهن هي پريم جيوَن جي اڻاتين گهراين ۾ بہ اسانکي وٺي ويندو آهي، جتي اسين پاڻ کي، پاڻ بہ سڃاڻي نہ سگهندا آهيون.

هستيواد ۾ اِنسان جي آزاديءَ تي گهِرو چنتن ڪيو ويو آهي. ماڻهو ڇو آزاد نہ آهي، ڇو جو هنجو جيوَن ڪيترن ئي ٻين سان ٻڌل آهي، جيڪي هنجي اردگرد آهن. اسين ٻين کان آزاد ٿي بہ وڃون تہ اسانجو پنهنجو جيوَن ئي اسانجي پنهنجي غلامي نهي ٿو وڃي ۽ ٿورا، صرف ٿورا ماڻهو هن جيوَن جي غلاميءَ کان آزادي چاهيندا آهن. پابلو نيرودا جي ڪويتا جون ٻہ سٽون آهن-

’ڪا شيءِ اسانکي موت کان نٿي بچائي،
پيار گهٽ ۾ گهٽ اسانکي زندگيءَ کان بچائي وٺي.‘

ڪوي زندگيءَ کان بچائڻ جي ڳالهہ ٿو ڪري، ’پيار زندگي ڏيئي ڇڏي‘ نٿو چوي، ڇو جو جيئن مون مٿي چيو، زندگي پنهنجو پاڻ ۾ ئي هڪ غلامي آهي. انڪري ئي ماڻهوءَ جي سچي اُميد پريم سان ئي هوندي آهي، ڇو جو پريم پرم آزادي آهي.

حالانڪ هڪ ماڻهوءَ جي جيوَن ۾ اهڙيون اهڙيون خالي جڳهيون هونديون آهن، جن کي پريم بہ پري نٿو سگهي، 'پلڪڻ' اُنهن خالي جڳهين کي 'ڳولهڻ' آهي. بنا پلڪڻ جي ڇا ڪڏهن بہ ڪجهہ مليو آهي؟

صوفين جي زندگي ڏسجي تہ اُنهن سيني کي پريم ڪيو. مرد کي، عورت کي، ويندي غلاميءَ کي بہ پريم ڪيو ۽ نيٺ آزاد ٿي ويا. جتي ڪُهرڻو ڪجهہ بہ نہ آهي، بس پاڻ ڏيڻو آهي. پاڻ ڏيئي، پاڻ کان مڪت ٿيڻ. زڳائي وِسڪيءَ جي ڪويتا جي هڪ سٽ آهي....

'پريم اسانکي آزاد ڪندو آهي، وقت اسانجي هتيا.'

تہ ڇا اسين 'وقت' کان بچڻ لاءِ پريم جي گود ۾ وڃي ڪرندا آهيون؟

ڪنهن لمحي هن ناول کي لکڻ جو ٻج منهنجي اندر ڪريو، مان نيڪ سان ٻڌائي نٿي سگهان. شايد سالن بعد پنهنجي شهر موٽي اُن کي ڏسڻ جي خيال يا لڳ ڀڳ هڪ غائب پريم جي نندي داستان لکڻ جي چاهنا مونکان هيءُ ڪم ڪرايو.

هن ۾ ٻيون بہ گهڻيون ڳالهيون اچي سگهن پيون، پر مان اوترو ئي رکيو، جيترو ڪنهن بزرگ جي يادگيرين ۾ آهي، جيئن تہ مان مٿي ئي چئي آئي آهيان، هڪ دوري مون هن کان برابر بڻائي رکي آهي.

هن ناول ۾ خاموشي وڌيڪ آهي، ڊائلاگس گهٽ آهن. ٻاهر جو سنسار مٿجي ويو آهي پر اندر اُهوئي آهي. ڪڏهن ڪڏهن هڪ خاص وقت جي ٽڪر تي اسان بيهجي ويندا آهيون ۽ ٻاهر سنسار پنهنجي رفتار سان هلندو رهندو آهي. سنسار جو سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ڪم آهي پريم جي ڪوجنا. بلڪل اُهائي،



جيڪا اسان پهريون دفعو محسوس ڪئي هئي. پر ڇا اِهو ممڪن آهي؟ اسين پوري ڪوشش ڪندا آهيون تہ اِها ڳالهہ سمجهي سگهون تہ هي ممڪن نہ آهي، پر جيڪڏهن پريم کي ڪا سمجهہ هجي ها تہ ڇا 'پريم' 'پريم' هجي ها؟

مونکي لڳاتار پڙهڻ وارن پاٺڪن کي شايد مان هن ناول ۾ اوتري نہ ملان، پر ڪٿي نہ ڪٿي جڏهن درشيہ (منظر) اوجهل ٿي ويندا آهن، ادرشيہ (اڻ ڏٺي) جا پاڇا مونکي پاڻ جهڙا لڳڻ لڳندا آهن ۽ مان اُنهن سان گڏ هلڻ لڳندي آهيان. ڪيترن ئي ٻاهرين حادثن کان بچائي، مون هن ناول کي اندر جي گهٽين ۾ هلايو آهي. ڇو جو اصلي حادثا اندر گهٽجندا آهن، ٻاهر تہ اُنهن جو انجام ڏسڻ ۾ ايندو آهي.

هر ڀيري هڪ نئون ڪتاب ڏيڻ مهل مونکي عجيب گهبراهٽ ٿيندي آهي تہ نہ ڄاڻ پاٺڪن جي اُميد تي ڪري اُترنديس يا نہ؟ حالانڪ گهبراهٽ غير ضروري آهي، ڇو جو هر حساس پاٺڪ ڪتاب جي اڻ ڏٺل گهٽين ۾ پاڻ کي ئي ڳولهڻ لهندو آهي. هي ناول بہ مان توهانجي حساس هٿن ۾ وڏي اعتبار سان ڏيان ٿي، جيئن توهين هن ۾ لکيل لفظن اندر لڪل ارٿن جو پڙاڏو پنهنجي اندر محسوس ڪري سگهو.

ڍولڻ راهي ۽ رکيل مورائيءَ ڀاءُ جو شڪريہ.... شڪريہ.... شڪريہ....

— جيا جادواڻي
رائپور

سُڪل پنن جيان... هوائن جي مزاج تي آهستي آهستي لڏندو... ۽ مان بلڪل اُتي ئي ڪِرڻ پسند ڪندس... هن جي ڪُلهي تي... بي آواز ... جتي هن جون چوٽيون جهولينديون آهن... دل جي قريب ... ۽ خاموش اُتي ئي اٽڪي پوندس ... سندس خوشبوءِ سان لبريز ... پنهنجي هن خيال تي مُون مُرڪي ڏنو.

مٽي ڪئبن ۾ منهنجي ننڍڙي بئگ پيئي آهي.... مون سامان گهٽ ۾ گهٽ آڻڻ چاهيو ٿي، جيئن مان پاڻ وڏيڪ ۾ وڏيڪ اچي سگهان. جڻ ڪو مونکي ڪٽڻ لاءِ سنيري بينو آهي. ڳالهه ڪنهن ٻئي جي تياريءَ جي نہ آهي، ڳالهه صرف ايتري آهي تہ جڏهن توهين پاڻ اندران پڇي راس ٿيندا آهيو، تڏهن توهان ٿڪجي بہ پوندا آهيو ۽ چاهيندا آهيو ڪوئي توهان کي چاٽي ڪائي ڇڏي. پڇڻ پنهنجي بار سان جهڪڻ بہ تہ آهي. هاڻي مان هنجي در تي پاڻ کي رکي ڇڏڻ چاهيان ٿو.

مان ڪراچيءَ جي شاندار ايئرپورٽ کي ڏسي رهيو آهيان.... پري پري بيٺل ڪجهہ جهاز.... سجيل ڌجيل يونيفارم ۾ اُتان جا چست ڪارڪن.... اينڊز ويندڙ ماڻهو.... سامان کڻڻ واريون ننڍيون گاڏيون.... پيو بہ ڪيترو ڪجهہ...؟ جهاز جا ڦيٿا زنوي سان ٽڪرائين ٿا ۽ ’ڪٽ‘ سان منهنجو رت منهنجي مٿي تي چڙهي ٿو وڃي. ڪجهہ ماڻهو، جيڪي اُنهن جي سامهون ڪليل آهي، انکي بند ڪري رهيا آهن، هو جتي پنهنجي ياترا ختم ڪري رهيا آهن، دراصل مان اُتان ئي شروع ڪري رهيو آهيان. مان پنهنجي جذباتي جوش کي سنڀاليان ٿو.... ٿوري نرميءَ سان، ٿورو پيار سان.... پيار...؟ ان جي ڳولها ۾ تہ آيو آهيان هتي.... مان هن سمنڊ تي پُل ٺاهڻ آيو آهيان.... هيءُ سمنڊ جيڪو اسانجي ٻن دنيائن جي وچ ۾ ٺاهيو ويو آهي. هن ۾ نہ ڄاڻ ڪيترين رت سان ٻڏل هانيون تري رهيون آهن.... هن



سمنڊ جو پاڻي ڳاڙهو ٿي ويو آهي.... مان اِن ۾ ڪجهہ گل ڦٽا ڪرڻ چاهيان ٿو.... مان پنهنجي اُجايل خوابن جي خشڪ ڳلي ۾ ڪجهہ ڦڙا پاڻيءَ جي وجهڻ چاهيان ٿو.

پلين بيهجي ويو آهي سيٽ بيلٽ پهرين ئي کلڻ لڳا آهن. ڪئبن جي ڍڪن کولڻ جا آواز اچڻ لڳا آهن. هن مهل تائين آرام سان ويٺل مسافرن ۾ هڪ قسم جي هڙبڙي پيرجي ويئي آهي. مان بہ اُتان ٿو.... شايد منهنجي چهري تي ڪجهہ لهي آيو آهي. مون ڏنو.... پاسي واري مسافر جي مُشڪندي نظر مون تي آهي... مان بہ هنکي ڏسي مشڪان ٿو.... اَڇي سلوار قميص ۽ ننڍي ڏاڙهي.... ڀوُريون اکيون.... گورو رنگ....

’فرسٽ ٽائيم؟‘ هن پڇيو.

’دس اِز ماءِ مدرلئنڊ...‘ منهنجا چپ جيترا ويڪرا ٿي سگهن پيا، ٿي ويا. ڪيتري خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان مان هن وقت؟ هاءِ! ڪنهن پڇيو ئي ڪونہ اڄ تائين، نہ تہ مان ڪيترين ئي ڳالهيون ٻڌائي سگهان ٿو هن جدائيءَ جون؟ دل ۾ آيو تہ هن کي چڪي ڪٽي ڀاڪر پايان تہ هيءُ جيڪو ڌوُ ڌوُ ڪندو جوالامکي آهي اندر.... ٿورو ٺاپر ۾ اچي....

’ڪيترن ورهين بعد موٽي رهيا آهيو؟‘ هن بہ ٿوري دلچسپي ڏيکاري.

مون ٿورو مختصر ۾ ٻڌايومانس... هوُ مشڪندو مونکي ڏسندو رهيو. هو ٿوري جلديءَ ۾ بہ لڳي پيو. هاڻي ٻڌڻ ٻڌائڻ جو وقت نہ رهيو آهي. هاڻي اسين ٻئي کي بس فون تي ئي ٻڌائندا آهيون، هڪ ٻئي جي سامهون ويهي نہ. ڪڏهن مان لکندس هن پريم جو داستان تہ ٿي سگهي ٿو تہ هزارين پڙهن پر جڏهن چوندس، ڪوئي نہ ٻڌندو. هر ماڻهوءَ وٽ پنهنجي ڳنڙي آهي،

پنهنجن دڪن جي ٻُنڙي، جنهنڪي هو بہ ٽڪجي ڪٽي رکي ڇڏڻ چاهي ٿو. رکي پلجي وڃڻ چاهي ٿو. پر مون پنهنجي ٻُنڙي پاڻ وٽ رکي.

ڪراچي ڇڏيندي وقت ڪونہ سوچيو هيم تہ ڇا ڇڏي رهيو آهيان.... ڇا حاصل ڪرڻ لاءِ وڃي رهيو آهيان.... ڇڏڻ ۽ حاصل ڪرڻ، اِهي لفظ منهنجي جيوَن ۾ گهڻو پوءِ آيا.... ان کان پهرين مان سُکي هوس.... نہ ڄاڻڻ جو سُک.... اِها ڳالهہ تہ مان اڄ تائين نہ سمجهي سگهيو آهيان، جن سنڌ ڇڏي، اُنهن ڇا حاصل ڪيو.... يا جيڪي هتي رهجي ويا، اُنهن ڇا وڃايو.... سنڌ بہ اُنهن کي وڃايو آهي.... ڇا سنڌ ڪنهن کي ياد ڪندي آهي؟ ڇا هوءَ بہ ڪڏهن اُداس ٿيندي آهي؟ اِهوئي پڇڻ تہ آيو آهيان مان؟ ڇا ٻين کي رڻارڻ وارا پاڻ بہ رئندا آهن؟ مان تہ سوچيندو ئي رهجي ويس تہ ڪوئي مونکي ڳولهڻ ايندو تہ مان اُنکي پنهنجي سيني سان لڳائي پهرين تہ ڏاڍو رئندس.... پوءِ مُرڪي پڇندس تہ توکي منهنجي ياد اچي ويئي؟ پر ڪوئي ڪونہ آيو. تہ ڇا....؟ نہ، مان اڳتي نٿو سوچڻ چاهيان.

جهاز فرسٽ فلور تي لئنڊ ٿيو هو. اسانکي هيٺ لهڻو هو، پنهنجو ڪئبن سامان پاڻ سان کڻي. گهڻن سان گڏ مان بہ لٿس.... لهندي ئي سيني کان پهرين جهڪي ڌرتيءَ کي پرڻام ڪيم ۽ اُنجو ڇُهاءُ پنهنجي مٿي سان لڳايم. هلندي هلندي ماڻهو بيهجي ڏسڻ لڳا. ڪجهہ ماڻهن جي چهرن تي حيراني، ڪجهہ ماڻهن جي چهرن تي سوال ۽ ڪجهہ ماڻهن جي چهرن تي طنز پريل مُشڪ اچي ويئي. ڪنهن ٻئي جو فڪر ڪرڻ کانسواءِ مان پنهنجن گوڏن تي وينو رهيس، گهرا گهرا ساهہ کڻندو.... ڪڏهن کان.... نہ ڄاڻ ڪڏهن کان مان هتي اچڻ لاءِ هلان پيو ٿو.... پنهنجي اندر.... لڳاتار. آخرڪار توهان اُتي



ئي پهچي ويندا آهيو.... جتي پهچڻ چاهيندا آهيو.... مان ٿوري دير اچا وهڻ چاهيان پيو اُتي.... ٿوري دير اچا.... جيترا ورهيہ، اوترا منٽ. پر تهذيب جي تقاضا اِجازت نہ پئي ڏئي.... آخر اُٿيس ۽ ٻاهر طرف وڌڻ لڳس. ٻاهر کان پهرين جيڪو اندر هو.... اُنکي ڏسي حيران بہ ٿي رهيو هوس.... سجيل ننڍو لائونج.... سجيل ماڻهو.... سامان ٽراليءَ ۾ کڻي ٿا اچن.... سڀ پنهنجو پنهنجو سامان سڃاڻي کڻي رهيا آهن.... پنهنجو پنهنجو سامان؟ ڪٿي ٿا کڻي سگهون اسان پنهنجو سامان؟ ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ ڇُٽي ويندو آهي. هڪ ٻُڪ مان پنهنجي اندر محسوس ڪيان ٿو. پر هلندو بہ رهان ٿو.... ڪجهہ سلوار قميص ۾ ڪجهہ سوُٽ ٽائيءَ ۾ گهمندڙ ماڻهو.... منهنجا ماڻهو.... خوشيءَ سان منهنجون اکيون پرجي آيون. من پيو ڪري.... هڪ هڪ بندي کي پڪڙي پنهنجي سيني سان لڳائي وٺانس. پاڻيءَ جي اُڃ کان بہ گهري هوندي آهي اُن ٻئي ماڻهوءَ جي اُڃ، جيڪا توکي ماريندي نہ آهي، بلڪ ڏيري ڏيري پگهرائيندي رهندي آهي ۽ تون تمام گهاٽو ٿي وَهڻ لڳندو آهين. اسين ڪڏهن بہ نہ ڄاڻي سگهندا آهيون تہ جيڪو وڃائجي ويو آهي، اُنجو ڏک ڪيون يا جيڪو بچي ويو آهي اُن تي اِطمينان. اسين هميشهہ وچ ۾ لُڏندا رهندا آهيون.... گذريل ۽ بچيل جي وچ ۾.

جيڪي چهرا وڃائجي ويا آهن، ڇا اُهي اهڙا ئي هوندا، جيئن مان ڇڏي آيو هوس. وقت ڪيترين صورتون مٽي ڇڏيندو آهي. ها، تہ ڇا مان مٽيل صورتون ئي ڏسڻ آيو آهيان؟ شايد نہ.... سڀ ڪجهہ تہ نہ مٽجندو آهي. صرف آسار ئي مٽجندو آهي.... مان سار ڏسڻ آيو آهيان. ڪيترا پيرا لڳندو بہ آهي، مان پاڻ کي بهلائي رهيو آهيان. تہ ڇا ٿيو؟ ۽ اسين پيو ڇا ڪري رهيا آهيون هن ڌرتيءَ تي پنهنجي دل بهلائڻ کانسواءِ؟

ڪڏهن مانسروور کان عربي سمنڊ تائين پورو علائقو سنڌ ۾ ايندو هو، لداخ، ڪشمير، پنجاب سڀ سنڌ جي ڌرتيءَ جا حصا هئا. قدرت جي پرساد وانگر سنڌ جو پاڻي سيني جي اُڃ مٽائيندو هو. اُن ۾ مهڪنديِ سنڌ جي سنسڪرتي هئي جيڪا ويدن جي روپ ۾ سڄي سنسار ۾ ڦهليل هئي. هاڻي هيءَ سُسي ننڍو ٿي ويو آهي. گهڻا پيرا مان پاڻ کان پڇندو آهيان... اهڙو ڇا آهي جو اِنسان جي پرورتيءَ ۾ آهي ۽ هُو پنهنجن پراڻن ملهن سان اڄ به جيئرو آهي؟ نہ ڄاڻ ڪيتريون سنسڪرتيون تہ ختم ٿي ويون آهن؟

عرب جي ڪاڙيءَ جي ڪپ تي وسيل.... محمد علي جناح جو هيءُ شهر ڪراچي، سنڌ جي راڄڌاني آهي.... مسجدن ۽ مقبرن کان بيپرواهہ، گهڻو پراڻو نہ آهي هي شهر. ان کي انگريزن وسايو، جنهن وقت پاڪستان کي آزادي ملي.... اُن وقت هنجي آبادي محض پنج لک هئي. بندرگاهہ هئڻ جي ڪري هتان جي آبادي تيزيءَ سان وڌندي ويئي. اُن کان مهنو ڪن اڳ انگريزن بلوچستان کي آزاد ڪيو هو.... جنهنجو ڪيس محمد علي جناح وڙهي ڪري کٽيو هو. بدلي ۾ بلوچستان جناح کي 67 ڪلو سون ڏنو، جيڪو سندس سرير جي وزن برابر هو. 1948 ۾ بلوچستان پاڪستان جو حصو ٿيو. بلوچي، مسلمان تہ هو پر پاڪستاني نہ هو. انگريزن جي اچڻ کان پهرين مسلمان بادشاه جو راڄ هو. هندو گهوڙي جي سواري نہ ڪري سگهندا هئا. هُو صرف گڏهہ تي ئي ويهي سگهندا هئا. هلندي وقت هندن کي پنهنجي چوغي سان پنهنجن پيرن جا نشان مٽائڻا پوندا هئا، جيئن مسلمان اُتان لنگهي سگهي. هندو ڪنواريون ڇوڪريون تہ پڇايون ويندون هيون. پر شادي شده عورتون بہ پڇايون ويندون هيون. شيخ اياز جو پيءُ هڪ شادي شده هندو اِستري دادن بائيءَ کي پڇائي گهر وٺي آيو، جنهن جون ٽي ڌيئر هيون.



اُن وقت جو مانَ شانَ وارو وڏو واپاري سيٺ نائون مل هوتچند پوڄواڻي هو.... مسلمانن طئہ ڪيو تہ هن کي مسلمان ٺاهڻو آهي. اُنهن زوريءَ مسلمان ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هن تي وحشاني ظلم ڪيا. نائون مل مسلمان تہ نہ ٿيو پر مسلم راڄ جي خاتمي لاءِ انگريزن سان وڃي گڏيو. انڪري سنڌ جا مسلمان اڄ بہ هن کي غدار چوندا آهن ۽ بلوچي ٽالپُرن کي پنهنجو سمجهندا آهن. نائون مل مسلم ٽالپُرن جو راڄ ختم ڪيو، جيڪي اصل ۾ سنڌ جا نہ بلڪ بلوچستان جا هئا. ڪمپنيءَ هن کي صدر جو علائقو بطور اِنعام ڏنو. ان اُجڙيل علائقي کي دهليءَ جي ڪناٽ پليس وانگر نائون مل ڪٽي سينگاريو. پر ويندي ويندي انگريزن پوري علائقي تي قبضو ڪري ان کي واپس ورتو ۽ نائون مل کي پنج هزار روپيا معاوضو ڏنا. سندس شاهوڪاري ختم ٿي ويئي.... جنهنجي ڪري هنجي پرپوٽي سي.ڪي. پوڄواڻيءَ گهڻي غريبيءَ جا ڏينهن گذارڻ بعد 1990 ۾ آتم گهات ڪيو. هُو بمبئيءَ ۾ شيام نواس بلڊنگ جي پاسي واري بلڊنگ ۾ رهندو هو، جتي منهنجو بہ فليٽ آهي. سندس پٽ ايئرفورس ۾ آفيسر هو ۽ 1962 جي لڙائيءَ ۾ شهيد ٿي ويو هو. سندس ڌيءُ جي شادي امريڪا ۾ ٿي هئي. هنجي موت کان پوءِ سندس زال ستي پنهنجي ڌيءُ وٽ امريڪا هلي ويئي.

نائون مل تي ٽالپُرن جيترا ظلم ڪيا، اُنجو سچو سماچار هُو لکي ويو هو.... جنهنجي ڪٽ ڪاپيءَ سنڌي مسلمانن اُنکي شايع ڪرايو آهي. اصلي ڊائري سي.ڪي. پوڄواڻيءَ جي بمبئيءَ ۾ رهندڙ سؤٽ وٽ آهي، جيڪا هوءَ پهرين تہ ڪنهنکي ڏيڻ نہ پيئي چاهي. وري مون پڌو تہ اُها ڊائري اِنٽرنيٽ تي موجود آهي.

تہ سنڌ وارن کي بہ جوش چڙهيو. جڏهن سنڌ جي اسيمبليءَ ۾ هڪ بل پاس ڪري سنڌي ٻوليءَ کي صوبي جي سرڪاري ٻولي ڄاڻيو ويو تہ اُنجي خلاف سنڌي اديب اُٿي بيهي رهيا. شيخ اياز اُنهيءَ وقت سنڌ جي ٻچي ٻچي جي زبان تي هو. حميد سنڌي اُن وقت هر پندرهين ڏينهن هڪ مئگزن ڪڍندو هو، اُن ۾ شيخ اياز جي قومي شاعري ڇپيندو هو، هن مئگزن شيخ اياز کي ٿهائين گهڻو پاپيولر ڪري ڇڏيو. پوءِ سرڪار هي قانون رد ڪري ڇڏيو.

مان رستي جا نظارا ڏسي رهيو آهيان.... ڏسندو ڇا، پيئندو ٿو وڃان.... جيئندو ٿو وڃان.... جڏهن مان صدر بزار پهتس تہ رات جا آٺ وڃي رهيا هئا. چؤطرف گهماگهمي هئي.... دڪانن ۾ چهل پهل.... صدر بزار دهليءَ جي ڪناٽ پليس جو هڪ ننڍو روپ آهي. پٽر جون نهيل بلڊنگس، اُن ۾ سيميٽ جو اِستعمال گهٽ ٿيندو هو. ڪراچيءَ جون بزاريون بيحد مشهور آهن.... صدر بزار، صراف بزار، جينب بزار، بوهري بزار، برنٽ گلي.... رات ٻارهين بجي تائين گراهڪن جا گلزار رهندا آهن.... بُرقعہ هتي بين شهرن جي مقابلي گهٽ ڏسڻ ۾ ايندا آهن.... مڙد سلوار قميص ۽ عورتون سلوار ڪڙتيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. صدر جا ڪيترا دڪان ڀارت جي شهرن جي نالي تي آهن.... جيئن دهلي سويٽ هائوس، اَمبالا سوئيس يا دهلي ڪباب. مان ڪافي دير اُٿي ئي ويهي بزار جي رونق ڏسندو رهيس.

پوءِ هڪ حولدار کي پڪڙيم ۽ چيومانس.... ”مونکي سؤ روپين تائين هڪ روم کپي.... ڇا منهنجي مدد ڪري سگهو ٿا؟“

هن چيو، ”هي جيڪي لائين سان هوٽل ڏسڻ ۾ اچن ٿا، سيني ۾ سؤ روپين ۾ روم ملي ويندوَ.“

مان هڪ هوٽل ۾ چڙهيس. پاسپورٽ وغيره ڏيکاريومانس تہ مونکي اسي روپئي ۾ هڪ روم ملي ويو. اندر ڪمري ۾ پهتس تہ هندستاني هيرو هيروئنس جا پوسٽر لڳل هئا.... اُنهن کي ڏسندي ئي مونکي پنهنجي هڪ دوست طارق اشرف جي ياد اچي ويئي.... هو اڪثر بمبئيءَ ايندو هو. ناز سئنيما جي پاسي مان هيرو هيروئنس جا پوسٽر خريد ڪري وٺي ويندو هو.... گڏوگڏ ايڊٽ يا خارج ڪيل فلمن جا ٽڪر بہ ڪٽي ويندو هو... جيڪي هو پاڪستان وڃي وڪڻندو هو. سئنيما وارا، فلمن جا ٽڪر جوڙي پندرهن ويهن منٽن جي هڪ فلم ڏاهيندا هئا، جيڪا پاڪستاني فلمن سان گڏ ڏيکاري ويندي هئي. ان ڪارڻ پاڪستاني فلمون خوب هلنديون هيون.

اُن وقت تائين ويڊيو ڪونہ آيو هو ۽ هندي فلمن جي پهچڻ جا موقعا پاڪستان ۾ ڏاڍا گهٽ هئا.... 1965 تائين ويزا سسٽم بہ نہ نهيو هو. ماڻهو آرام سان ايندا ويندا هئا. هندستان جي ٽرين جون پاسون هتي بہ هلنديون هيون.

طارق اشرف جي ڪهاڻي بہ ڪافي دلچسپ آهي. سنڌ حيدرآباد ۾ رهندي اُتان ’سهڻي‘ نالي مئگزن ڪڍندو هو. هنجو نڪاح نہ ٿي ٿيو. نڪاح ڪرڻ هڙ هندستان آيو هو. هتي هنجو نڪاح تہ ٿي ويو، پر پوءِ اُن ڇوڪريءَ سان هنجي نہ ٻڌي ۽ طلاق بہ ٿي ويو. طلاق بعد اُها ڇوڪري هندستان موٽي آئي. هن ٻيو نڪاح بہ ڪري ورتو. گهڻو وقت گذرڻ بعد جڏهن طارق کي محسوس ٿيو تہ ڇوڪريءَ سان هن ظلم ڪيو آهي تہ طارق پنهنجي هڪ دوست کي چٺي لکي موڪلي اُن ڇوڪريءَ جي نالي، ۽ چوايو تہ مونکان جيڪا پل ٿي هجي، معاف ڪجانءِ. دوست جڏهن چٺي کڻي اُن ڇوڪريءَ وٽ ويو تہ هن ٻيون بہ گهڻيون سنيالي رکيل گهڻيئي چٺيون دوست کي ڏيکاريندي

چيو، ’هي چنيون پڙهو، هيءُ ماڻهو معاف ڪرڻ لائق نہ آهي. وري بہ توهين چئو ٿا تہ مان هنڪي معاف ٿي ڪيان‘ ۽ هن سڀ چنيون ڦاڙي ڦٽيون ڪري ڇڏيون. عورت جي دل مڙد جي دل کان هر حال ۾ وڏي هوندي آهي. گهڻي موڪرائي آهي اُن ۾.

مان ڪافي دير ٿڌي پاڻيءَ سان سنان ڪندو رهيس.... سمورو ماضي اوچتو منهنجي سامهون اچي بيٺو آهي. سموري پاڪستان جو ماضي.... سموري سنڌ جو ماضي.... اُنهن پيارن شهرن جو ماضي ۽ خود منهنجو ماضي.... ايترا سال مان هنڪان اکيون چورائيندو رهيو آهيان. اڄ مان کليل اکين سان هنڪي ڏسڻ چاهيان ٿو.... مان چاهيان ٿو، هي سڀ مون ۾ پيهي وڃي. جنمن جو ٿڪ پاڻيءَ سان گڏ وَهي رهيو آهي.... هاڻي مان ڪجهہ بهتر محسوس ڪري رهيو آهيان. تيار ٿي هيٺ لٿس تہ بزار بہ ڏسان ۽ ماني بہ کائي وٺان. آسي پاسي ڏسندي ڏيري ڏيري چهل قدمي ڪرڻ لڳس.

هڪ اوپن ريسٽورينٽ جي سامهون پهچي چؤطرف ڏسي ڪنهن کان پڇيم... ’ڇا هتي ويشنو ماني ملندي آهي؟‘ ٽيبل تي گلاس پيا هئا. سڀ گلاس جوٺا آهن، مونکي خبر آهي. جوٺي گلاس ۾ پاڻي پيئڻ سان پاڻ ۾ پريم وڌندو آهي، اِها هتان جي عام مڃتا آهي. هن زمين تي پاڻي پيئڻ کان پهرين گلاس ڌوئڻ جو رواج نہ آهي، شايد انڪري هيءَ دليل ٺاهي ويئي آهي.

’ملندو سائين....‘ هن مونکي وهڻ جو اِشارو ڪيو. مون ڏٺو جيڪو چمچو هؤ ويهہ جي ننڍي سپريءَ ۾ واپرائي رهيو آهي، اُهو ئي نانويهہ جي وڏي سپريءَ ۾ بہ....

’ٺورو بيهو.... مان ٿورو گهمي ڦري اچان ٿو‘ مون جلديءَ ۾ چيو ۽ اُتان نڪري پيس. ڪاڏي جا نہ ڄاڻ ڪيترا ريسٽورينٽ منهنجي سامهون هئا، پر ڪٿي وهڻ جو من نہ پيو ٿئي. گهڻي



دير بي مقصد گهمندو رهيس ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جا آواز ٻڌندو رهيس، شور گهڻو هو.... ٽرئفڪ جو.... ايندڙ ويندڙ ماڻهن جو.... ۽ نہ ڄاڻ ڪيترن قسمن جو. هوا ۾ ڪاڏي ۽ ماڻهن جي خوشبوءِ هئي.... اُنهن جي پريم، پگهر ۽ پئسن جي ڏي وٺ جي. مان ڪڏهن اُنهن کي پرتي کان ٿو ڏسان.... ڪڏهن ويجهڙائپ کان....

ڪافي دير اُتي ئي گهمڻ ڦرڻ کان پوءِ مان سوامي نارائڻ مندر جو رستو پڇڻ لڳس. پڇا ڳاڇا بعد مندر جي لوڪيشن خبر پيئي. هڪ آٽو پڪڙي اُن ۾ ويهي رهيس. پاڻ کان ٻاهر نڪري ِپري پري تائين وڃايل اُنهن روڊن ۽ گهٽين کي ڏسان ٿو، جيڪي ڪڏهن تہ توکي گهڻو پرتي وٺي ويندا آهن ۽ ڪڏهن گول گول گهمائيندا اُتي ئي ڇڏي ويندا آهن، جتان تو هلڻ شروع ڪيو هو. پر ڇا ڪو نيڪ ٺاڪ ٻڌائي سگهي ٿو تہ ڪٿان هلڻ شورع ڪيو هو؟

سوامي نارائڻ مندر جي بلڊنگ بہ سؤ سال پراڻي آهي.... هي مندر هڪ قلعي وانگر آهي.... جنهنجي چؤطرف ننڍا ننڍا گهر ٺهيل آهن.... جيڪي لڳ ڀڳ سؤ تہ هوندا. هي ڪمرا مسافرن جي لاءِ ٺاهيا ويا آهن، رنڌڻي سان گڏ. ماڻهو چاهينِ تہ پنهنجي ماني پاڻ ٺاهي سگهن ٿا يا لنگر ۾ ئي کائي سگهن ٿا. ڪجهہ ڪمرن ۾، مندر ۾ رک رکاوَ ڪرڻ وارا ڪرمچاري بہ رهندا آهن.

مکيہ دروازي جي ويجهو سوامي نارائڻ مندر آهي.... 1980 ۾ مندر جي پوڄاريءَ هڪ وڏو ڪمرو هڪ مسلمان کي وڪيو ۽ پاڻ هندستان ڀڄي ويو.... پوءِ هن ڪمري ۾ هڪ هوٽل شروع ٿي ويئي.... جتي اڄ ڪلهہ ماس بہ وڪيو ويندو آهي....

هن وقت مان سوامي نارائڻ مندر جي ڏاڪڻ تي وينو آهيان.... هيءَ ڏاڪڻ چڙهندي چڙهندي مان وقت جي ڏاڪڻ

لهندو ويس. گذريل وقت جي سپ کان هيئنئين ڏاڪي تي آهيان مان. هڪ ڏاڪڻ تَنَ کي مٽي تي کٽي وڃي.... ٻي ڏاڪڻ من کي هيٺ ٿي لاهيندي وڃي.... عجيب حال ۾ آهيان.... ڪوئي ٻنهي پاسي ڳهلي پيو ٿو....

ڪيترائي ڀيرا پاڻ کان پڇيو آهي.... آخر هن ڌرتيءَ ۾ اهڙو ڇا آهي جو مان ايتري ڇڪ محسوس ٿو ڪيان؟ ڇا؟ ويد؟ گيان؟ پر ان کان به پهرين اگيان هوندو.... گيان ۽ اگيان کي به ته شروعات نٿو چئي سگهجي.... اُن کان پهرين بد اِنتظامي هوندي. گيان ۽ اگيان جو وجود صرف بداِنتظاميءَ ۾ ئي ممڪن آهي. پر بداِنتظامي به شروعات نه آهي، بداِنتظاميءَ کان پهرين ڇا هو؟

وگيان ٻڌايو آهي.... ڌرتيءَ تي جيوَ جو آغاز اُتري قطب تي ٿيو. لـڪين ڪروڙين سال پهرين. اُن وقت اُتري قطب سنڌ جو تلڪ هو.

وگيان اِهو به ٻڌائي ٿو ته ڪابه لڪير سڌي نه هوندي آهي. جيڪا لڪير سڌي ڏسڻ ۾ ايندي آهي، اُها به ڪنهن گولاڪار جو حصو آهي. هر شيءِ جڙن طرف موٽڻ چاهيندي آهي. سنڌ به گيان اگيان جي افراتفريءَ طرف موٽي رهي آهي. صحيح غلط ڪوئي نٿو ڄاڻڻ چاهي. صحيح، غلط لـڳندو آهي، غلط، صحيح لـڳندو آهي.

اُن وقت شايد مان پنجن يا ڇهن سالن جو هوندس.... اسانجو سڄو ڪٽنب ڀڦيءَ جي شاديءَ ۾ شڪارپور کان ڪراچيءَ آيو هو. هن مندر جي پنيان ٺهيل مسافرخاني ۾ اسانجي رهڻ جو بندوبست هو. مهمانن جي دل جوئيءَ لاءِ هتي راس ليلا جو پروگرام رٿيو ويو هو. اُن وقت مان گول مٽول، گورو گورو، ٻاڙهو



ٻيرو هوندو هوس. راس ليلا ۾ ڀڳوان شري ڪرشڻ جي رول جي لاءِ اهڙو ئي ٻار کپندو هو. اُنهن منهنجي منهن تي ڪارو رنگ ٿڦي، ڪرشڻ جا ڪپڙا پائي، مرلي هٿ ۾ ڏيئي بيهاري ڇڏيو هو. مان مور مُڪٽ پائي مرلي وڄائي خوش هوس. ايندڙ ويندڙ هر ڪوئي منهنجي ڳٽن تي ٿڦڪي ڏيندو ٿي ويو ۽ مان بنسري وڄائي رهيو هوس. وڄائي ڇا، بس ڦوڪي رهيو هوس.هونئن به اڪثر مان ڏاڏي جي، هردوار مان آندل بنسري وڄائيندو هوس. جڏهن اسين سپ ٻار ريل گاڏي راند کيڏيندا هئاسين ته بنسري مون وٽ هئڻ جي ڪري مان ئي اِنجڻ ٺهندو هوس. ڪجهه خاص هئڻ جو مضبوط احساس ڪنهن لمحي توهانجي اندر گهڙي ويندو آهي، اِهو توهان پاڻ به ڪڏهن ڄاڻي نه سگهندا آهيو. ماڻهو نچي رهيا هئا.... پنهنجي مستيءَ ۾.... ڪجهه ته هوش ۾ نچندا آهن ۽ ڪجهه ڪنهن اڻ ڄاتل طاقت جي زور سان.... ديهه جو خيال ڀلجي ويندو آهي.... من به ڀلجي ويندو آهي.... ۽ ڪجهه لمحا هڪ عجيب بيهوشيءَ ۾ گذري ويندا آهن. ان ٻار جي بنسري اڄا به منهنجي ذهن ۾ موجود آهي، جنهنکي پوءِ مان ڪڏهن وڄائي نه سگهيس. وقت، ان ٻار جي بنسري ڦري ورتي.

اوچتو مونکي منهنجو دوست ياد اچي ٿو وڃي. شڪارپور ۾ اسانجي گهر جي سامهون لڏو چاٻڙيا رهندو هو. هو مونکان ٻه سال وڏو هو ۽ اڪثر منهنجي خوشامد ڪندو هو بنسريءَ لاءِ، جيڪا مان کيس ڏيئي ڇڏيندو هوس. شڪارپور ڇڏڻ جي ڪيترن ورهين بعد 1967 ۾ جڏهن منهنجي هن سان بمبئيءَ ۾ ملاقات ٿي هئي ته هو سٺو سنگيتڪار ٺهي چڪو هو. بنسريءَ جي پريم ئي هنجي راهه روشن ڪئي هئي. هن نه ڄاڻ ڪيترين فلمن ۾ ميوزڪ ڏنو. هاڻي هنجو نالو سي. لڪميچند هو.

هوندي. هنن ۾ بہ ڪجهہ اِنهيءَ طرح جا ريس ۾ ڇُٽي ويل ماڻهو آهن. ماردِنٽي جن جو ڪجهہ ڏاهي نہ سگهي آهي.

اُنهن جون ڳالهيون شروع ٿي ويون. هوُ ’حال‘ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن، مان ’ماضيءَ‘ ۾ ڀٽڪي رهيو آهيان. اُنهن جي اندر بدتر ٿيندڙ سياسي حالتن جون چنتائون هيون. اُنهن مان گهڻن کي لڳي پيو تہ جيڪڏهن ٻارن جو مستقبل ناهڻو آهي تہ اُنهن کي هتان ڪڍڻو پوندو. هوُ ٻاهر وڃڻ جون ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ مان اندر اچڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس. هوُ انهن ڳالهين بابت ڳالهائين پيا، جيڪي زندگيءَ مان پيدا تہ ٿينديون آهن پر زندگي جنجي پڪڙ کان ڇُٽي ويندي آهي. مونکي چٽي ويل اُهي ڳالهيون ياد آهن، جنجو هٿ زندگيءَ زور سان پڪڙي رکيو آهي ۽ هوءَ نٽي چاهي هيءُ هٿ ڪڏهن ڇلي. هي تہ مري ڪري بہ وري جنم وٺنديون آهن.... بنا ڪنهن شور شرابي اُهي اندر پيئون هونديون آهن. ڪنهن سُڪل ٻج جيان.... ورهين جا ورهيہ.... پوءِ ڪنهن بارش جي ڏينهن سطح کان مٿي اچي وينديون آهن ۽ جڏهن بہ اسان اُنجي ٽار تي ڪو گُل ڏسندا آهيون، اوچتو ٻيهجي ويندا آهيون. هي گل اسانکي ياد ڏياريندو آهي تہ ٻج ڪٿي ڪريو هو؟

سوچيان ٿو تہ جنت جهڙي ڌرتيءَ کي ڪيڏو بدرنگ بدزيب ناهي ڇڏيو آهي، جو اسين هاڻي پاڻ بہ هن تي سڪوُن سان نٽا رهين سگهون؟ مان هن بيابان ۾ گل پوکڻ آيو آهيان. تہ ڇا مونکان پهرين ڪوئي نہ آيو هوندو؟ آيا آهن نہ ڄاڻ ڪيترا پِير بيغمبر، هر هر هن ڌرتيءَ تي، پر اُنهن جي لڳايل گلن کي بہ ماڻهن رت سان سنان ڪرايو آهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪو گل هنن کان بچي بہ ويندو آهي، جيڪو بلڪل دل جي اندر لڪي ٽڙندو آهي. مان ڪنهنکي پنهنجو گل نہ ڏيکاريندس.



ايتري ۾ اندران ڪاڏي جي ٿالهي اچي ويئي.... ڪڙهي چانوَر، ڦلڪا ۽ آلو، بغير ڪجهہ چئي مان کائڻ لڳس.... مونکي سچ پچ ڏاڍي بُک لڳي هئي.... ڪجهہ ٻڪوُن ٻاهران ڏسڻ ۾ نہ اينديون آهن، پر اُنهن جون پاڙون اسانجي گهڻو اندر هونديون آهن.... ٻاهران تہ اسين انهن کي وساري بہ سگهون ٿا، پر اُهي اسانکي نہ وساريندون آهن. اُهي سختيءَ سان اسانکي پڪڙي رکنديون آهن.... مان هر گرهہ کي پنهنجي اندر لهندو محسوس ڪريان ٿو. هنن جي ڳالهہ ٻولهہ جاري هئي، پر مان ڪجهہ بہ نہ ٻڌي رهيو آهيان. هيءَ ماني مان ڪيترن ورهين بعد کائي رهيو آهيان. مون پنهنجي پهرين مهمان نوازيءَ جو ڀرپور لطف ماڻيو.

جڏهن هوُ منهنجي خالي ٿالهي کڻي ويا تہ مان اُنهن سان ڳالهائڻ لڳس ۽ پنهنجن واقفن بابت پڇڻ لڳس. اُنهن جي نئين ائڊريس نوٽ ڪئي. صرف هڪ ائڊريس هوُ نہ ٻڌائي سگهيا، جتي مون کي پاڻ پهچڻو هو. سچ تہ اهوئي آهي مان نيڪ سان پڇي بہ نہ سگهيس. جنهن ائڊريس کي ڳولهڻ مان هندستان کان هليو آهيان، اُها تہ خود مون وٽ بہ نہ آهي.

مون اُنهن کان اُٿڻ جي اِجازت گهري.

رات ساڍي يارهين بجي مان پنهنجي هوٽل پهتس.

هي هڪ ’احمدي مسلمان‘ جو هوٽل آهي. پاڪستان ناهڻ ۾ هنن جو خاص رول هيو پر هي ’الله‘ لفظ نٽا چئي سگهن. مسجد کي مسجد نہ، عبادت گاهہ چوندا آهن، ’نبي‘ ۽ ’مئسينجر‘ جو جهيڙو وڌي ويو آهي. عام سُني مسلمان چوندو آهي ـ ’جيڪڏهن توکي ڌرتي ۽ مذهب مان ڪنهنکي چونڊڻو پوي تہ تون مذهب کي چونڊجانءِ. ڌرتيءَ جي موهہ ۾ نہ ڦٽجانءِ. ڇو جو سموري ڌرتي الله جي آهي.‘ احمدي چوندا آهن ’ڌرتيءَ

جي ملڪيت جي لالچ نہ ڪيو.‘ نہ ڄاڻ ھنن ٻنھي ڳالھين ۾ ڪھڙو فرق آھي جو اِنساني منطق ختم ٿي ويو.

ايترو ٿڪل ھوس پر ننڊ نہ پئي اچي.... نظارا اندر ان طرح پيا ھلن ڄڻ تہ ڪيترين ئي فلمون گڏ ڏسي اُٿيو ھجان ۽ ھاڻي سڀ رِل مِل ٿي ويو آھي. ڪنھن کي پھرين ڏسان، ڪنھن کي پوءِ؟ ھن صورتحال جو ذميوار ڪنھنکي مڃان؟ ھاڻي تہ ھي سڙُ ايترو پراڻو ٿي ويو آھي جو روڳي بہ گھر آيل مھمان کان ھن روڳ جو ذڪر نٿو ٻڌڻ چاھي. ڪا ٻي ڳالھہ ڪر يار، ھو چئي ٿو. جنھن روڳ جو علاج خود ماڻھوءَ وٽ ئي آھي، لڳل آھن اُنجو علاج ڪرڻ سڄي دنيا جا ڊاڪٽرس ۽ فلاسافرس.

’ھاڻي تون چپ ڪر.‘ مون پاڻ کي زور سان چيو ۽ چادر مٿي تائين تاڻي ورتي.

ٻئي ڏينھن صبح ساڍي نوين بجي تيار ٿي ھوٽل جي رسيپشن تي جمع پاسپورٽ واپس وٺڻ پھتس، جيئن مان پنھنجي پاڪستان ’پھچ‘ جو اِطلاع پوليس اِسٽيشن ۾ درج ڪرائي سگھان. ھي 1979 جو سال آھي، جڏھن مان ھتي اچي سگھيو آھيان. ان کان پھرين مون صرف اچڻ جون ڪوششون ڪيون پر فرصتن ساٿ نہ ڏنو. ھن ڀيري بہ منھنجي ويزا ونڊو تي ئي رجيڪٽ ٿي ويئي ھئي. مان ڪامرشيل سيڪريٽري مسٽر ڪي.ڪي. سوريءَ وٽ پھتس. مون اُنکي چيو تہ مونکي سوات وڃڻو آھي، ڪجھہ اِمرلڊ خريد ڪرڻ. مان پاڻ سان گڏ سڄي فائيل کڻي ويو ھوس، جيئن ھو اعتبار ڪري سگھن تہ مان واقعي بزنيس ئي ڪرڻ وڃي رھيو آھيان. مون کان سڄي پڇا ڳاڇا ڪرڻ کانپوءِ مان کين اعتبار جوڳو لڳس ۽ اُنھن منھنجي ايپليڪيشن لڳائي ڇڏي. مونکي ڪراچي، لاھور ۽ اِسلاماباد جي ويزا ملي ويئي.



پوليس ۾ پنھنجي ’پھچ‘ درج ڪرائڻ، پاڪستان ۾ ھر ھندستانيءَ لاءِ ۽ ھندستان ۾ ھر پاڪستانيءَ لاءِ ضروري آھي. ڪالھہ ڪراچي ايئر پورٽ تي اميگريشن وارن اميگريشن فارم ڀرائڻ مھل ڪيترائي سوال پڇيا ھئا. اُنھن مان ھڪ سوال منھنجي ڌرم سان وابستہ ھو تہ مان ھندو آھيان، مسلمان آھيان يا احمدي آھيان. جنھنجي جواب ۾ مون ھندو لکيو. ھي سوال ھر جڳھہ نہ، بلڪ صرف اُنھن جڳھين تي پڇيو ويندو آھي، جتان جي قوم ھڪ مقرر گھيري ۾ گھمنديِ آھي. اھوئي سوال اِزرائل ايئرپورٽ تي بہ مون کان پڇيو ويو ھو. منھنجي پاسپورٽ تي منھنجو جنم اِستان ’شڪارپور پاڪستان‘ درج آھي. 1966 ۾ مان اِزرائل ويو ھوس. اُن وقت مون وٽ اِزرائل جو پاسپورٽ نہ ھو. پر اسان جويلرس کي پنھنجو ڏنڊو ڪرڻو ھوندو آھي تہ اسين ويندا آھيون. اسانکي ھڪ ڪاڳر تي ويزا ڏني ويندي ھئي، اُھو ئي ڪاڳر ڏيکارڻو پوندو ھو. ڪيرتي لعل مھتا ڏاڍو وڏو ڊائمنڊ مرچينٽ ھو، ازرائل ۾ رھندو ھو ۽ اُتي ئي ھنجي آفيس ھئي. ڪيرتي لعل مھتا، مورراجي ديسائيءَ جو گھرو دوست بہ ھو. مان اُنھيءَ ذريعي ڊائمنڊ خريد ڪندو ۽ وڪڻندو ھوس. منھنجو پاسپورٽ ڏسندي اُتان جي اميگريشن آفيسر مون کان سنڌيءَ ۾ پڇيو ....

’ڇا تون پاڪستان کان ڀڄايل ھندستاني شھري آھين؟‘

سنڌيءَ ۾ ھي سوال ٻڌندي ئي مان ڪجھہ دير سندس منھن جي طرف ڏسندو رھيس... ھونئن تہ يار تنھنجو منھنجو رشتو ڳلي لڳڻ جو آھي، پر تو جيڪو سوال ڪيو آھي، پھرين اُنجو جواب وٺ.

جڏھن مان پئدا ٿيو ھوس، نہ پاڪستان ٺھيو ھو، نہ پاڪستان جو تصوُر ڪنھنجي دماغ ۾ ھو. مان تہ جنم کان ھندستاني

آهيان.... اُن وقت جا سڀ ماڻهو جنم کان هندستاني آهن. پيو تہ پيو توهانجو سڀ کان وڏو ليڊر محمد علي جناح بہ هندستاني آهي. مون هن کي سنڌيءَ ۾ جواب ڏنو.

هو ڪجهہ دير اچرج سان منهنجو چهرو ڏسندو رهيو، پوءِ نہ ڄاڻ ڇا سوچي چيائين....

'مان بہ تہ ڪراچيءَ ۾ پيدا ٿيو آهيان، منهنجا ماءُ پيءُ بہ. منهنجو سمورو ڪٽنب سالن کان ڪراچيءَ ۾ ئي رهندو آهي. تہ ڇا مان پاڻ کي هندستاني چئي سگهان ٿو؟'

'بلڪل.... توهين بہ هندستاني آهيو ۽ اهائي ڳالهہ توهان پنهنجي دل سان قبول ڪيو. توهانکي صرف اِهو ئي قبول ڪرڻو آهي تہ سڀ مذهب برابر آهن. اُنهيءَ قبوليت سان ئي سڀ مذهب اُن هڪ سچ طرف وٺي ويندا آهن، جنهن کي اسين 'حق' يا 'حقيقي' چوندا آهيون. هونئن بہ اسين 'جو' آهيون. 'سو' آهيون. مذهب تہ 'چولو' آهي، جيڪو جنم کان ئي اسانکي پهرايو ويندو آهي. اسانجي ابوجهپڻي ۾ ئي. ڏسو نہ، جيڪي ڳالهيون وڏي اهميت ٿيون رکن اسانجي جيون ۾، اُهي اسين پاڻ نہ چونڊيندا آهيون.... پنهنجا ماءُ پيءُ، پنهنجو وطن، ڌرم، قوم، زمين، ماحول، ياءُ پيڻ ڪجهہ بہ تہ نہ. مان ڪيترا ئي پيرا سوچيندو آهيان، اسانکي اُنهن ڳالهين لاءِ ڏوهي سمجهيو ويو آهي، جيڪي اسان ڪيون ئي ڪونہ آهن. پر اسين بہ تہ هن چولي جي سچ کي ئي پنهنجو سچ سمجهي وينا آهيون.'

هو وڏي ڌيان سان مونکي ٻڌي رهيو آهي....

'اسان يهودين کي پڄائي ڇڏيو، نتيجي طور هو سڄي دنيا ۾ پکڙجي ويا. توهانکي خبر ئي هوندي تہ ڪيترا ئي يهودي اڄا تائين ڪلڪتي ۽ بمبئيءَ ۾ بہ رهندا آهن. بمبئيءَ جي



هڪ علائقي ۾ يهودين جي هڪ وڏي ڪالوني آهي. اسانجي جويري بزار ۾ بہ يهودي پائر اڄا تائين جويلرس جو ڌنڌو ڪندا آهن. هندستان جي 'آن' فلم جي هيروئن نادرا يهودي ئي تہ آهي. هنجو پتي، جيڪو مسلمان هو، جڏهن هندستان ڇڏي پاڪستان هليو ويو تہ هن پنهنجي پتيءَ کي ئي ڇڏي ڏنو.

'اوهو.... اوهان وٽ تہ ڪافي شاندار جانڪاريون آهن...'

هو مون کان متاثر ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو آهي.

'ها.... اِنڪري جو هنجو پتي منهنجي پسنديده شاعرن مان هڪ آهي. پر افسوس پاڪستان ويندي ئي هنجي شاعري مري ويئي. سوچڻ ۽ جيئڻ جو فرق اسانجي اندر جي ڪلاڪار کي ماري ڇڏيندو آهي.'

'مان چاهيان ٿو.... توهين هڪ ڀيرو منهنجي والد صاحب سان ضرور ملو. هنن کي صرف سنڌي ايندي آهي. هوُ پاڪستان جي لڪي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيا آهن. هنن سان ملندءُ تہ هنن جي اڪيلائپ دور ٿيندي. هنن کي خوشي ٿيندي تہ هنن جي ڳوٺ مان ڪو هنن سان ملڻ آيو آهي. هنن جي روح کي راحت ملندي. ٿوري دير هوُ بہ پنهنجي ٻولي ماڻيندا.'

'توهانجا والد صاحب؟'

'ها.... هوُ آسي سالن جا آهن. پنهنجي لڪي ڳوٺ کي گهڻو ياد ڪندا آهن. ڳوٺ ۾ سڀ هنن کي يعقوب جي نالي سان سڏيندا آهن، پر هنن جو اصلي نالو جوزف آهي. اُتي اسانجو هڪ راشن جو ننڍو دڪان هوندو هو ۽ ڇهہ سائيڪلون بہ، جي اسين ڀاڙي تي ڏيندا هئاسين.'

'لڪي ڳوٺ تہ سکر جي ويجهو آهي. اُتي سکر جو ايئر پورٽ بہ آهي.'

'سر.... مان چاهيان ٿو.... اڄ جي رات توهين مون سان گڏ هلو. هونئن به جُمعي هجڻ جي ڪري اڄ سڀ بند آهي. توهانجي وڏي مهرباني ٿيندي.'

مان 'نه' نه ڪري سگهيس. هن بس هڪ فون ڪيو، منهنجو هڪ ننڍو بئگ ڪٽائي ڪار ۾ رکايو ۽ مونکي پاڻ سان پنهنجي گهر وٺي ويو.

اسين هنجي گهر پهتاسين. سندس زال دروازو کوليو. هن منهنجي واقفيت ڪرائي ته هن خوشي ظاهر ڪئي. رسمي دعا سلام بعد هو مونکي پنهنجي والد جي ڪمري ۾ وٺي ويو. هڪ ننڍو ڪمرو ۽ هڪ هنڌ تي هڪ سنهي دُٻري ديهه ليٽيل هئي. اسين اُنجي ويجهو وياسين.... هوُ آهستي آهستي اُٿي ويهي رهيو ۽ اکيون کولي اسان کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو.

'بابا، هنن سان ملو.... هي سنڌي آهن.... توهان سان ملڻ آيا آهن.'

منهنجي ايتري سڃاڻپ ئي ڪافي آهي.... مون مشڪي ڏنو. اُنهيءَ لمحي مون محسوس ڪيو، لفظ خالي هوندا آهن. اسين پنهنجي اعمالن ۽ احساس سان اُنهن ۾ معنيٰ ڀريندا آهيون. ڪڏهن هڪ سنڌي لفظ اسانجي لاءِ شرم جي علامت هو. اسان ڊيري ڊيري اِن ۾ پنهنجا ارٿ ڀريا، پنهنجو فخر ۽ ايمان ڀريو، پنهنجي فخر لائق زمين ۾ دٻيل اِتهاس کي ٻاهر ڪڍي، اُنکي سندس پيرن تي بيهاريو. هيءَ اسانجي سموري جاتيءَ جي اِمتحان جي گهڙي هئي. جنگ صرف ٻاهرين ئي نه، وجود جي سڃاڻپ جي به هئي. هيءَ مقابلو اسان وڏي خودداريءَ سان ڪيو. ڳالهه هار يا جيت جي نه آهي، اصل ڳالهه اِها آهي ته اسين پنهنجي 'وجود' کي سڃاڻي سگهياسين.... پوري شدت سان.... ۽ پنهنجي حق ۾ اُٿي بيناسين.



'سنڌي' لفظ ٻڌندي ئي هنجي چهري تي خوشيءَ جي لهر اچي ويئي. هوُ مشڪل لڳو ۽ پوءِ پٽ جي هٿ جو سهارو وٺي اُٿي بيٺو ۽ مون سان هٿ ملايائين. بيحد نرم ۽ ٿڌو هٿ. مان ڪجهه دير پنهنجي اندر اُنجي ملائميت محسوس ڪندو رهيس. ڪمري ۾ رکيل ڪرسيءَ تي هن کي ويهاري ڇڏيو ويو. تيستائين هن جي نونهن منهنجي لاءِ به هڪ ڪرسي کڻي آئي هئي. سنڌيءَ ۾ اسانجي گپ شپ شروع ٿي ويئي. هن ٻڌايو ته 1947 کان پوءِ هو ڪنهن به سنڌيءَ سان نه گڏيو آهي، نه وري سنڌ وڃڻ جو موقعو مليو اٿس، ۽ هوُ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ڪنهن سان ڳالهائڻ لاءِ سڪي ويو آهي. مون به ٻڌايومانس ته مان به اڃا تائين سنڌ نه وڃي سگهيو آهيان. 1960 ۾ منهنجو دوست چترو ناگپال، جيڪو ريلوي ۾ نوڪري ڪندو هو، سنڌ ويو ۽ سيني سان گڏجي آيو. اُن وقت پاسپورٽ نه نهندا هئا. هوُ ريلوي جي 'پاس' تي سچي سنڌ گهمي آيو هو. هوُ هڪ سٺو اديب به هو.

ادب لفظ تي مون وري ٻڌايومانس ته مان به ڪجهه لکندو پڙهندو آهيان. جيتوڻيڪ زندگيءَ ۾ مصروفيت ڪجهه وڌيڪ آهي. 1964 ۾ منهنجو دوست شيخ اياز بمبئيءَ آيو هو، تڏهن ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ورليءَ ۾ پنهنجي گهر هن جي لاءِ هڪ مشاعرو رکايو هو. 35-30 ماڻهو وينا هئا. سيني پنهنجي پنهنجي ڪويتا پڙهي، شيخ اياز به پڙهي. سيني تعريف ڪئي پر موهن ڪلپنا نه. شيخ اياز هن طرف ڏٺو -

'توکي منهنجي ڪويتا نه وڻي؟'

'بڪواس....' موهن ڪلپنا تپاڪ سان چيو.

'هٿانءِ پٿر؟' شيخ اياز فورن چيو.

'هڪ مسلمان بيو چا ٿو ڪري سگهي؟' موهن ڪلپنا جواب ۾ چيو ته ڪجهه سيڪنڊن لاءِ هال ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. وري

’ڇڏيو ڇڏيو‘ جي آواز سان سڀ نارمل ٿي ويا. اسين سڀ ساهتيڪار ڪميونسٽ ٿي هئاسين. پر ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ڪارڊ هولڊر صرف گوبند مالهي هو. اهو ئي ڪارڊ اِندر ڪمار گجرال وٽ به هو. هُو به ڪراچيءَ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ليڊر هو. هن کي به لکڻ جو شوق هو. پنجابي وغيره به ڪجهه لکندو هو.

’ساهتيڪار وڙهندا به آهن؟‘ هن کِلي پڇيو.

’اسين سڀ پنهنجا ننڍا ننڍا جيڙا ڪندا رهندا آهيون ۽ اسانکي لڳندو آهي ته اسين ڪو مهان ڪم ڪري رهيا آهيون....‘ مون کلي چيو.

’هي مهان ڪم ڪونهي ڇا؟ منهنجو مطلب.... لکڻ....‘

’جيڪڏهن هي سچ پچ ڪنهن کي اندران مٿي ٿو ته بلڪل مهان ڪم آهي. اسين اِنسان ڳالهيون ته ڪرانتيءَ جون ڪندا آهيون، پر پاڻ کي ٿورو به مٽڻ نه چاهيندا آهيون.‘

’پوءِ لکڻ جو سبب ڇا آهي آخر؟ ايتري مشقت ڇو؟‘

’لکڻ جو سبب ته اِهوئي آهي.... نئين نظريي جي چونڊ ۽ پراڻي نظريي کي خارج ڪرڻ، اهو ئي هڪ اديب جو ڪم آهي.‘

’پر گهڻو ڪري ته ماڻهو پنهنجي ئي نظريي جا غلام هوندا آهن.... خاص ڪري توهانجا اديب....‘

’اديب جيڪو نظريي جو غلام هجي، اِسڪولي ڪتاب ته لکي سگهي ٿو، ادب جي ’ا‘ به نٿو لکي سگهي. خودمختياري ڪٿي ٻاهر نه، ماڻهوءَ جي اندران هوندي آهي.... پر اديب کهڙو به هجي، هڪ مهان رچنا ڪڏهن به پنهنجي پانڪ کي دوکو نه ڏيندي آهي. هاڻي مان توهانکي پنهنجي پياري ۽ پسنديد ليکڪ اومس اوز بابت ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. 1939 ۾ هن جو جنم



يبروشلم ۾ ٿيو هو. هن جي چاچي کي سچي فئلميءَ سوڊو گولي هڻي ماري ڇڏيو ويو، ڇو جو هُو سڀ يهودي هئا. عربي فوجي هنن جي شهر کي گهيري رکندا هئا، قتل-اي-عام متل هوندو هو. اِنکري هُو عربن جي خلاف ٿي ويو هو ۽ اُنهن کي ختم ڪري ڇڏڻ جا خواب ڏسندو هو. پر پوءِ هن کي سمجهه ۾ اچي ويو ته جنوني ۽ نفرتي ٿيڻ سولو آهي، اِنسان ٿيڻ ڏکيو آهي ۽ هن جي لکڻ جو طريقو بدلجي ويو. ازرائل جا ماڻهو هن تي ناراض ٿيا ته اِئين ڪري هُو اُنهن جي تحرڪ کي نقصان پهچائي رهيو آهي. پر اُنهنجي ناراضگي به هن کي نه مٽي سگهي. مان هن جي لکيل هڪ ڪهاڻي توهانکي ٻڌايان ٿو.

هڪ رات هڪ شهر ۾ ڏاڍو ڪوهيڙو هو. ايترو جو هٿ کي هٿ نه پيو ڏسجي. هڪ ماڻهوءَ کي اسپتال مان فون آيو ته تنهنجو پٽ مرڻ ڪنڌيءَ تي آهي، جلدي اچ. هو گهر کان ٻاهر نڪتو ته ٻاهر ته بيتحاشا اونده ۽ ڪوهيڙو هو. نه ڪائي ٽئڪسي، نه ڪائي رڪشا. هن مدد لاءِ ٻاڏايو. ڪافي دير ڪانپوءِ هن جي ڪنڌ تي ڪنهن هٿ رکيو ۽ چيو، ’هلو مان ٿو وٺي هلانوَ.‘ رستي ۾ اُهوئي اجنبي اُنکي پيو رستو ٻڌائي، چوي ته کابي هلڻو آهي ته هُو کابي مڙي پيو وڃي، چوي ساڄي ته ساڄي يا ڪڏهن چئي، هتي سنڀالي لهجانءِ، هتي ڏاڪڻ هونديءِ، ڏسڻ ۾ نه ايندءِ، پر ڏيان سان لهجانءِ. ان طرح هن اجنبيءَ سڄو شهر پار ڪرائي هنکي هاسپيٽل پهچايو. اُتي پهچي ماڻهوءَ اُن اجنبيءَ کان پڇيو- ’ايترو ڪوهيڙو آهي، ايتري اونده، تو رستو ڪيئن ڳولهيو؟ توکي پتُو نه ٿيو؟‘ اجنبيءَ جواب ڏنو- ’مونکي ڪوهيڙي اونده سان ڪا تڪليف نه ٿيندي آهي ڇو جو مان انڌو آهيان.‘

جڏهن به ڪوئي مونکان پڇندو آهي، ’ساهتيه ۽ ڪتابن جو جيون سان ڇا رشتو آهي‘ ته مونکي هيءَ ڪهاڻي ياد اچي ويندي

آهي. ڪتاب اُنهيءَ طرح ٿي آهن، زندگيءَ جي اونده ۾ ڪوهيڙي ڪان نه ڊجي، اسانکي اسانجي منزل تائين پهچائي ڇڏيندا آهن....'

ٿوري دير لاءِ اسين سڀ چپ ٿي ويا آهيون....

اسان نه ڄاڻ ڪيترين ڪهاڻيون هڪ ٻئي سان شيئر ڪيون. ڪهاڻين جو آغاز به سنڌ ۾ ٿي ٿيو هو. شڪارپوري واپاري ايران، عراق، بغداد ۽ پنهنجي آس پاس جي علائقي ۾ واپار جي سلسلي ۾ ايندا ويندا هئا. هو پاڻ سان گڏ، ڪڏهن ختم نه ٿيندڙ ڪهاڻيون کڻي ويندا هئا. 'عريبين نائيٽس' اولهه کي ڏسڻ جو هڪ انوکو جهروڪو آهي.

'منهنجي اُٿڻ جو وقت ويجهو اچي ويو آهي....'

'مونکي هڪ پنهنجي رچنا ٻڌايو نه؟' هن وڏي نيزاريءَ سان چيو.

ڪجهه لمحا مان سوچيندو رهيس....

'مون 'ساڌ ٻيلي' تي هڪ ڪويتا لکي آهي، اُها مان توهانکي ٻڌايان ٿو....

'پوترتا تنهنجي آتما هئي
۽ مان
هاڻ پوتر نه رهيس
مان جڏهن جڏهن تو وٽ اچان ٿو
مونکي لڳي ٿو
مان پنهنجي ئي مرده شرير ۾
داخل ٿي رهيو آهيان
او - سنڌ پُتر ساڌ ٻيلا !



ياد ڪر
جڏهن مان تو وٽ آيس
مون چيو گلن کي 'ٽڙي پئو'
هو ٽڙي پيا
بنا ڪڪرن آسمان کي ڏسي
مون مورن کي چيو 'نچو'
۽ هو نچڻ لڳا
اهڙي ڪوشش مان هر پيري ڪندو آهيان
اڃان ٿو جڏهن جڏهن تو وٽ
هارجي موٽندو آهيان
هن احساس سان پرجي
ته هڪ مڙدو
ٻئي مڙدي سان
وِيچار ڪري موٽيو آهي.'

ڪجهه منٽ اسانجي وچ ۾ خاموشي رهي. هن پوءِ به ڪجهه نه چيو، نه ڄاڻ هن کي منهنجي رچنا ڪيئن لڳي؟ هن ڪيترو سمجهيو، چئي نٿو سگهان. هوئن به جيڪي پيڙائون رچنائن کي جنم ڏينديون آهن، اُنهن کي گهٽا ماڻهو سمجهندا آهن؟

تيستائين هنن جي نونهن اسانجي لاءِ کائڻ پيئڻ جون شيون کڻي آئي. اسين سڀ اُن ۾ مصروف ڏسجڻ جو ناٽڪ ڪرڻ لڳاسين. سچ ته اِهو ٿي هو، اسانجي اندر جي پاڙين کي ڪنهن ٻي طرح لوڏائي ڇڏيو هو. اسين جنهنکي اڄ تائين ڏسي نه سگهيا هئاسين، اُهي يادگيريون به موقعو ڏسي مٿي سطح تي تري آيون هيون.

آخرڪار مون اُنهن سيني کان اِجازت گهري. هوُ سڀ مونکي در تائين ڇڏڻ آيا. مون هن سان هٿ ملائڻ چاهيو تہ هن آهستي مونکي پنهنجي ڳلي لڳايو....

’توسان ڳالهائي ڏاڍو سٺو لڳو. هن مهل تائين مان آرسيءَ جي سامهون پنهنجي بولي ۾ ڳالهائيندو هوس. پر ڪنهن آرسيءَ ۽ ماڻهوءَ ۾ گهڻو فرق هوندو آهي. آرسيءَ ۾ مان پنهنجو پاڻ کي ڏاڍو پرائو لڳندو هوس، پر تنهنجين اکين ۾ ڏسي لڳو مان بلڪل تو جهڙو آهيان ۽.... ۽.... تنهنجي اکين ۾ درد جو هڪ رنگ آهي.... اڃا هلڪو آهي.... هنکي گهاٽو ٿيڻ ڏي.... هنکي پچڻ ڏي.... وري ڪڏهن هن پاسي اچين تہ ملجانءِ ضرور.‘

’اِنشا الله...‘ منهنجي منهن مان نڪتو ۽ مان اُتان نڪري آيس. نڪرندي نڪرندي منهنجو من بہ پرچي آيو هو....

مان اُنهن جي گهر کان موٽي رهيو آهيان. مان گهڻو پرتي کان موٽي رهيو آهيان. پاڪستان پوليس کي پنهنجي ’پهچ‘ جو سماچار ڏيئي موٽي رهيو آهيان. مان دراصل زور سان رڙ ڪرڻ چاهيان ٿو.... ’بڌ.... مان موٽي آيو آهيان.‘ پر مان خاموش رهيس.

جڏهن مان پاڪستان اچي رهيو هوس، گهر وارا منع ڪري رهيا هئا تہ ڇا رکيو آهي اُتي هاڻي، جنهنکي ڏسڻ وڃي رهيو آهين؟ شاهي باغ اُجڙي چڪو آهي، جتي گهٽ ۾ گهٽ بہ ٽي سوَ قسم گلن جا هوندو هئا. ساڌ بيلي ۾ هاڻي مور نٿا نچن. هاڻي اُتي اُهي گهرا رنگ بہ نٿا ڏسجن. ڪڏهن رنگ تہ ڪڏهن جهنڊا، پاڻ ۾ وڙهي بہ ٿا پون، ڪوئي زور سان ٿو چوي.... آرڊر.... آرڊر.... ۽ ماڻهن جا مشيني جسم آرڊر پورو ڪرڻ ۾ لڳي ٿا وڃن. اُنهن کي پنهنجي رتو رت آتما ڏسڻ ۾ ئي نٿي



اچي. ساميءَ جي سلوڪن جو بہ ڪو ملهہ نہ رهيو آهي. اُهي ڪنهنکي سمجهہ ۾ بہ نٿا اچن. ڪجهہ ماڻهو هنکي دفنائي ٿا ڇڏين، ڪجهہ ساڙي ٿا ڇڏين. اڄ تائين ساڙڻ ۽ دفنائڻ جو جهيڙو هلي رهيو آهي. ملٽري آهي.... دهشت آهي.... پڙ آهي....گولين جي گونج ۽ بمن جا ڌماڪا آهن.... پلجي وڃو پراڻو سڀ. ڪجهہ بہ باقي نہ بچيل آهي. خالي پٽيون ۽ چٽيون.... گهر پلي اُهي ئي آهن، پر در اُهي نہ رهيا آهن. ڪجهہ ماڻهو هٿا جيڪي يا تہ ڇڏي هلي ويا آهن يا بدلجي ويا آهن.... ڪجهہ پنهنجي سفر تي نڪري ويا آهن.... اُنهن جي يادگيرين مان سڀ ڪجهہ صاف ٿي چڪو آهي. اُنهن ڪورين سليٽن تي هاڻي ’سائو‘ ٿو لکيو وڃي. ڪٿي ڪٿي ڳولهيندو ڦرندين؟ ۽ ڪوئي ملي بہ ويو تہ هنکي ڏسي توکي تڪليف ٿيندي، جڏهن هوُ توکي نہ سڃاڻندو.... پنهنجي سوچ. جي دنيا کان ٻاهر اچ ۽ اسان ناهي تہ ورتو آهي هتي بہ سڀ ڪجهہ پنهنجي محنت ۽ لڳن سان. جيڪي اُتي رهجي ويا هٿا، ڏسو وڃي اُنهن جي حالت. هاڻي تائين اِسٽرگل ڪري رهيا آهن....

مان ڪجهہ نہ چئي سگهيس، جيڪي رهجي ويا هٿا، اُنهن وٽ ئي وڃي رهيو آهيان.... ڪجهہ ڏيڻ يا وٺڻ نہ.... بس اُنهن سان ملڻ.... ۽ مونکي پروسو نہ آهي تہ هو مونکي پلجي ويا هوندا. ڳولهي تہ مان بہ هتي رهيو آهيان.... اُتي بہ ڳولهي وٺندس.... خبر ناهي تہ جيڪو ڳولهي رهيو آهيان، ملي ويندو پر....؟ مان هِن ’پر‘ جي ٻرن تي ويهي آيو آهيان. هلڪا آهن ڏاڍا، ڪري بہ سگهان ٿو.... پر؟

# تلاش

اجا تائين مان جٺرام گنگواڻيءَ کي ڳولهي رهيو آهيان. ڪراچيءَ ۾ هُو اڪيلو منهنجو واقف آهي. هنجي ائڊريس تہ بدلجي ويئي آهي، پر فون نمبر نہ. مون هن کي فون ملايو تہ ملي ويو....

’اڙي....‘ منهنجو نالو ٻڌندي ئي هن خوشيءَ مان چيو....

’ڀلي آيا.... سدا آيا.... آجيان ٿو ڪيان....‘ خوش مزاج آواز ۾ پنهنجي نئين ائڊريس ڏيندي چيائين.... ’هليا اچو.... توهان سان ملي خوشي ٿيندي.‘

هنجي هن وارم ويلڪم تي مونکي خوشي ٿي. ٿورو سڪُون بہ مليو تہ مان پنهنجو سفر جاري رکي سگهان ٿو.

هتي اچڻ کان پهرين مون تمام ماڻهن کان نہ ڄاڻ ڪيترين ڳالهيون پڇي ورتيون هيون، ڪيتريون جانڪاريون ڪٺيون ڪري ورتيون هيون. هڪ هڪ بلڊنگ ۽ حويليءَ ۾ رهڻ وارن تمام ڪٽنبن جون تمام ڊيٽيلس مون وٽ هيون. نيڪ سان سوچيان پيو تہ حاصل ٿيل جانڪارين سان هڪ ڏنڌلي تصوير ٺهي پئي. پر جيڪو مون وٽ هو، منهنجو ننڍو ٻالپڻ جو ٽڪر.... اُنجي تصوير ايتري حقيقي هئي جو آڱرين سان ڇهڻ سان نہ صرف ڪوسو ٿڌو ۽ اُنجو ڪنبڻ محسوس پيو ٿئي بلڪ اُنجي اندر جي هڪ قدرتي ڪشش مونکي پاڻ طرف ڇڪي رهي هئي.



ڪنهن ڪمبخت چيو آهي تہ اسين زندگي جي ڪري مڪت ٿيندا آهيون.... مان تہ ماضيءَ تي تيرن سان زخمي پيو آهيان.... ڀيشم پتامهہ وانگر.... تہ ڇا مان نہ جي سگهيو آهيان اڄ تائين....

جٺرام گنگواڻيءَ سان ڇهہ مهنا پهرين ئي تہ مليو هوس.... جڏهن هو بمبئيءَ ۾ اسانجي دڪان تي هيري جي مُنڊي وٺڻ آيو هو.... جڏهن هوُ پهتو هو.... اُن وقت اسانجي دڪان تي سورهن سترهن ڇڙا ڪم ڪري رهيا هئا....اڃا مان هن سان ڳالهايان ئي پيو تہ بابا اچي ويو. مون جڏهن بابا کي چيو تہ هيءُ شخص شڪارپور مان آيو آهي تہ بابا جي چهري جو رنگ مٽجي ويو. بابا هن کي پنهنجي ڳلي سان لڳائي ورتو. بابا جون اکيون ڀرجي آيون. پاڻ کي سنڀاليندي بابا فورن دڪان جي سيني ڪم ڪندڙن جي ڇُٽي ڪري ڇڏي تہ اوهين اڄ گهر وڃي عيش ڪيو، اڄ مان پنهنجي دوست سان ڳالهيون ڪندس. پوءِ اسين سڀ جٺرام گنگواڻيءَ کي گهيري ويهي رهياسين ۽ نہ ڄاڻ گهڻي دير شڪارپور جون خبرون ٻڌندا رهياسين. هنجي اکين سان اُهو سڀ ڏسڻ لڳاسين، جنهنکي ڇڏي آيا هئاسين. هڪ هڪ گهٽي، هڪ هڪ رستي جو احوال پڇڻ لڳاسين. پنهنجي پاڙي، پاڙي جي ماڻهن جو احوال هڪ شهر ڪيئن اسانجي رڳن ۾ رت ٿي وَهندو آهي.... پنهنجون ڪيتريون يادگيريون اسانجي آتما ۾ سنڀالي رکندو آهي.... ڪيئن اسانجي ساهہ ۾ گيت بڻجي، پڙادو بڻجي من جي گهاٽين ۾ گونجندو آهي.... اسين ڪڏهن نہ ڇاڻي سگهندا آهيون.... بابا پنهنجين يادگيرين تي دير تائين احساس جو پاڻي ڇٽيندا رهيا، ۽ مون پنهنجي هڪ اِڇا کي تيزيءَ سان پنهنجي اندر پيدا ٿيندي ڏٺو تہ ڪجهہ مان بہ ڇڏي آيو آهيان ۽ اڄ تائين ڪنهن سان

ڳالهه به نه ڪري سگهيو آهيان. مونکي به هن سان گڏجڻو آهي. ڪنهن به صورت ۾.

شام جو جڏهن جئرام گنگواڻي وڃي پيو.... مون هن کي ڳلي سان لڳائيندي چيو.... 'جڏهن مان اُتي ايندس.... توهين سڃاڻي وٺندؤ.' هن ڪِلي منهنجي مٽي تي هٿ رکيو هو.

'توکي سموري سنڌ سڃاڻي ويندي. ماءُ پنهنجي ٻارن کي ڪڏهن نه وساريندي آهي.... اچي ته ڏس. هيءَ وٺ منهنجي ائڊريس ۽ فون نمبر.'

۽ هن پنهنجي ائڊريس لکي مونکي ڏيئي ڇڏي هئي.

مان آئو ۾ ويهي جئرام گنگواڻيءَ جي گهر وڃي رهيو آهيان. رستي ۾ 'شاه عبداللطيف' اِسڪول ڏسڻ ۾ آيو. بلڊنگ گهڻي پراڻي هئي. مان آٽو روڪي هيٺ لٿس. هيڊماستر سان ڳالهايم. هن ٻڌايو ته هي سڄو اِسڪول سنڌي ميڊيم ئي هيو پهرين، هاڻي سنڌي ڪوئي پڙهڻ ئي نٿو چاهي ۽ اسان سنڌيءَ کي صرف هڪ سبجيڪٽ جيان ئي رکيو آهي. هوُ مونکان 'هند' بابت پڇا ڳاڇا ڪندو رهيو ۽ مان هن کان 'سنڌ' بابت. آٽو واري جو ڌيان رکي مونکي اُتان اُٿڻو پيو.

مان جڏهن جئرام گنگواڻيءَ جي گهر پهتس.... ڏينهن جا ٻارهان وڄي رهيا هئا....

'اچو سائين... اچو....' مونکي ڏسندي ئي هو تڙي پيو....

'مونکي خبر هئي توهين ضرور ايندؤ.... پنهنجي مٽيءَ سان رشتو ايترو سولائيءَ سان نه ٽٽندو آهي....' هن مونکي پنهنجي ڳلي سان لڳائي ورتو ۽ منهنجي ڳٽي نپورڻ لڳو. هنجي ڳلي لڳندي ئي مون هڪ گهرو ساهه کنيو ته پنهنجي ماڻهوءَ جي مهڪ ناسُن ۾ پرجندي ويئي.... هيءَ سنڌ جي مهڪ



آهي.... منهنجي مٽيءَ جي مهڪ.

هن پنهنجي زال ۽ ٻارن سان واقفيت ڪرائي.... ڳالهه ٻولهه مان خبر پيئي ته جئرام جي سس ۽ منهنجي ماءُ هڪ ئي حويليءَ ۾ رهنديون هيون. رشتا اِئين ئي ڦهلجندا آهن.... اندر ئي اندر پاڙن جيان.... ڪڏهن ڪڏهن ته بنا پاڻيءَ ياڻ جي.... هڪ پاڙ هند ۾ ۽ هڪ پاڙ سنڌ ۾.... ٻنهي هڪ ٻئي جي ٻانهن پڪڙي ورتي آهي. هن مونکي وهاريو ۽ کاڌي پيتي جو اِنتظام ڪرڻ ۾ لڳي ويو. پوءِ مان هنجي زال سان ڳالهائڻ لڳس....

شڪارپور ۾ دونومل ڪٽاريا جو گهر منهنجن ناناڻن سان گڏيل هو. دونومل ۽ هنجو پاءُ گڏوگڏ ڪپڙي جو دڪان بوٽن بزار ۾ هلائيندا هئا. اُنهن جي دڪان جي سامهون ٻيا سڀ دڪان ننڍا هوندا هئا. دوني مل کي ٽي پٽ ۽ هڪ ڌيءُ هئي. هنجو هڪ پٽ منهنجي عمر جو هو ۽ مون سان گڏ ئي پڙهندو هو. منهنجي ماءُ اُنهيءَ حويليءَ جي ڌيءُ هئي ۽ دونيمل جي زال ۽ پاپيءَ سان اما جي واقفيت هئي. 1947 ۾ دونومل بمبئيءَ اچي ويو. هنجو پاءُ اُتي ئي رهجي ويو. وري دوني مل جي پاٽنيءَ جو جئرام گنگواڻيءَ سان وهانءُ ٿيو. هي سڀ ڳالهيون مونکي جئرام جي زال ٻڌايون. مون ڪيس شڪارپور ۾ هنجي پيڪن جون ڳالهيون ٻڌايون. هوُءَ ڌيان سان ٻڌي رهي هئي. دوني مل جي ڪٽنب جي ڪهاڻي هڪ اُڪيڙيل سنڌي پريوار جي ڪهاڻي آهي. جيئن هوُ شڪارپور ۾ منهنجي ناناڻن جا پاڙيسري هئا، اُنهيءَ طرح بمبئي چئمبور ۾ اسانجا پاڙيسري هئا. هند ۾ دونيمل ڪافي تڪليفون ڏٺيون. لڏ پلاڻ وقت شڪارپور وارو دڪان، جيڪو مسواڙ تي هو، ڇو جو اُن وقت مالڪاڻو حق ۽ ٽُڊوِل جو پروسيس نه ٿيندو هو، اِنڪري هنکي اُهو دڪان خالي ڪرڻ خاطر سڄو مال ڏاڍي سستي اگهه ۾ وڪڻڻو پيو.

هندن کي ملڪ کان ٻاهر وڃڻو هو، سو هُو مسلمانن کي پنهنجو مال تمام سستي اگهہ تي وڪڻي رهيا هئا. دوني مل جي مالي حالت ڪمزور ٿي ويئي هئي. هُو هتي بيروزگار ٿي پيو. پر هُو شيردل شخص هو. حالتن کان بنا گهبرائي روزي روٽيءَ لاءِ گهر مان آلوءَ ٽڪي ۽ چولا ڪئمپ بزار ۾ وڪڻڻ لڳو. هنجو وڏو پٽ لوڪومل ٽرين ۾ نارنگيون وڪڻڻ لڳو. ٻيو پٽ لَکِي پڙهائيءَ ۾ هوشيار هو، اِسڪول کان پوءِ هُو بہ وڏي ڀاءُ سان ڪم ڪندو هو، ننڍو پٽ بہ پنهنجي ڀاءُ سان ڪم ڪندو هو. ڪيترن ئي روزي روٽيءَ لاءِ هندو ڌرم ڇڏي عيسائيت قبولي. ان طرح جون ڪيتريون ئي ڳالهيون اسان ڪندا رهياسين.

جئرام جي گهر وارن بمبئي نہ ڏٺي هئي. بمبئيءَ صرف جئرام آيو هو. جئرام انجينئرنگ لنڊن مان پاس ڪئي هئي، انڪري هن وٽ انگريزي پاسپورٽ هو. انگريزي پاسپورٽ هئڻ جي ڪري هُو سال ۾ ٻہ ڀيرا بمبئيءَ سولائيءَ سان اچي ويندو هو.

منجهند جي مانيءَ کانپوءِ جئرام جي وڏي ڌيءُ جيڪا لڳ ڀڳ ٻارهن سالن جي هئي، اِسڪول کان واپس آئي. اندر ايندي ئي هن مونکي نمسڪار ڪيو ۽ ڊريس مٽي وري آئي. جئرام ٻڌايو تہ هنجي ڌيءُ کي پوري سکمني ياد آهي ۽ هن کيس مونکي ٻڌائڻ لاءِ چيو. مونکي لڳو جئرام احساس ڪمتريءَ جو شڪار آهي ۽ مونکي يقين ڏيارڻ چاهي ٿو تہ پاڪستان ۾ رهندي بہ مان پڪو هندو آهيان. ڪراچيءَ ۾ جئرام جو ڏنڊو وياج جو آهي ۽ هُو ٽرانسپورٽ وارن کي ’پناڻي وياج‘ تي پئسو ڏيندو هو. هُو ڏهہ ٽڪا مهني جا وياج وٺندو هو. هن ڏنڌي ۾ هنجي رقم ٻُڏي بہ ويندي هئي پر هُو ڪنهن سان جهيڙو نہ ڪندو هو.



ڳالهين ڳالهين ۾ مون هنکي چيو- ’هتي ڇاٽو ڪرين؟ نڪر هتان.‘

’جيڪو هتي ملي رهيو آهي، ڪٿي ملندو؟‘

’ڇاٽو مليئي؟‘

’ڏهہ ٽڪا وياج....‘

’ٻُڏندا نہ اٿيئي ڏوڪڙ؟‘

’ٻُڏي بہ ويندا آهن پر ڪٿي ستي ٽي چار ٽڪا ملي ويندا آهن.‘

’ڪيس ڪندو آهين اُنهن تي؟‘

’اڙي نہ، اِنهن جي وچ ۾ ٿي رهڻو آهي. مان چوندو آهيانِ، ’الله ڏيئِي تہ مونکي بہ ڏيئي ڇڏجانءِ....‘ ۽ هتي رهي ڪير تو؟ لُچا، لالچي ۽ لاچار....‘

جئرام جي گهر رات جي ماني کائڻ وقت هڪ شخص ٻيو بہ هو، جيڪو محفل جو مرڪز هو. علي احمد بروهي صاحب، جيڪو برابر ادب سان واسطو رکندو هو ۽ لطيف نالي جي مئگزن ڪڍندو هو. جڏهن هُو ڳالهائيندو هو تہ سڀ چپ ٿي ويندا هئا. هنجي لفظ ۾ عقل ۽ طنز جو ميل هو. جوانيءَ جي ڏينهن ۾ هُو بہ نيويءَ ۾ نوڪري ڪندو هو. نيويءَ ۾ خلاسين جي بلوي واري حادثي ۾، جنهن ۾ اٺ سوَ ماڻهو پڪڙيا ويا هئا، هي بہ هو. اُنهن کي بمبئيءَ جي ماهيم جيل ۾ رکيو ويو هو. هُو پاڻ ۾ ست ڀائر هئا. هنجو وڏو ڀاءُ اي.ڪي. بروهي رام جيٺملاڻيءَ جو دوست هو، هندستان ۾ پاڪستان جي راجدوت هو. هُو ان وقت پاڪستان جي هڪ وڏي وزارت جو خاص آفيسر هو.

سنڌي ساهتيہ ۾ علي احمد بروهيءَ جو نالو خاص عزت سان ورتو ويندو آهي. اُن رات هن گهڻيون ڳالهيون ڪيون. هن

چيو تہ ورهاڱي ۾ ڪلا جون ڪيتريون ئي صنفون هندستان هلي ويون. اُهو وڏو ۽ رئيس طبقو بہ هليو ويو، جيڪو نہ صرف ڪلا جو قدردان هو، بلڪ اُنکي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش بہ ڪندو هو. اُنهن سان ئي تهذيبي پسمنظر آباد هو. جيڪي هتي رهجي ويا هئا، اُهي پئسي ۾ نہ صرف غريب هئا بلڪ ويچار جي سطح تي بہ غريب هئا. وري هتان جو سياسي پسمنظر؟ هتي رهجي ويو بس سنڌي لٽريچر، چوجو هتي سنڌي گهڻا هئا. هاڻي هتي ٻين ڪجهہ ٻولين ۾، جيئن تہ بلوچي، پشتو، پنجابي، اُردو، انهن سڀني ۾ اسانجي سنڌي ڏاڍي شاهوڪار ٻولي آهي پر سچو پئشن ۽ باهہ سياست ۾ ضايع ٿي رهي آهي. هن 1980 ۾ لکيل هڪ ڪتاب جو ذڪر ڪيو- ’ساهہ مُٺ ۾‘ جنهن جو ليکڪ آهي مالڪ. هنکي پڙهندي وقت سچ ۾ ساهہ مُٺ ۾ ٿو اچي وڃي. هن اِهو بہ ٻڌايو تہ تاشقند جي هڪ گهٽيءَ جو نالو شڪارپور اسٽريٽ آهي.

هن وقت منهنجي سامهون بہ ڏؤر آهن. 1947 کان پهرين ۽ 1947 کان پوءِ. پهرين راڄ طاقتور هو يعني انگريز، پوءِ مذهب ٿي ويو. حقيقت بہ اِها آهي تہ ملڪ جو ورهاڱو مذهب جي آڌار تي ٿيو آهي، اِنڪري پاڪستان جي لاءِ اِهو لازمي آهي تہ هُو پنهنجي حڪومت مذهبي مڃتائن جي آڌار تي هلائي. اِهائي ڳالهہ هندستان جي لاءِ بہ ضروري آهي. مان ٻن ڏؤرن جي وچ ۾ ڦاٿو آهيان.

اسين چانهن پي رهيا هئاسين تہ ايتري ۾ هنجي وڏي ڀاءُ پرمانند جو فون اچي ويو. هن گهڻي اِسرار سان اسان سڀني کي رات جي مانيءَ جي نيند ڏني. پرمانند ڪراچي هاءِ ڪورٽ جو وڪيل هو. پرمانند جو ساهتيہ ڏانهن خاص رجحان نہ هو پر شيخ اياز سان هنجي دوستي هئي. رات جو اسان سڀ اُتي پهتاسين. هن وڏي گرم جوشيءَ سان منهنجي آجيان ڪئي. گهڻيون ڳالهيون ٿيون. جڏهن هن پنهنجي پيءُ ڏاڏي جا نالا ٻڌايا تہ مون سڀني کي سڃاڻي ورتو. هن ٻڌايو تہ توهانجي ۽ اسانجي زمين آسي پاسي ۾ آهي....

’ڏسو زمينون اجا اُتي ئي آهن، صرف اسان وڇڙي وياسين....‘ مون ڀِنل آواز ۾ چيو. اُن ڀنل آواز سان ٻڌل اسين دير تائين اُتي ئي ويٺا رهياسين.

هن ڪجهہ ماڻهن کي مانيءَ تي سڏايو هو، اُهي بہ اچڻ لڳا.... علي احمد بروهي ۽ گرڏاري لعل ڀاٽيا. ايوب خان جي راڄ ۾ گرڏاري لعل ڀاٽيا هندن طرفان پارليامينٽ ميمبر هو. هاڻي وڃي مون پنهنجي مطلب جي ڳالهہ پڇي.

’مونکي شڪارپور وڃڻو آهي.... ڪيئن وڃان.... مون وٽ ويزا ڪانهي.‘

’چو وڃڻ ٿا چاهيو؟ ڪا خاص ڳالهہ آهي؟‘

’ها، ڪجهہ خاص آهي....‘ مون جهجهڪندي چيو.

’ڪنهن ڇوڪري ٻوڪريءَ جو چڪر تہ ڪونهي؟‘ هن اِئين ئي مستيءَ ۾ پڇيو. منهنجي چهري جو رنگ مٽجي ويو، پر مون پاڻ کي سنڀاليندي مذاق ۾ چيو -

’چڪر هوندو بہ تہ هن مهل تائين هوءَ ماءُ ٿي چُڪي هوندي.‘

’ڇا اِن سان ڪوئي فرق پوي ٿو؟ هوءَ تہ اُهائي هوندي نہ، جنهنکي توهان ڇڏي ويا هئا. جڏهن هنکي ڏسندا، ڪجهہ بہ ياد نہ ايندوَ سواءِ اُنجي تہ هيءَ اُهائي آهي. پريم اسان کان سڀ ڪجهہ وسارائي ڇڏيندو آهي.‘ هن لاپرواهيءَ سان چيو، پر هنجا الفاظ منهنجي اندر لهي ويا.

’پريم اسان کان سڀ ڪجهه وسارائي ڇڏيندو آهي....‘
منهنجون اکيون شڪل هيون پر ڳلي تائين پاٽي پرجي آيو هو.
هل، اِهو به ٺيڪ آهي. جڏهن هوءَ ملندي مان هنجو مٿو پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي پڇندومانس - پڌ.... ڇا توکي ڪو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو؟‘

’ها....‘ هوءَ چوندي.... ’ڪجهه پاٽين جو شور ٻڌڻ ۾ اچي ٿو....‘

’مان تري هيستائين آيو آهيان....‘ مان چوندومانس ته هوءَ کلڻ لڳندي. مان هنکي اُهو سڀ چوندس، جيڪو هوءَ نه سمجهندي.... ان ڍوَ کان پري، ته هوءَ ڇا سوچيندي؟ هوءَ به ته منهنجي سوچ کان پري آهي.... اسين پنهنجو پنهنجو پريم ڪٽي گهمي رهيا آهيون.... پنهنجي پنهنجي پيڙا، ڪنهن کي ڏيڻ چاهيون ٿا پر وٺي ڪير؟

’هلو، هاٽي اُن تائين پهچڻ جو طريقو ته ٻڌايو....‘ هن وقت مان پاوناٿن ۾ نٿو وهڻ چاهيان. مون اندر جي پاٽيءَ کي نظرانداز ڪندي چيو.

هن مونکي طريقو ٻڌائيندي چيو - ’پهرين تون شڪارپور جي ويزا وٺڻ جي ڪوشش ڪر.‘

’ڪيئن؟‘

’سڀ کان پهرين پريم ڪشن شهاڻي، جيڪو گدومل ڏيارام جو پوٽو آهي، ان سان وڃي ڳڌج. هو تنهنجي مدد ڪندو.‘

ٻئي ڏينهن مان هنجي آفيس ۾ هن سان ڳڌجڻ ويس. رام باغ جي پاسي ۾ مينارام هاسٽل هو، اُن جي سامهون شرٽاگت بلڊنگ آهي. هيءَ سڀ گدومل شهاڻيءَ جو آهي. شرٽاگت بلڊنگ ۾ آفيس هئي. پريم شهاڻي ايڊوڪيٽ هو ۽ گهمندو ڦرندو ڪمپيوٽر هو جڻ. مون هن کي سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. هن مونکي وهاريو،



لنچ ڪرايو ۽ هوم منسٽريءَ ۾ وٺي هليو. آفيس وارن چيو، ’اسين نٿا ڪري سگهون. توهين درخواست لڳائي ڇڏيو، ٻن ڏينهن ۾ جواب اچي ويندو اِسلاماباد مان.‘ ٻن ڏينهن ڪانپوءِ اِسلاماباد کان رجيڪشن اچي ويو، پر سيني چيو توهين نڪري وڃو، وڌيڪ گهبرائڻ جي ضرورت نه آهي.

گرڌاري لعل چيو -

’شڪارپور وڃڻ کان پهرين توکي سکر وڃڻو پوندو. سکر مان هڪ شخص توکي شڪارپور وٺي ويندو. سکر ۽ شڪارپور جي وچ تي لکي ڳوٺ ۾ ايئرپورٽ آهي. مان توکي هڪ شخص جي ائڊريس ڏيان ٿو، هن سان ضرور ملجانءِ.‘

سڀ وري ڪاٺڻ پيڻڻ ۾ لڳي ويا. صرف منهنجو روُح منهنجي جسم کان الڳ پڪندو رهيو، اُن ڏُنڌلي ڇهري جي تلاش ۾، جنهنجا نقش به مونکي ٺيڪ سان ياد نه آهن. اُن هٿ جو تصوري ڇهاءُ مون سان گڏ هليو آيو هو ۽ بس، مون اُن هٿ کي زور سان پڪڙي ورتو آهي.

آخر سڀ ڪجهه نپٽجي ويو. مون سيني کان اِجازت گهري ۽ ايئرپورٽ جي بس پڪڙي ’لکي‘ پهتس، هنجي ٻڌايل ائڊريس تي. خبر پيئي ته هوُ شخص ڪراچيءَ هليو ويو آهي. گهر بند هو. هاڻي؟ مون ٻئي نالي جي کوجنا ڪئي ته پيو نالو مليو، ٽيڪمداس ڪنارا. هنجو گهر ڳولهي در کڙڪايم، ڪوئي ضروري نه هو ته هوُ منهنجي ڳالهه سمجهي ئي وٺي، پر مون وٽ ٻيو رستو به ته ڪونه هو....

هن در کوليو ته مون جلديءَ ۾ چيومانس....

’مان بمبئيءَ مان آيو آهيان.... هتي ڪنهنکي به ڪونه سڃاڻان.... جنهنجي ائڊريس ملي هئي، اهو ڪراچيءَ هليو ويو

سنڌ ۾ گھڻو مشهور آهي. اُوڌوداس تارامل چاﭘڙيا ان کي نهرائڻ مهل اِن ۾ پنهنجي سڄي پونجي لڳائي ڇڏي هئي. وري به جڏهن ناڻو گهٽ پيو ٿئي ته هوُ بمبئيءَ آيو هو شڪارپورين کان دان گهرڻ.... ۽ سيٺي ڀرپور مدد ڪئي هئس. شڪارپورين جي دان جا گهڻا قصا مان بابا جي منهن مان ٻڌي چڪو آهيان ۽ پاڻ ڏسي چڪو آهيان.

جڏهن کان هتي آيو آهيان سيئي پنهنجا ملي رهيا آهن.... ڇڻ ته ڪولنڪ هجي وڇڙيلن جو.... ۽ جڏهن سڀ ملي رهيا آهن ته هنکي به ملڻو ئي آهي.... جنهنجي لاءِ آيو آهيان.... ڪڏهن ڪڏهن مان اُنهن جي ڳالهين ۽ هن سفر کان الڳ ٿي پنهنجي زندگيءَ بابت سوچڻ لڳندو آهيان.... هڪ ٽڪر اُهو آهي، جيڪو دور هندستان ۾ آهي.... ٻيو هتي، جو اڄا دور پاڪستان ۾ آهي. ٽيون وچ ۾ بيٺو آهي، سوچيندو ته مان ڪنهن پاسي وڃان؟ ۽ سوچيان ٿو اُهو ڪهڙو لمحو هوندو آهي، جڏهن اسين هڪ کان ٻه ٿي ويندا آهيون ۽ ٻه کان هزار..... ۽ پوءِ هڪ ٿيڻ لاءِ تڙڦندا آهيون.

هيءَ ڳالهه اسان کي گهڻي دير بعد سمجهه ۾ ايندي آهي، تقريبن اڌ زندگي گذاري وڃڻ بعد ته اندران ڪجهه به نه مٽجندو آهي. جيڪو مٽجي ٿو.... ٻاهرين ڪل آهي ۽ اُها ته مٽجندي ئي رهندي آهي. مان ته هاڻي به اُتي ئي بيٺو آهيان، جتان هليو هوس.

گهڻا رستا گذري رهيا آهن پيرن هيٺان. رستا، جن کي شايد مان به ڀلجي چڪو آهيان، پر هوُ مونکي سڃاڻن ٿا. ماڻهو اُتي ئي بيٺا آهن، جتي مون اُنهن کي ڇڏيو هو. اُنهن جي دلين ۾ اسان وِڇڙيلن جي لاءِ اُها محبت نه بچيل هوندي، پر اِن سان ڪهڙو فرق ٿو پوي؟ اسين سمجهون ٿا هڪ ٻئي جو درد... هڪ ٻئي جي تڪليف. اسان هڪ ٻئي کان جدا نه ٿيڻ چاهيندا



آهيون پر سياست جدا ڪري ڇڏيندي آهي ۽ اجنبي رستا اسانکي پاڻ کان پري وٺي ويندا آهن.

اسين شڪارپور پهچي وياسين.... لڳاتار ڌڙڪندڙ منهنجي دل هڪ جڳهه بيهجي ويئي آهي. هلندي هلندي ڪجهه رڪجي ويو آهي. منهنجي اندر ۾ ڪنهن اکيون کوليون ۽ هاڻي ٻاهر ليئو پائڻ لڳو آهي....

شڪارپور سنڌ جو واحد شهر هو.... هي سڄي ساؤٿ ايسٽ ايشيا ۾ مشهور هو. اڄ کان ٻه سؤ سال پهرين 1701 کان 1783 تائين لنڊن ۽ پئرس جي برابر سمجهيو ويندو هو. هي تعليم يافته ماڻهن جو شهر هو. لائبريريون، ٿئيٽر، ڊانس اڪاڊميون، ڪاٽيج انڊسٽري، بيڪريون ۽ ٻين نه ڄاڻ ڪيترين بلڊنگن جو هڪ شاندار تجارتي مرڪز هو. هتان جون شيون پهرين ڪراچيءَ ۽ پوءِ ڪراچيءَ جي ذريعي سڄي دنيا ۾ پهچنديون هيون. پهرين هتي ٽالپُرن جو ڏاڍو وڏو شڪارگاهه هوندو هو. پري پري کان ماڻهو شڪار کيڏڻ ايندا هئا. جهنگلي جانورن جو تمام وڏو ذخيرو موجود هوندو هو. هتان جي چڙياگهرن ۾ اسي في صدي جانور هتان جا ئي هوندا هئا. هنکي 'شهر علم' به چيو ويندو هو. هڪ ٿئيٽر به هوندو هو، 'ناٽڪ سڀا ٿئيٽر' ۾ هيءَ ٿئيٽر سڄي ڪانٽينينٽ ۾ مشهور هو. وڏا وڏا مشهور فنڪار هتي پنهنجي فن جو جوهر ڏيکارڻ ايندا هئا. اُستاد بڙي غلام علي خان صاحب به هتي آيو هو. هڪ ميوزڪ اڪادمي هئي، جنهنکي 'وڏوا ميوزڪ اِسڪول' به چيو ويندو هو. هتان جي ڪجهه عورتن وڏو نالو ڪمايو. 'هوليءَ جو هانڊو' ۾ ٻاهران ڪلاسيڪل سنگر ايندا هئا، پري پري کان ماڻهو اُنهن کي ٻڌڻ ايندا هئا. وڏا شاهوڪار هزارين روپيا دان ۾ ڏيندا هئا. دان ڏيڻ جي ته جيئن هڪ هوڙ لڳي ويندي هئي. ٽڪيٽ چار کان پنج روپيا هوندي هئي. پر

ٻئي ڏينهن اِهو ئي پروگرام عام جنتا لاءِ مفت، ڪنهن هڪ باغ ۾ ٿيندو هو. نہ ڄاڻ ڪيتريون ڳالهيون ياد اينديون ويون....

سڀ کان پهرين مون اُن هوا ۾ گهرا ساهہ کڻي پنهنجا ڦڦڙ ڀري ورتا. اُهي ئي پٽيون آهن.... اُهي ئي رستا.... اُهي ئي گهر.... جيڪي اڄا زبوُن ۽ پراڻا لڳي رهيا آهن.... ڪنهن هنن تي ڌيان ئي نہ ڏنو آهي. هنن کي پريم ڪرڻ وارا هنن کي ڇڏي هليا ويا ۽ هي اُنهن جي نگاهہ، اُنهن جي چهاءَ لاءِ بہ سِڪي ويا. ٻاهر ڏسجندڙ ڳاڙهيون پٽيون گهٽيون ميريون ٿي ويون آهن.... ڳاڙهين سرنُ سان ٺهيل اُهي روڊ بہ خستہ حال ٿي ويا آهن. درن جو رنگ لهي ويو آهي.... ڇهرن جو بہ رنگ لهي ويو آهي.... هيءُ سڀ اُهو تہ ڪونهي، جنهنکي مان ڇڏي ويو هوس. وري بہ سڀ سٺو پيو لڳي.... سڀ ڪجهہ.... تمام قسم جي بدلاون جي باوجود.... رستي جي پيڙ.... ايندڙ ويندڙ ماڻهو.... اُنهن جي ڳالهائڻ سان منهنجي ڪنن ۾ پوندڙ الفاظ، هيءَ منهنجي ٻولي آهي، منهنجي مٺڙي ٻولي. منهنجي اندر نہ ڄاڻ ڪيترا احساس گڏ پيا ٿا لرزن ۽ مان اُنهن احساسن کي لفظ نٿو ڏيڻ چاهيان. اُهي لفظن کان پري آهن. ماڻهن جا ڪپڙا ڏسي رهيو آهيان. ها، مان پنهنجي گهر موٽي آيو آهيان. هي سڀ اسانجي ٻولي ٻولي رهيا آهن.... ٻولِي، جنهنجا نہ ڄاڻ ڪيترا لفظ اسانجي کيسن مان بيشقيمتي سڪن وانگر ڪِري پيا آهن....ڪُٽندا وڃن روز بہ روز.... جنجي ڪنڪ مان هتي ٻڌي رهيو آهيان. اڄا مون شڪارپور کي دل ڀري ڏٺو نہ آهي، پر اکيون ڀري ڏسي رهيو آهيان. پهرين نظر ۾ ئي مون ڏسي ورتو تہ ملٽري سڄي شهر ۾ ڦهليل آهي.... ڇپي ڇپي تي.... ماڻهو اُنهن کان ڪنارو ڪري گذري رهيا آهن.... هڪ اڻ ڏسجندڙ ڀوَ جو سايو چؤطرف پکڙيل آهي.... پر ڇا ڪجي؟ جيئڻو



تہ آهي. اِنڪري ئي چوندا آهن، ماڻهوءَ جي کل ڪتي کان بہ مضبوط آهي. هر حال ۾ جِي وڻندو آهي.

ڪالهہ تائين منهنجو گهر هڪ چوواٽي تي هو، پر اڄ صبح گهر جي ٻاهر چوڪيدار جي بدلي بندوق ڌاري جوان بيٺو آهي.

ڪالهہ تائين چوواٽي جي شورغل ڪري جيئڻ جنجال هو پر اڄ سڀ ڪجهہ خاموش آهي. اڄ رات مان هڪ ڪويتا لکندس.

ڪنهن چيو آهي، تون پنهنجو جسم لاهي موڙي تي رکي اَءُ. مان بہ پنهنجو جسم لاهيان ٿو. اچ پيار ڪيون.

ڇا اِهو ممڪن هو تہ اسين هڪ ٻئي کانسواءِ مري وڃون ها؟ مان توکي پاڻ سان گڏ نٿو ماري سگهان. تون رهندينءَ. مونکان پهرين، مونکان پوءِ بہ.

ڪڏهن اسين پنهنجو گاهہ کائيندا هئاسين، هاڻي اُهو گاهہ کائي رهيا آهيون، جيڪو اسانکي ٻيا کارائي رهيا آهن.

انيڪ رنگن جا سوال کڻي، هڪ ئي سائي رنگ جي جواب تي جيئن پيا ٿا ماڻهو. او منهنجي انيڪ رنگي شڪارپور! تون بہ سائي رنگ جو شڪار ٿي ويئينءَ.

اِنسانن سان رشتا ٽوڙي نعرن سان رشتا جوڙيا ويا آهن، ڇا هنن جي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي توکي؟ چوندڻ جي آزادي اسان وٽ نہ آهي. ياد ڪر او شڪارپور! تنهنجي پلڪن جي ڪنبڻ سان وقت ڦرندو هو. هاڻي جڏهن مان موٽي آيو آهيان، ٻڌاءِ مونکي، ڇا ڪڏهن توکي منهنجي غيرحاضريءَ جو احساس ٿيو هو؟ تون منهنجي پنيان ڇونہ آئينءَ مونکي پرچائڻ، مونکي سڏڻ؟ مان سڄي وات تنهنجي سڏ جو اِنتظار ڪندو رهيس.

جن کي مرڻو هو مري چڪا آهن، جن کي جيئڻو هو، جي رهيا آهن، هتي بہ، اُتي بہ. او شڪارپور!

اِئين نہ آهي تہ صرف مون ئي سٺو آهي اِهو عذاب، تون بہ تہ بيمار آهين. مان روز تنهنجا خواب ڏسندو هوس، پر تنهنجي ائڊريس منهنجي وهاڻي هيٺان رکيل هئي....

رات جو وقت آهي ۽ ماڻهو جلدي جلدي پنهنجي گهر پهچڻ چاهين ٿا. مونکي لڳي رهيو آهي تہ سڀ مونکي ڏسي رهيا آهن، پر سيني جو شڪ آهي پنهنجي پنهنجي اعتبار تي. مان روز هڪ خط لکندو هوس، پنهنجي هن ائڊريس تي.... لوهارن جي بستي، ڏِڪ بزار، شڪارپور. جواب ۾ تو ڪڏهن خالي لفافو بہ نہ موڪليو....

هن پيري شڪارپور شهر جي ڏِڪ بازار ۾ ٻوڏ هئي ۽ ماڻهو پاڻيءَ ۾، پاڻيءَ تي گذري رهيا هئا.

حڪومت جي اعلان آهي تہ هر ماڻهو پاڻ لاءِ صرف پاڻ جوابدار آهي، اسانجي جوابداري نہ آهي. حڪومت ڪوڙ تي ٽالهائي. ڪاش! جوابدار رهڻ ڏين ها. ڪاش! ڪجهہ جوابداريون اسان بہ کڻون ها. اسان سڄيون جوابداريون اُنهن کي ڏيئي ڇڏيون. اُنهن اسانکان اسانجو هر جواب کسي ورتو. اسان پنهنجا پنهنجا سوال کڻي پتڪاءَ ۾ آهيون.

هاڻي مونکي پنهنجي لاءِ اڪيلائپ کپي. مان ٿوري دير پاڻ سان گڏ رهڻ چاهيان ٿو.... ڏک لڳڻ تي جيئن ٻار وڃي ماءُ جي ڪڇ ۾ لڪندو آهي، هاءِ ڪوئي مونکي بہ کڻي پنهنجي ٻانهن ۾ لڪائي.

مان پنهنجي ڪار جي سيٽ سان اِئين چنبڙي وينو آهيان، جڻ ڪڏهن نہ لهندس.

نوين بجي جي آس پاس دادوائي روڊ تي هن ڪار بيهاري ۽ وڃي پنهنجي ياءُ کي سڏي آيو، مان ڪار ۾ وينو پنهنجي



آس پاس ڏسندو رهيس.... 'تون پنهنجا ڪپڙا لاهي آءُ، مان تنهنجي روح سان ملڻ چاهيان ٿو.'

هن جو ياءُ هن سان گڏ آيو ۽ مون اڻ ڄاڻ کي ڏسي ڏڇي ويو. ڪجهہ لمحا هيڏانهن هوڏانهن ڏٺائين، پوءِ ٻُڪندي چيائين....

'هن وقت حالات ٺيڪ نہ آهن. چپي چپي تي فوج جو پهرو آهي. اسين توکي هتي نٿا رهائي سگهون. پٺو ڪانپوءِ فساد گهڻا وڌي ويا آهن.

'چنتا نہ ڪيو. مونکي 'سماڌا' مندر ۾ ڇڏي اچو. مان اُتي ئي رهندس. مان توهان جي چنتا جو سبب بڻجڻ نٿو چاهيان.' مون اُنهن کي تسليِ ڏيندي چيو. هنجي ياءُ ڪنڌ لوڏيو ۽ فورن اندر هلي ويو. مان وري ڪار ۾ ويهي رهيس ۽ ڪار هلڻ لڳي....

'سائين.... ڏاڍي غلط وقت تي آيا آهيو توهين؟' هن سامهون روڊ کي نهاريندي چيو، جتي ملٽري بيني هئي.... چپي چپي تي.

'صحيح وقت جي اِنتظار ۾ گهڻو وقت وڃائي وينو آهيان....' منهنجي منهن مان نڪتو.

'وقت تہ سائين پنهنجي هٿ ۾ هوندو آ؟' هن چيو تہ مان کلڻ لڳس.

'ورهاڱي جي ڏنگن ۾ ڄڏهن ماڻهن کي ماريو پيو وڃي، اسانکي لڳندو هو، هي وقت بہ گذري ويندو ۽ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو... ڪيئن؟ ڇا ڪجهہ بہ ٺيڪ ٿيو؟ ڇا ڪوئي بہ وقت اسانجي هٿ ۾ هو؟' نہ ڄاڻ مون هنکي پڇي چيو يا پنهنجو پاڻ کي؟ هن ڪا بہ ورندي نہ ڏني. في الحال تہ هُو مون کان ڇوٽڪارو پائڻ چاهيندو هوندو.

هوُ مونکي 'سماڏا' ۾ ڇڏي واپس هليو ويو.

سماڏا جي پنڊت جو نالو شِويچن هو. مون وچي هن سان هٿ ملايو ۽ پنهنجو ۽ پنهنجي پتا جو نالو ٻڌايو، گڏوگڏ اهو به ٻڌايومانس -

'مونکي هتي رات رهڻو آهي ۽ ماني به کائيندوسانوَ. مون وٽ شڪارپور جي ويزا به ڪانهي.'

هوُ ڪجهه لمحا مونکي حيرانيءَ سان ڏسندو رهيو.... منهنجا ڪپڙا، جيڪي مان مٽي آيو هوس ۽ منهنجو منهن، جيڪو مان نه مٽي سگهيو هوس. پوءِ هوُ کلڻ لڳو....

'ڀائي تون ته پنهنجو آهين.... اچ.... اچ....اندر اچ.... هتي ويهه....

هن منهنجي آجيان ڪئي....کٽ تي ويهاريو، پاڻي پيئاريو. ڪجهه اُجون ڏاڍيون گهريون ٿينديون آهن. پاڻي پيئندي مون سوچيو.... بلڪ اُهي تنهن مهل ئي ڏسڻ ۾ اينديون آهن، جڏهن اسين پاڻي پي چڪندا آهيون.

هال چال وٺڻ بعد هو ٻنهي لاءِ ماني کڻي آيو. مون ڏٺو ڀاڄيءَ جي ڪٽوريءَ ۾ ڀرپور گيهه تري رهيو هو.... هڪ ٿلهو روٽلو ۽ اُن تي مکڻ. گيهه جي ڪٽوري الڳ سان. مونکي اوچتو شڪارپور جي آلوچاپ جي يادگيري اچي ويئي. جنهنکي ڻاهڻ کان پهرين ميري نيٽ به ڪندا هئا ۽ پوءِ انکي سموڪي فليور ڏيڻ لاءِ ٽانڊن تي به رکندا هئا. بابا کي 'مڇيءَ جو ٻوڙ' بيحد پسند هو چانورن جي ڊوڊي سان.... شڪارپور جي ڪٺاڻ، ديوان رامچنداڻيءَ جو فلودو، مائي جي مٺائي ۽ گيهر. مان اُن مانيءَ ۾ اُها ماني ڳولهي رهيو آهيان.... هنن ڇهرن ۾ پنهنجو ڇهرو.... هن شهر ۾ پنهنجو شهر. مون هنکي چيو، 'سائين، مان ايترو گيهه نه کائي



سگهندس' ۽ گيهه ڪيڏي ڪٽوري هن ڏي سوري. هوُ وڏي مزي سان گيهه ماٽي رهيو هو. پوءِ اسين دير تائين ڳالهيون ڪندا رهياسين.... هند جون.... سنڌ جون...

مون جڏهن هن کي چيو - 'شڪارپور هڪ شهر نه ذهني ڪيفيت آهي.... شڪارپور هڪ سوال آهي.... جنهنجو جواب ڳولهڻ هميشهه ڪو نه ڪو ايندو آهي.... شڪارپور صرف هڪ جسم ئي نه روُح به آهي.... هن روُح کي پاڪي پائي مان هتان هلي وڃڻ جي معافي ٿو گهران. شڪارپور هڪ سانچو آهي، جنهن مان نهيل مخصوص ماڻهو ئي نڪرندا آهن.... پوءِ هوُ دنيا ۾ ڪيڏانهن به هليا وڃن.... رهندا شڪارپوري ئي آهن.... فخر ڪندا آهن پنهنجي شڪارپوري هئڻ تي....'

تڏهن هن مونکان پڇيو - 'ڇا تون ڪويتا لکندو آهين؟'

مون 'ها' ۾ مٿو لوڏيو ته هن ٻئي هٿ مٿي کڻندي چيو-

'پوءِ ته تنهنجو خدا ئي مالڪ آهي.'

جيڪڏهن مان هنکي چوان ها، مان ڪنهن سان 'پريم' ڪندو آهيان ته هن کي حيراني نه ٿئي ها. منهنجي ڪويتا ڪرڻ تي هنکي حيراني ٿي رهي آهي.... ڪهڙو فرق آهي ڀائي؟ پريم جڏهن گهاٽو ٿي ويندو آهي، لڙڪن ۾ نه وهي سگهندو آهي، ڪويتا ٿهي ويندو آهي، الفاظ ٿهي ويندو آهي، اوم ٿهي ويندو آهي.

ٻئي ڏينهن مان جلدي ئي سنان پاڻي ڪري تيار ٿي ويس. پيتامبر به اچي ويو. هن مونکي پائڻ لاءِ هڪ نئون وڳو ڏنو....

'مونکي کٽوائي ڌرمشالا وٺي هلو، اڳتي مان پاڻ ويندس....' مون هنکي چيو.

ها.... اڳتي ته تون پاڻ ئي ويندين....' هن مونکي ڏسندي چيو.

ڪٺوائي ڏرمشالا هڪ سنهي گهٽيءَ ۾ آهي، لڳ ڀڳ اٺ ڏهه فوٽ ويڪري. اُتي ٽئڪسي يا ڪار نٿي روڪي سگهجي.... ڪار ٻاهر روڪي اسين پنڌ هلڻ لڳاسين.... هي ڏسو.... هي آهي گوبندرام پنجابيءَ جو گهر. مون ڏسندي ئي سڃاڻي ورتو. بلڪل اُهوئي.... ڪجهه به نه مٽيو آهي.... گيٽ جو رنگ به نه. سڀ ڪجهه ته نه مٽجندو آهي. ٿورو پراڻو به رهجي ويندو آهي. ٿورو اڳتي هليس ته پساري بزار آئي.... اسان پنهنجي دوست چترو ناگپال جو دڪان ڏٺو. ...اڳتي وڃڻ تي جي.بي. منگهارام جو دڪان آهي. گهمندي گهمندي ڪٺوائي ڏرمشالا جي پوئين حصي ۾ پهچي وياسين.... ڪيترائي ماڻهو اچي ويهي رهيا، پر اُنهن سان به هڪ دوري برابر قائم ٿيل هئي. پر وري به اسان گڏ فوٽا ڪڍايا.... ڪئميرا هئي ننڍي.... اُن ۾ 8 ايم.ايم. جي فلم لڳندي هئي. مان فوٽا ڪڍندي ڪڍندي ٿڪجي پيس ۽ وڃي هڪ چبوتري تي ويهي رهيس. پيتامبر اُتي بيٺل ماڻهن سان ڳالهائي رهيو هو، جيڪي ٿوري جڳياسا سان مونکي ڏسي رهيا هئا. هاڻي ڪجهه وقت مان پاڻ سان رهڻ چاهيان ٿو.... اُن شديد احساس سان، جيڪو مونکي هتي وٺي آيو آهي.

مان هن شهر کي ڏيان سان ڏسي رهيو آهيان.... جيڪو قطرو قطرو منهنجي سامهون کلي رهيو آهي.... مون اُنهن هوائن ۾ گهرو ساهه کنيو، جن ۾ نه ڄاڻ ڪيتريون يادگيريون سمايل هيون.

هي اُهوئي شهر آهي، جتان لُڙڪندي اسين پري هليا ويا هئاسين.... اُها ڏنڌلي اوسٽا مونکي هن مهل تائين ياد آهي.... ڪجهه به صاف نه هو، سواءِ اِن ڳالهه جي ته هاڻي وڃڻو آهي.... شهر چپ چاپ اسانکي ڏسندو رهيو، پهنجي ويران ۽ خالي اکين سان.... ماڻهن ۾ نه ڄاڻ ڪهڙو ڀؤ ويهي رهيو هو جو هو پنهنجي ئي پاڙيسريءَ کي شڪ جي نگاهه سان ڏسي رهيا هئا؟ ڪيئن



هن شهر اسانکي پنهنجي رت ۽ ماس کان الڳ ٿي وڃڻ ڏنو؟ ڪيئن گهٽين اسانجي پيرن جا آواز پنهنجي اندر لڪائي ڇڏيا؟ ڪيئن نه اُنهن رستن ورائي ورائي اسان کي ويندي ڏٺو هوندو، جنجي ڇاتي اُن وقت بوٽن سان لتاڙي ڇٽي پئي وڃي. اُهي پير، جن سان نصيب ۾ اچا به نه ڄاڻ ڪيترو رلڻ ڀٽڪڻ لکيل هو. ڪجهه پير ته اڃا تائين رُلي رهيا آهن ۽ ڪجهه آتمائون به.

اِهو ته گهڻن سالن بعد سمجهه ۾ آيو ته ڪجهه شهر اهڙا ٿيندا آهن، جيڪي اسانجي رَت ۽ ماس ۾ سمايل هوندا آهن.... صرف اسان ئي نه وڏا ٿيندا آهيون، هوُ به اسان ۾ ڦلندا ڦولندا پنهنجون پاڙون پکڙيندا آهن. اسين ڪيڏانهن به وڃون، پاڙون اسانکي اندران جهلي بيهنديون آهن. اُهي شهر ڪڇندا ڪجهه نه، پر اندر جي احساس ۾ موجود هوندا آهن ۽ جڏهن به ليئو پائي ڏس، اُنهن بند جهروڪن ۽ درن جي پٺيان هڪ عجيب اِسراري لوڪ لڪل ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هوُ پنهنجو پاڻ نه کُلندا آهن.... بيٺا هوندا شرمايل سڪُڇايل.... اُنهن کي کولڻو پوندو آهي، گهڻو سنيلجي سنيلجي پنهنجن هٿن سان. پر اُنهن ۾ ئي ڪجهه حصا اهڙا به هوندا آهن، جيڪي اڳتي وڌي پاڻ اسان سان هٿ ملائيندا آهن.... اسانجي جسم کي ڇهي اسانکي تسليِ ڏيندا آهن ته چنتا نه ڪر.... مان آهيان.... اسين گڏ آهيون. اڄ مان محض اِنهن ٻاهرين روڊن ۽ گهٽين ۾ ئي نه هلي رهيو آهيان، بلڪ اُنهن رستن تي به هلي رهيو آهيان، جيڪي منهنجي اندر آهن.

اڄ.... اڄ ڏسان ٿو ته هي ڪو ٻيو ئي شهر آهي.... اِنهيءَ شڪارپور کي هن علائقي جو پئرس چيو ويندو هو، روڊ رستا خوشبودار پاڻيءَ سان ڌوتا ويندا هئا. ٽائون پلاننگ ۾ بلڊنگس

جي معاملي ۾ هيءَ هڪ هاڪارو شهر هو. هاڻي شڪارپور ۾ داخل ٿيندي ئي ڪچري جا ڍير ڏسڻ ۾ اچڻ لڳا آهن. روڊن جي حالت ڪافي خراب آهي.... اُکڙجي ويا آهن. جڳهه جڳهه پاڻي پريل آهي، اُهو چوواٽا به ساڳيا نه رهيا آهن، جن کي مان ڇڏي آيو هوس.... اُهي هاڻي ڪنهن ٻئي پاسي ڏسڻ ۾ مشغول آهن. اُهي ماڻهو ڪيڏانهن هلي ويا، جيڪي اُن وقت ۾ هوندا هئا. اُهي پوشاڪون، اُهي ڳاڙهيون پڳڙيون، اُهي چوٽيون، اُهي روا.... هاڻي اُهي نه رهيا آهن. پر سڀ ملڇي ويو هجي، ائين به نه آهي. هر شهر ۾ ڪجهه نه دائمي هوندو آهي، جو ڪڏهن نه مٽجندو آهي، جنهنکي اسين ڳولهڻ ايندا آهيون ۽ جيڪو ڪڏهن ملندو به نه آهي. اُهو ڇا آهي، مان اڄ تائين اُن تي آڱر نه رکي سگهيو آهيان.

۽ ماڻهو؟ ڇا ماڻهو اڄ به اُنهيءَ ائڊريس تي رهندا آهن، جيڪا منهنجي ڊائريءَ ۾ درج آهي؟

مان اُنهن تائين پهچڻ چاهيان ٿو، جيڪي مونکي سڃاڻن ٿا... مونکي منهنجي نالي سان ڄاڻن ٿا.... مونکي اُهو در ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي.... جلدي جلدي پير پرينديءَ مان مائي زينيءَ جي در تي بيٺو آهيان، در کليل هو.... مان اندر گهڙي ويس.... مائي زيني کٽ تي ويٺي هئي.... مونکي اوچتو ڏسي ٿورو ڇِرڪ نڪري ويس.... ڪير؟ ٿوري حيرانيءَ سان هوءَ مونکي ڏسڻ لڳي.... مان بنا اِجازت اندر آيو هوس....

’بنا اِجازت اندر آيو آهين ته ڪو پنهنجو ئي هوندين.‘ هوءَ مونکي ڏيان سان ڏسي رهي هئي.... ’اچ.... هن کٽ تي ويهه....‘

مان اُن کٽ تي ويهي رهيس.... ’مان نند آهيان، عقيءَ جو پٽ....‘ چوندي چوندي منهنجو گلو پرجي آيو.... مان اُنهن



ڳُهنجن ۾ ڪجهه ڳولهي رهيو هوس.... ڪا رهجي ويل شيءِ.... جنهنکي صرف اُهي ڳُنجهه ئي سنڀالي رکي سگهن ٿا.... اسان گهڻي دير هڪ ٻئي ڏي ڏسندا رهياسين....

’تون.... تون گوئمان آهين نه؟‘ هوءَ حيرت مان مونکي ڏسندي رهجي وئي.... پوءِ هن پنهنجون ٻئي ٻانهون مون طرف وڌائيندي کولي ڇڏيون.... مونکي خبر ئي نه پيئي، مون ڪڏهن هنجي هنج ۾ پنهنجو چهرو رکيو ۽ رئڻ لڳس.... هوءَ به منهنجو مٿو چمندي.... مونکي پنهنجي ٻانهُنِ ۾ پريندي روئي رهي هئي.... هڪ بند ٽُٽو هو.... ڪيترين نديون اندر دفن هونديون آهن، اسانکي ڪا خبر ئي نه پوندي آهي.... هنجي اکين جي ڪُنڊن مان سنڌوُ ڦٽي رهي هئي.... مان وَهي رهيو هوس.... اسانجا الفاظ اُن تيزيءَ سان وهندڍ نديءَ ۾ وهي رهيا هئا....

’وڃڻ وارا ته نه موٽندا آهن گوئمان، تون موٽي آئين....‘

’مان ته پنهنجي سنڌ کان پرتي ڪڏهن وڃي نه سگهيس.‘ مون ڳُهٽيل گلي سان چيو.

اسان ٻئي 32-33 سال پهرين اُن لمحي جي هنج ۾ وڃي ٿا ڪرون، جتي مائي زيني جيڪا اسانجي حويليءَ ۾ سيني جا ڪپڙا ڌوئندي هئي ۽ وڏيون وڏيون چادرون ڌوئڻ لاءِ پاڻ سان گڏ کڻي ويندي هئي. ڪپڙا واهه تي ڌوئڻ بعد پنهنجي ڌوٻين جي پاڙي ۾ ٽن ٻين ماڻهن سان گڏجي هڪ هڪ چادر جي چئني ڪنڊن کي پڪڙي سڪائي پيئي ٿي ۽ مان ڊڪ پائي وڃ ۾ وڃي ٿو بيهان. ٿڌي خوشبودار پاڻيءَ جا ڇنڊا ۽ هوا منهنجي چهري ۽ جسم تي پئي ٿي ته من آتي شانتيءَ سان پرجندو ٿو وڃي. نانيءَ جي گهر ويندي جڏهن ڌوٻين کي هن ريت ڪپڙا سڪائيندي ڏسندو هوس، ڊوڙي وڃي چادر جي هيٺان بيهندو

هوس. اُتي علي پائر به رهندا هئا، جو مونکي اُتي ويهڻ ئي نه ڏيندا هئا. مان جيب ۾ ريوڙيون رکي ويندو هوس. ٻه ٻه ٻنهي کي ڏيندو هوس. جيستائين منهن ۾ ريوڙيون هونديون هئن، هوُ نه ڪڇندا هئا. ريوڙيون ختم ٿينديون ئي هوُ مونکي وري اُن چادر کان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. مان وري ٻه ٻه ريوڙيون اُنهن جي اڳيان ڪري ڇڏيندو هوس. جيستائين ريوڙيون هلنديون هيون، اهو سک هلندو رهندو هو. هڪ اهڙو سک، جو پوين سالن ۾ ڪو اي.سي. به نه ڏيئي سگهيو.

مائي زينيءَ جو گهر منهنجي ۽ منهنجي نانيءَ جي گهر جي وچ ۾ پوندو هو.... ڌوٻين جي پاڙي ۾. مائي زيني نه صرف اسانجي سڄي حويليءَ جا ڪپڙا ڌوئيندي هئي، پر منهنجي ماءُ جي ساهيڙي به هئي. اُنهن ڏينهَنِ ۾ ڌوٻي گهڻو ڪري گڏهه تي يا پاڻ پنهنجي مٿي تي ميرا ڪپڙا رکي شهر کان ٻاهر ڪٿي وڃي ڪنهن کوهه يا تلاءَ تي ڌوئيندا هئا ۽ موٽي اچي پنهنجي پاڙي ۾ سڪائيندا هئا. منهنجي ماءُ جي شاديءَ کان پهرين مائي زيني منهنجي نانيءَ جي گهر جا ڪپڙا ڌوئيندي هئي. ڪپڙا ڌوپي وڃڻ کانپوءِ ٻئي ساهيڙيون گڏجي لڳنديون هيون. ڇا وقت هو اُهو به. 100 ڪپڙن جي ڌوئڻ جا ڌوٻي ٻه ٽي روپيا وٺندو هو. اُن ۾ به ننڍن ٻارن ۽ نياڻين جا ڪپڙا فِري.

'عقي ڪيئن آهي؟' پنهنجا ڳوڙها اُگهندي مون پڇيو. هنجون اکيون پرجي پرجي ٿيون اچن....

'ٺيڪ آهي پر هاڻي گوڏن ۾ سور رهڻ لڳو اٿس....' مان هن جي من جي حالت سمجهي سگهان ٿو.

'ياد ڪندي آهي؟'

'تمام گهڻو، اسين سڀ گهڻو ياد ڪندا آهيون.'

'۽ ٻيا سڀ. جيڪي توسان گڏ ويا هئا، اُهي ڪيئن آهن؟' هوءَ سيني جو نالو ڪٽي ڪٽي پڇڻ لڳي. مان حيران آهيان. هنکي سيني جا نالا ياد آهن. مان جن کي سڃاڻان پيو، هنکي ٻڌائي رهيو آهيان....

'تنهنجو ننڍو ڀاءُ ڪيئن آهي؟'

'سڀ ٺيڪ آهن، تنهنجو پٽ ڪيئن آهي؟ نڪاح نه ڪيو اٿئين؟'

'نه، ڪمبخت مڃي ئي ڪونه ٿو. هاڻي مان به ايترو ڪم نٿي ڪري سگهان. ڪپڙا ڌوئڻ به ڇڏجي ويو آهي. ڇڏ، منهنجي ڇڏ، تون ٻڌاءِ.... سڀ چوندا آهن، هندستان ڏاڍو وڏو آهي. ڏاڍو سٺو آهي. اُتان جا ماڻهو ڏاڍا پڙهيل لکيل آهن. مان ته هن شڪارپور کان ٻاهر ڪڏهن ويئي ئي نه آهيان. چڱو ٻڌاءِ تنهنجي گهر ۾ ٻيو ڪير ڪير آهي.... ۽ هتان وڃڻ کان پوءِ تو ڇا ڪيو؟ ڪيئن پنهنجو جيون مٽيئه؟ روٽي پاڻيءَ جو ڇا ڪيئه؟ ڪير ڪير گڏيئه؟'

مونکي ڪل اچي ويئي. ايتري وڏي آکاڻي ڪيئن ٻڌايان؟ ۽ اُها ڪهاڻي به منهنجي نه، سيني جي آهي. مان اڪيلو ته ٿي نٿو سگهان. اُن ۾ سڀ آهن. وري به مون چوڻ جي ڪوشش ڪئي. مان چوڻ چاهيان به پيو.... ها، مان وهڻ چاهيان به پيو.... نديءَ وانگر آهستي آهستي.... سڌو سپاٽ ڪٿي هوندو آهي اُنجو رستو، نه پهريان کان طئه. رستو ته پاڻيءَ جي ڌارا هلندي ئي ٺهندو آهي.... ڪٿي ڪٿي ته ڌارا اهڙي سُڪي ويندي آهي جو ڏسڻ ۾ به نه ايندي آهي ۽ ڪٿي ته هڪ سنهي ڌارا اهڙي بيحس وياڪتا سان ٺلندي آهي جو شهرن جا شهر اُن ۾ سمائجي ويندا آهن.... جهڙي مان هن وقت پنهنجي اندر ۾ محسوس ڪري رهيو آهيان....

هنجو هٿ پڪڙي مان هنڪي چئمبور وٺي ويس، ورهاڱي کانپوءِ جتي اسانکي رکيو ويو هو، اُتي اسين چاليهه هزار سنڌي ۽ پنجابي هئاسين.... ڪامن باٿروم.... ڪامن ٽائليٽ هئا.... ڪامن مصيبتون.... ڪامن روئڻ..... ڪامن هتاشائون.... پر جڏهن سڀ ڪجهه ڇنجي ويندو آهي، تڏهن ڪجهه اهڙو به ملي ويندو آهي، جيڪو اسانجي مري ويل پروسي ۾ ساهه وجهي، وري اُنکي ڪٽي جيئرو ڪندو آهي.

ڪجهه اهڙا ماڻهو به مليا، جن پنهنجو هٿ اڳتي ڪري جهلي ورتو. نه صرف جهليو، جيئڻ جو سبق به ڏنو ته 'اڪيلو هلندين ته گهڻو پرتي نه هلي سگهندين، سيني سان گڏ هلندين ته گهڻو پرتي به پهچي سگهين ٿو.' ڪن ائين به سمجهايو ته 'ڪجهه به وڃائجانءِ، رشتا نه وڃائجانءِ، اِنسانيت تي ويساهه نه وڃائجانءِ.' حالانڪ هي سبق اُن وقت سمجهڻ ڏورو ڏکيو هو، ڇو جو تيستائين اسانجي اندر اِنسانيت تي ويساهه ختم ٿيڻ جي بني تي ٿي هو. پر اسان بچائي ورتو هي پروسو.... بچائي ورتو پاڻ تي ويساهه.... حشوءَ جي ڪري....

حشوُ پرسرام آڏاوڻي.

چئمبور ۾ جنهن قسم جي گهرن ۾ اسين رهون پيا، اُهي لڳ ڀڳ جهنگ ۾ هئا.... ٽين جي ڇتين ۽ ڏڏن جي پٽين سان نهيل.... بس ايترا جو مٿو ڍڪيل هجي، باقي جيڪو ڪرٽو هو، پاڻ ڪرٽو هو ۽ خبر به نه هئي ته آخر ڪرٽو ڇا آهي؟ ڪنهنکي به خبر ڪانه هئي. بس پهچي وياسين جيڪو ساڻ هو، اُهو ڪٽي. جيڪو مليو، شڪر ڪيوسين ۽ اڳتي ڇا ڪيون، اِهو ڳولهڻ لڳاسين....

ٻي عالمي جنگ جي وقت انگريز سرڪار بمبئي جي بچاءَ لاءِ ملٽري ڪئمپ برپا ڪئي هئي، جيڪا بمبئيءَ جي ويجهو



ته هئي پر بمبئيءَ ۾ نه هئي. اهڙي ئي هڪ ڪئمپ چئمبور جي ويجهو هئي. جيڪا بمبئي جي سرحد کان ٽي ڪلوميٽر پرتي هئي. سائن کان چئمبور تائين بس جو ڀاڙو ٻه آنا هو. شڪارپور واري جيٺاسنگهه جون بسيون هلڻ شروع ٿيون ۽ اُهي بسيون سنڌ مان ئي آيون هيون. هي بسيون ٻاڦ تي هلنديون هيون. بس جي پٺيان پاڻيءَ جون ٽانڪيون ڀريون پيون هونديون هيون. اُنهن ٽانڪين جي هيٺان ڪاٺيون ٻاري ٻاڦ پيدا ڪئي ويندي هئي. پاڻي مفت ملندو هو. ڪاٺين جو هڪ پاسي وڃڻ جو خرچ ٻه روپيا ايندو هو. ڊرائيوَر ڪنڊيڪٽر جي پگهار ٽي روپيا روز هئي. ان طرح جيٺاسنگهه ڇهن بسين مان روز پنج سؤ روپين جي ڪمائي ڪندو هو. چئمبور طرف اچڻ وارو هڪ رستو ڪُرلا کان ٿيندو ايندو هو، پر رستي ۾ گهاٽو جهنگ هئڻ جي ڪري نانگن ۽ وڇُن جو ڀؤ هميشهه هوندو هو. هوئڻ ڪئمپ جي ويجهو چئمبور اِسٽيشن به هئي. ڪُرلا کان چئمبور جي لاءِ هرهڪ ڪلاڪ ۾ هڪ گاڏي هلندي هئي. چئمبور اِسٽيشن کان ڪئمپ ٻه ڪلوميٽر پري هو، سو پنڌ هلي اچڻو پوندو هو. رستي ۾ هڪ ڳوٺ پوندو هو. جتان جا رهواسي سنڌين جي خلاف هئا، اِنڪري مٿو هيٺ ڪري اُتان لنگهڻو پوندو هو. مرائين کي به شڪ هو ته سنڌي هندو ڪيئن ٿا ٿي سگهن؟ پر ڪجهه وقت بعد جڏهن چئمبور ۾ آر.ايس.ايس. جون شاخائون شروع ٿيون، تڏهن مرائن ڏٺو ته سنڌي به وير شواجيءَ جي جهنڊي کي سلام ڪري رهيا آهن. تڏهن اُنهن کي ويساهه اچڻ شروع ٿيو.

1948 جو سال سنڌين جي لاءِ ڪافي ڪشت ڏيڻ وارو هو. اُتي لڳ ڀڳ ٽي هزار ڪُٽنب رهندا هئا. جن ۾ لڳ ڀڳ 200 ڪُٽنب پنجابي شرڻارٿين جا هئا. سنڌين ۽ پنجابين جي وچ ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪٽ پٽ ٿي ويندي هئي. 1948 ۾ سنگهه تي

لڳل بندشن جي خلاف ستياگره شروع ٿيا، جنهن ۾ لڳ ڀڳ 100 سنڌي جيل ۾ وڌا ويا. تڏهن مرائن کي خبر پيئي ته سنڌي به سنگهي هوندا آهن. تڏهن وڃي اُنهن جي دلين ۾ سنڌين جي لاءِ پنهنجائپ پيدا ٿي. تيستائين اُتي صرف مرائن جي سنگهه جي شاخائن جو سنڀالن ٿيندو هو. شاخا به ڏهن ماڻهن جي لڳندي هئي. اِنهيءَ ڀاونا جي هلندي جڏهن مرائن سنڌين جي مدد ڪرڻ چاهي ته سنڌين اِهو چوندي اِنڪار ڪيو ته اسانکي مدد نه کپي. اسين پنهنجي دم تي روزگار ڪنداسين. ان ڳالهه جي ڪري اسانجي عزت اچا وڌي ويئي. مرائن وٽ واپاري هنر نه هو، جيڪو اسين ڪٺي پهتا هئاسين. انهن ۾ رسڪ (Risk) کڻڻ جو معدو به گهٽ هو. اسان وٽ ويزن (Vision) ته نه هو، پر اسان هر قسم جي غيرمحفوظيت ۾ لهڻ لاءِ تيار هئاسين. اسان سڀ ڪجهه وڃائي آيا هئاسين ۽ هاڻي جيڪو حاصل ڪرڻو هو، پنهنجي دم تي ڪرڻو هو.

اسان اُتي رهون پيا ته 1950 جي آس پاس بمبئيءَ ۾ هڪ وڏو طوفان آيو. چئمبور نواسين جا گهر ڀڄي ٽٽي ڪري پيا. ٽين جون ڇتيون ۽ تڏن جون پٽيون سڀ اُڏامي ويون. لائيٽ نه هئي. نانگ تمام وڏيڪ هئا. ٻولي پرائي هئي. ماڻهن جا کيسا خالي ۽ دليون شڪسته هيون. چئمبور شهر کان گهڻو پري به پوندو هو. ماڻهن ۾ خوف ڦهلجي ويو. ڪٿان مدد ملندي؟ گهر ڪَچا ئي سهي پر ٻيهر ته ٺاهڻا ئي پوندا. تڏهن حشوءَ اسانکي نئين ڏِشا ڏني. هن پنهنجن پئسن سان ٽارچُن جو اِنتظام ڪيو. سوَيم سيوڪن جون ٽڪڙيون ٺاهي، اُنهن کي پهري جو اِنتظام ڏنو، جيئن ٻار ۽ زالون محفوظ رهن. لڳ ڀڳ پندرهن ڏينهن بعد سرڪاري مدد آئي. تيستائين سويم سيوڪن تَڏن جون پٽيون وري بيهاري ڇڏيون هيون. ڪم سمپل هو، پر



نئون هو. حشوءَ جي نگرانيءَ ۾ سڀ ملي هڪ ٿي بيٺا هئا. حشوءَ جي ڪري اسانکي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جو نئون آزمودو مليو. گڏ بيهڻ جي طاقت سمجهه ۾ آئي. پروفيسر گهنشيام شوداساڻي، هڪ ڪانگريسي ليڊر هو، اُن به گهڻي مدد ڪئي.

حشوءَ کي سڀ کان پهرين مون سنگهه جي شاخا ۾ ڏٺو هو، شڪارپور ۾. اَڇي ڌوتي ۽ اُجلو چهرو، سهڻو جسم، سهڻو من ۽ سهڻي آتما جو درلڀ سنگم هئو. هي سنگم مون نه اُن کان پهرين ڏٺو نه پوءِ. هو اُتي آر.ايس.ايس. جو پرچارڪ هو. هن مونکي اِنسان ۽ اِنسان جي وچ جي دوريءَ کي سڃاڻڻ سيکاريو. هن مونکي ٻڌايو، لفظ هڪ ڏِوني آهي. هڪ سائونڊ، جنهنکي معنيٰ اِنسان ڏيندو آهي. لفظ ساٿي به ٿي سگهي ٿو، دشمن به. منهنجي هن سان ملاقات ورهاڱي بعد سنگهه جي چئمبور آفيس ۾ ٿي هئي. پر منهنجي هن سان ٽين ملاقات ڪڏهن نه ٿي سگهي، ڇو جو اُن ڏينهن کان پوءِ هن کان ڪڏهن به جدا نه ٿي سگهيس. هوُ هميشهه مون سان گڏ رهندو هو. پر هيءُ آزمودو صرف منهنجو ئي هجي، اِئين نه هو. اُتي ڪم ڪندڙ هر سهيوگيءَ جو هن بابت اِهو ئي چوڻ هو. هن جي شخصيت ئي اهڙي هئي. حشوءَ کي پورو ڄاڻڻ ناممڪن هو. شايد ئي ڪڏهن پاڻ بابت ڳالهائيندو هو. شرير ئي پاڻ بابت ڳالهائيندو آهي پر هوُ شرير ته هو ئي ڪونه. هو هڪ جوت هو. روپ نه هو، اروپ هو. هن کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هڪ ٻئي قسم جي حواس جي ضرورت ٿيندي آهي، جيڪو هوندو ته سيني ۾ آهي، پر پنهنجي اندر ڄاڳائي اُنکي ڪوئي ڪوئي سگهندو آهي.

ورهاڱي کانپوءِ 1949 ۾ هو هتي آيو، تڏهن هوُ صرف سترهن سالن جو هو. اِن کان پهرين هوُ حيدرآباد سنڌ ۾ هو. سنگهه جي

طرفان هنکي چيو ويو هو تہ جولاءِ ۾ ڪراچي شڪارپور ڪالونيءَ ۾ ٿيل بم ڪيس ۾ جيڪي پڪڙيا ويا هئا، اُنهن جي قانوني مدد ڪرڻي آهي، سو بہ ڄڻا اُتي سنڌ ۾ رهي پيا هئا. هڪ هو هري سامتاڻي ۽ ٻيو حشوُ آڏواڻي. هوُ هر هفتي سنڌ ويندو هو. اُن وقت جوڌپور کان هڪ ٽرين هلندي هئي. جيڪا ڏهن ڪلاڪن ۾ حيدرآباد پهچائيندي هئي. هوُ مسلم ڊريس پائي ويندو هو. اُنهن سترهن ماڻهن ۾ ٻن کي ڦاسي ٿي هئي. جيڪي باقي بچيا، اُنهن کي ڏهن ويهن سالن جي سزا ملي. اُن وقت هتي ٻن دهشتگير مسلمانن کي ڦاسي ملي هئي. هوُ پاڪستان وڃڻ چاهين پيا. مورارجي ديسائيءَ، جو اُن وقت مهاراشٽر ۽ گجرات جو هوم منسٽر هو، وچ ۾ اچي اُنهن قيدين جي ادلا بدلي ڪرائي. ٻہ هوڏي ويا، سترهن هيڏي آيا. حقيقتن اُهي سڀ بي گناه هئا، ڪنهن کي بہ ڪجهہ خبر نہ هئي.

اُن وقت اجمير مان هڪ اخبار نڪرندي هئي، ’سنڌ ڪيسري‘. اُن جو ايڊيٽر هو گووردن محبوباڻي ’پارتي‘. گووردن اُن کي نہ پيو ڪڍي سگهي ۽ اخبار اچي ويئي بمبئيءَ ۾. هيءُ ڪم ٻراچي پيو حشوءَ جي ڪلهن تي. اُن وقت بجليءَ جو بل ڀرڻ سولو نہ هو، سو پريس پنهنجي پيرن سان هلائڻي پوندي هئي. حشوُ هي سڀ ڪم ڪندو هو. حشوُ ٻيا بہ گهڻا ڪم ڪندو هو. کهڙو نہ تيج جو هنجي چهري تي.... کهڙي ايشوري ڪشش جو سندس تيجسوي چهرو اڄ بہ منهنجي سامهون صاف ۽ چٽو آهي.

حشوُ جڏهن سترهن سالن جو هو، هن آر.ايس.ايس. لاءِ پنهنجو گهر ڇڏي ڏنو. هوُ پنهنجي گهر ٻيهر نہ ويو تہ وڃڻ سان موهہ ٿي ويندو. چيمبور ۾ سنگهہ جي شاخا لڳندي هئي شام جو. ڇهن پنجن شاخائن جو هيڊ حشوُ ئي هو. اُن وقت چيمبور جهنگ ئي هو. مکيہ شهر کان گهڻو پرتي. اسان آر.ايس.ايس.



جي هڪ ننڍي آفيس ٺاهي رکي هئي، جتي ڪجهہ نيوز پيپرس وغيره رکيا ويندا هئا. اسان پڙهيل نيوز پيپرن جو هڪ هڪ پنو سيني کان ڳُهري هڪ پوري اخبار ٺاهي ماڻهن جي پڙهڻ لاءِ رکندا هئاسين. اسين هڪ مئگزين بہ ڪڍندا هئاسين، پر ڇو جو هڪ مئگزين ڪڍڻ جو خرچ چار پنج سوَ ايندو هو، سو اسان هڪ هٿ سان لکيل مئگزين جون ٽي ٽي ڪاپيون ٺاهي اُتي رکندا هئاسين، جيئن ايندڙ ويندڙ ماڻهو اُتي ويهي پڙهي سگهن. حشوُ اُتي ئي رهندو هو. اسان چار پنج ماڻهو پنهنجي ماني کڻي اُتي وڃي کائيندا هئاسين. حشوُ بہ اُنهيءَ مان کائي وٺندو هو. هنجو پيءُ ۽ ٻہ ڀائر جبرالٽر ۾ رهندا هئا، جيڪي ڪافي پئسي وارا هئا. اُتان حشوءَ وٽ جيڪي پئسا ايندا هئا، هوُ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

منهنجو هڪ ٻيو بہ راهہ رهبر هو.... مونکي رستو ڏيکارڻ وارو - تولارام پنجابي، جيڪو چيمبور ڪئمپ ۾ منهنجي گهر جي ڀرسان ٻئرڪ ۾ رهندو هو. تمام گهٽ ڳالهائيندو هو ۽ هميشهہ ڪنهن سوچ ۾ گم لڳندو هو. ٽائيمس آف اِنڊيا ۾ ڪلارڪ هو. ننڍن وڏن شهرن جون اُهي خبرون، جيڪي شايع ٿيڻ کان رهجي ويندڙيون هيون، اسان ننڍين اخبارن کي پهچائيندا هئاسين. اُهي اُنهن ننڍين اخبارن جي ڪم جون هونديون هيون. هنجي هٿ ۾ هميشهہ ڪو نہ ڪو ڪتاب هوندو هو. هر ڳالهہ ۾ هن وٽ هڪ نئين نظر هوندي هئي. هن ئي مونکي ڪتاب پڙهڻ بہ سيکاريو ۽ اِهو بہ سمجهايو تہ ’ٻٽوين د لائينس‘ ڪيئن پڙهجي. لوڪ وهنوار جي ڪلا بہ مان هن کان سکيس. هوُ پاڻ تمام ريڊر ڪتاب نہ صرف پڙهندو هو، پر اسانکي بہ اُنهن بابت ٻڌائيندو هو. هڪ ڀيرو هن چيو هو، جڏهن اسانجي سوچ، دماغ ۾ درج خيال کان مُڪت ٿيندي، تڏهن

اسانجي چيتنا جو ڦهلاءُ ٿي سگهي ٿو. هوءَ قدرت جي ڍڪيل اِسرارن کي کوليندي آهي، اهو رگويد جي سلوڪ ۾ لکيل آهي. هن ئي مونکي هڪ فرينچ رائيٽر Maxim Rodson جي ڪتاب ’محمد‘ بابت ٻڌايو هو تہ محمد هڪ طاقتور شخص هو ۽ قبيلن جي شڪل ۾ پکڙيل عربن کي گڏ ڪرڻ چاهيندو هو، جيڪي مورتي پوڄا ڪندا هئا. ڪتاب جي حساب سان هن گهڻيون شاديون ڪيون هيون. هن کي مڪي کان ڪڍي ڇڏيائون تہ هُو مديني پهتو. تڏهن هُو ايترو ڪٽر نہ هو. واپس اچي جڏهن هن مڪو فتح ڪيو تہ اجا ڪٽر ٿي ويو. چوندا آهن هڪ ٽڪريءَ تي قران جو عايتون لٿيون هيون ھُن تي، جيڪي هن پنهنجي ٻيبي خديجہ کي ٻڌايون. خديجہ ھُن کان اٺ ڏهہ سال وڏي هڪ وڌوا هئي، جنهن وٽ هُو ڪم ڪندو هو، پوءِ هن سان نڪاح ڪيائين.

تولارام مونکي اِهو بہ سيکاريو تہ هِنن سيني ڳالهين کي طوُل ڏيڻ جي ضرورت نہ آهي. هي سڀ حالتن مان پيدا ٿيل ڳالهيون آهن. اسان وٽ بہ تہ چوندا آهن، راجا دشرت جون ساڍا ٽي سوَ راڻيون هيون. ڪنهن مان بہ ڪو ٻار نہ ٿيس. ان وقت شاديون سمجهوتي جي آڌار تي ٿينديون هيون. ڪيڪئيءَ سان اهو سمجهوتو هو تہ هنجي ڪُکِ مان ڄاوَل ٻار کي راجا ٺاهيو ويندو ۽ چارئي ٻائر ’نيوگ‘ جي پئدائش هئا.

جڏهن 30 جنوري 1948 تي گانڌيءَ جي هتيا ٿي هئي، اُن وقت حشوُ ڪراچيءَ ۾ هو. اُتي سنگهہ جا سترهن سويم سيوڪ پڪڙيا ويا. حقيقتن اُنهن مان ڪوئي بہ گنهگار نہ هو. جن ماڻهن بم ٺاهيا هئا اُهي زير زمين هئا، اُنهن مان نند بدلاڻي پڪڙيو ويو هو، ڇو جو جڳهہ اُنهيءَ جي هئي. ماستر وزيراڻي تہ سنت ماڻهو هو. کانچند گوپالداس منسڪاڻي وڪيل پوري سنڌ جو سنگهہ چالڪ هو، پر اڻڄاڻ شخص هو، سو هنجي قانوني مدد



لاءِ هري ساماتاڻي ۽ حشوُ اُتي ويا هئا. سنگهہ تي بندش لڳي ويئي. ڇئمبور ۾ سنگهہ جون چار شاخائون هيون، هڪ ٿي ويئي. اسان جهنڊي جي سامهون ميدان ۾ ڪتاب کڻي وهندا هئاسين. ڳالهيون سنگهہ جون ٿينديون هيون. ڪتاب هٿ ۾ هوندو هو. پرارٿنا سنگهہ جي نہ، ’توميو ماتا چ پتا توميو‘ جو منتر ڳائيندا هئاسين. پوليس ڏسندي هئي پر ڪجهہ نہ ڪري سگهندي هئي.

يادگيرين جي ننهن سوسڙي اُس ۾ تمام وقت پنهنجو جسم سيڪيندا منهنجي اندر رکيل گول چِڪنا پٿر هن وقت جي بارش ۾ سنان ڪري رهيا آهن. جنمن جي مٽي ڌوپي رهي آهي. اندر جميل پلي ئي رهجي ويو هجي، ٻاهر جميل وهي رهيو آهي. ڪجهہ ڇئي رهيو آهي، ٻڌي ڪير؟ ٻڌڻ وارا ئي ڪونہ رهيا. هن شور سيني کي ٻوڙو ڪري ڇڏيو آهي. ڄمي ويا هوندا ڪنهن وقت ۾، پر هن وقت مان پٿرن جو وهڻ ڏسي رهيو آهيان....

مائي زيني ٻڌي بہ رهي آهي ۽ وهي بہ رهي آهي مون سان گڏ ـ گڏ...

سنڌ جي ڳوٺ جي مقابلي بمبئيءَ جهڙي تيز رفتار واري شهر ۾ پاڻ نهڪائڻ هڪ مشڪل ڪم هو. اُن لاءِ پراڻيون عادتون ڇڏڻ ضروري هيون. پنجاهہ جي ڏهاڪي ۾ امڪانات بہ گهٽ هئا. بک اُها ئي هئي.... وسيلا گهٽ هئا. اُن وقت ضروري هو تہ بک ۽ وسيلن جو تال ميل هجي. محنت هئي، پر محنت کي دِشا ڏيڻ بہ ضروري هو. اڳتي وڌڻ جو خواب ڏسون يا هن مهل جون ضرورتون پوريون ڪيون؟ ٻار پڙهن يا ڪيلا وڪڻن؟ حشوُ اسان سيني لاءِ هڪ وڏي پريرڻا هو.

بمبئيءَ جي ملٽري ڪئمپ، جتي منهنجو پريوار رهندو هو، اُن کان ويهہ ڪلوميٽر پري گواليا ٽئنڪ تي منهنجو اِسڪول

هو. لاريءَ ۾ ويهي ريلوي اِسٽيشن ويندو هوس. اُتان به لوڪل ٽرينون مٽي اِسڪول پهچندو هوس، روز ٽي ڪلاڪ اسڪول اچڻ وڃڻ ۾ ئي لڳي ويندا هئا.

اسان ڏهن ٻارهن سالن جا ٻار، ننڍا وڏا ڪم ڪندا هئاسين. لوڪل ٽرين ۾ ڪائڻ پيئڻ جون شيون وڪڻڻ اسان ئي شروع ڪيون. اسانکي لوڪل ۾ ٽڪيٽ نه لڳندي هئي. جيڪڏهن ٽي.ٽي. پڪڙي به وٺي ته اسان صرف هڪ لفظ چوندا هئاسين، 'رفيوجي' ۽ هُو اسانکي ڇڏي ڏيندو هو. تيستائين اسانکي 'رفيوجي' جي معنيٰ به خبر نه هئي. منهنجو هڪ دوست هو، اُنجي هڪ پيڻ ۽ ٽي ڀائر هئا، هُو سڀ پنهنجي ماءُ سان ئي رهندا هئا. هو پڙهڻ ۾ ڏاڍو هوشيار هو ۽ پڙهائيءَ ۾ به منهنجي مدد ڪندو هو. اسين وڻ جي هيٺان ويهي پڙهندا هئاسين. مون وٽ سنڌ جي اِسڪول جو سرٽيفڪيٽ نه هو، پر ڪجهه وقت ڪانپوءِ بابا سنڌ مان وٺي آيو هو ۽ منهنجو ائڊميشن بنا ٽي.سيءَ جي ٿيو هو. پهريون اِسڪول چيمبور جي ٽمبوءَ ۾ کوليو ويو. ٻيو گرانٽ روڊ تي کوليو ويو، جتي ڪجهه وقت بعد ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ پوپٽي هيراننداڻي ماستر ٿيا. 1962 ۾ حشوءَ هڪ اِسڪول، جيڪو بند ٿيڻ وارو هو، ماڻهن کان ڊونيشن وٺي خريد ڪيو ۽ وويڪانند ايڊيوڪيشن سوسائٽي ٺاهي ٻيا به اِسڪول کوليا. اِسڪول ختم ٿيڻ ڪانپوءِ منهنجو دوست، جنهنکي پنهنجي ذميوارين جو بخوبي احساس هو، هڪ نئون ڪم ڳوليو ورتو. اِسڪول منجهند جو هڪ بجي ختم ٿي ويندو هو ۽ هو گرانٽ روڊ اسٽيشن کان اڌ ڪلوميٽر پرتي، هول سيل مارڪيٽ مان پنڌ وڃي چار درجن ڪيلا خريد ڪري ايندو هو ۽ شام جو ڇهين بجي تائين اسٽيشن کان ٻاهر فوٽ پاٿ تي پيپر وڇائي وڪڻندو هو ۽ ٽي چار روپيا روزانو ڪمائيندو هو. مان به هنجي



دوستيءَ ۾ هن سان گڏ وڃڻ لڳس. جڏهن ڪيلا ختم ٿي ويندا هئا ته هُو وري هول سيل مارڪيٽ ويندو هو. تيستائين مان هنجو دڪان سنڀاليندو هوس.

هڪ ڀيرو ڪيلا نه پيا وڪامن. اسان ڏاڍو پريشان ٿي هڪ ٻئي کي ڏٺوءِ ڪو نئون طريقو سوچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳاسين. هنن کي وڪڻڻو ئي آهي. هي گهر کڻي وڃون، اِهو اسانکي منظور نه هو. تڏهن منهنجي دماغ جي ٻتي ٻري. مون پنهنجي لڳ ڀڳ ٻارهان اِنچ ڊگهي چوٽي کولي ۽ اُن کي لهرائيندي آواز لڳائڻ لڳس....

'وٺو.... وٺو.... وٺو.... وٺو.... سستا هِندوُ ڪيلا وٺو .... هِندوُ ڪيلا'

هِندوُ ڪيلا؟ هيءَ هڪ نئين ڳالهه هئي. ماڻهو اسان کي ڏسي کلن پيا. ڪجهه ماڻهن جي اکين ۾ ديا هئي، ڪجهه جي اکين ۾ طنز، پر اسانجا ڪيلا وڪامجي ويا. ان ڏينهن پهريون ڀيرو لڳو، هتي زندگي بسر ڪري سگهجي ٿي. هندو ڪيلن جي وجَهَ سان نه، جيڪو ماڻهن جي اکين ۾ هو، انجي وجهه سان. پوءِ جڏهن اِهائي ڳالهه وچي تولارام پنجابيءَ کي ٻڌائيسين ته هو کلڻ لڳو. حشوءَ تولارام چوٽي نه رکندا هئا. تولارام مونکي مَنڊڪ اُپنشد جو هڪ شلوڪ ٻڌايو، اُن شلوڪ ۾ ويدن جي گيان کي هيٺ ۽ آتم گيان کي مٿي رکيو ويو آهي.....

'چوٽيءَ جي اهميت نه آهي، اهميت اِن ڳالهه جي آهي ته تون ڪيئن پنهنجي پيرن تي بيهي جيئڻ جي قابل ٿي سگهين ٿو.' هن چيو....

جيئڻ، نه تون ڪو منتر جپيندو آهين، نه مان ڪو منتر جپيندو آهيان، پر اسان ٻئي پرماتما جي پوڄا ڪندا آهيون. جيئڻ هندوءَ جي هتيا پاپ آهي، تئين مسلمان کي مارڻ به

پاپ آهي، جيئن هندوءَ جي مدد سان جيون جيئڻ نيڪ آهي، تيئن مسلمان جي مدد سان. چوٽي هندوءَ جي ظاهر نشاني آهي، هندوءَ جي آتما نہ آهي.‘

۽ مون چوٽي ڪٽائي ڇڏي. چوٽي ڪٽائيندي ئي مون محسوس ڪيو تہ مان مسلمان ڪميونٽيءَ جي ڪجهہ وڌيڪ ويجهو اچي ويو آهيان ۽ هوُ هاڻ مون سان پراون جهڙو وهنوار نٿا ڪن. ڏيري ڏيري اُهي، جيڪي ٻوليءَ جي ڪري پراوا لڳندا هئا، گڏ ڪم ڪندي ڪندي پنهنجا ٿي ويا. اِها ڳالهہ مونکي اُن وقت شدت سان محسوس ٿي هئي، جڏهن مان ڪيلن کان اڳتي وچي ڪم ڪرڻ لڳس.

مان مسلمان درزين کان بچيل ڪپڙن جا ننڍا ٽڪر وٺي وري ٻين درزين کي ڏيندو هوس ۽ اُنهن کان بريزس ٺهرائيندو هوس. اُهي وري يا تہ دڪاندارن کي وڪڻندو هوس يا فوٽ پاٿ تي ڏنڊو ڪرڻ وارن کي. اٺ ڏهہ روپيا ڊيلي ڪمائي وٺندو هوس. جيستائين چوٽي هئي، هوُ مون سان ٿوري دوري رکي وهنوار ڪندا هئا، پر چوٽي ڪٽجندي ئي مان اُنهن جي ويجهو اچي ويس. هاڻي اسان هڪ ٻئي سان کلڻ ڳالهائڻ لڳاسين.... کائڻ پيئڻ لڳاسين، هاڻي هو مونکي پورو ساٿ ڏيڻ لڳا هئا.

اڄ سوچيان ٿو هندو يا مسلمان هئڻ ماڻهن جي تحت ال شعور ۾ ڇا ايترو گهرو وينل آهي، جو اِن ڳالهہ کي بس ٿورو هوا ڏيڻ جي ضرورت آهي؟ ۽ ڇا سياستدانن کي اِها ڳالهہ چڱي طرح خبر آهي، تڏهن تہ....؟ تڏهن تہ، جڏهن بہ اُنهن کي، ان جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي، هوُ ان کي هوا ڏيندا آهن ۽ هر طرف بربادي‌ءَ جا نظارا ڏسڻ ۾ اچڻ لڳندا آهن. پر اُن مهل اسين تہ اِهو سڀ نہ ڄاڻندا هئاسين. اسان صرف پنهنجن وڏن کي جيئن ڪندي ڏٺو هو، سو ڪيو. اسان ننڍا



ننڍا ٻار اهڙا ننڍا وڏا ڏنڊا ڪندا ۽ مٽيندا هئاسين. جنهن جيڪو ڪنهنکي ڪندي ڏٺو، اُهوئي ڪرڻ لاءِ تيار. ڪڏهن نارنگيون، ڪڏهن ڦلوٽا، ڪڏهن ڦٽيون، ڪڏهن گهر جا ٺهيل چٽا يا چولا يا ٻين قسمن جون رڌيل تريل داليون.... ساوَن پنن تي، ڪڏهن ڪيچا، ڪڏهن پاپڙ، ڪڏهن ڪجهہ، ڪڏهن ڪجهہ. اسان پنهنجي پيرن تي بيهڻ ۽ جيئڻ سکي رهيا هئاسين.

اِن کان پهرين مون پنهنجي مامي سان گڏ رومالن جو ڪم بہ ڪيو هو. سنڌي منڊي ستن ڏينهن جي حساب سان پرت پريل رومالن کي پريس ڪري باڪس ۾ وجهي، ان تي جليٽن لڳائي ڏيندو هوس. هڪ سيٽ تي ٻہ آنا ملندا هئا. پرت امان بہ پري وٺندي هئي.

ڏن ئي پڙهائيءَ جو آڌار نهي سگهي ٿو، حشوءَ ان ڳالهہ کي غلط ثابت ڪيو. هن سمجهايو تہ ڪتاب جي هڪ سيٽ سان ڪيترا ئي ٻار پڙهي سگهن ٿا. ٻوڪ ٻئنڪ ٺاهي سگهجي ٿي. وڏي ڪلاس جا ٻار ننڍي ڪلاس جي ٻارن کي پڙهائي سگهن ٿا، ۽ ان ئي قسم جون ٻيون بہ گهڻيون ڳالهيون. اڄ هي سڀ معمولي لڳي سگهي ٿو، پر اُن وقت هي سڀ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو هو. گهر جا وڏا سڄو ڏينهن روزگار جي لاءِ ڀٽڪندا هئا. راشن جي تڪليف هئي. ڪڻڪ ۽ چانور ڏسڻ ۾ ئي نہ ايندا هئا. مڪئيءَ ۽ ٻاجهريءَ تي گذران هو. لارين ۾ چڙهي چمبور اچڻو وڃڻو پوندو هو. ڪُرلا کان چمبور جهنگ ئي جهنگ. رات ٿائين پٽي صحيح سلامت موٽي، زال کي اِها ئي چنتا هوندي هئي. لوڪل ۾ حادثا عام ڳالهہ هئي. اُن وقت حشوُ ۽ ماستر ٽيڪمداس وزيراڻيءَ جي نگرانيءَ ۾ چمبور ڪالوني ’يووڪ منڊل‘ برپا ڪيو ويو. ريڊنگ روم شروع ٿي ويا، ٻوڪ ٻئنڪ شروع ٿي ويا. اِنڊورس گيم شروع ڪيا. ڪوچنگ ڪلاسس شروع ڪيون.

گنگو پرسواڻيءَ جي سهيوگ سان اکين جو مفت علاج ۽ آپريشن شروع ٿيا. ان سڀ جي ڪري سماج جو جيڪو طبقو سنگهه سان جڙيل نه هو، اُهو به سنگهه سان جڙڻ لڳو. جيڪي دوست هئا، يائر ٿهڻ لڳا. پريوار هڪ ٻئي جي ويجهو آيا. شڪارپوري حيدرآباديءَ جو ڀيد مِٽجڻ لڳو. هنن ويڇهڙاين کي آٽڻ ۽ وڌائڻ ۾ حشوءَ جو اهم رول هو. هن اسانکي جُڙڻ ۽ مُڙڻ سيکاريو.

جڏهن ڪا بيماري ڦهلجي ويندي هئي ته اسان منهن تي ڪپڙو ٻڌي ماڻهن کي سُيون هڻڻ ويندا هئاسين. هي سڀ به اسانکي حشوءَ ئي سيکاريندو هو. آسي پاسي جي ڳوٺن ۾ پنڌ ويندا هئاسين يا سائيڪلين تي. صبح ڇهين بجي اسانکي سنگهه جي شاکا تي پهچڻو هوندو هو، جيڪا نوين بجي ختم ٿيندي هئي. ٽن سالن جو ڪورس هوندو هو. مهني ۾ ٽيهه روپيا وٺندا هئا. ڪيتريون ئي ڳالهيون سيکاريون ينديون هيون. سنگهه ۾ گرو جهنڊي کي مڃيو ويندو آهي. ڊونيشن نه گهرندا هئا. ساليانا ميمبر لفافو ڏيئي هليا ويندا هئا. ڇا ڏنائون ڪنهنکي خبر نه پوندي هئي. چنتن تي وڏيڪ زور جو. اسانکي چنتن جي آزادي ڪپي، اِهو هر ٻار کي سمجهايو ويندو هو. صبح جو ليڪچر ٿيندو هو. شام ڇئين بجي اُن تي ڊسڪس ڪندا هئا. هوندن ڪانگريس کي به سنڌ مان گهٽو پئسو ملندو هو. جئرامداس دولترام ته پنهنجي سموري دولت ڪانگريس کي ڏيئي ڇڏي هئي.

اسان ڪجهه ٻار سنگهه جي شاکا ۾ روز ويندا هئاسين. ٽن ڏينهين حشوءَ سان گڏ ڪم ڪرڻ جو نشو چڙهيو هو مون تي. پوءِ چئمبور ۾ ڪيترا ئي اِسڪول کوليا ويا. هڪ گونگن ۽ ٻوڙن جو اِسڪول به کوليو ويو، جنهن ۾ هاڻي لڳ ڀڳ ٽي چار سوَ ٻار پڙهندا آهن. هي اِسڪول ’وويڪانند ٽرسٽ‘ هلائيندو آهي، جنهن ۾ سڀ آر.ايس.ايس. جا ماڻهو آهن. لعلڪرشڻ آڏواڻي به آر.ايس.ايس. جي پئداڻش آهي. 1949 ۾ سنڌ ڇڏي هوُ جئپور آيو ۽ سنگهه جي آفيس ۾ رهڻ لڳو. اُتي پنج منڊل هئا. هوُ هڪ منڊل جو اِنچارج هو. هنجي پترڪارتا ۾ دلچسپي هئي ۽ ڪي.آر. ملڪاڻيءَ سان دوستي. هنجي ماڻٽن کي آديپور ۾ هڪ گهر ڏنو ويو. جڏهن هوُ دهليءَ شفٽ ٿيو ته اجميري گيٽ تي سندس آفيس هئي. تڏهن هوُ ’دهلي ڊائري‘ نالي جو ڪالم ۽ فلمن جا رِويوُ لکندو هو. سڀ کان پهرين هو اِسپيڪر ٿيو. اُن کان پوءِ دهلي سنگهه جو پريزيڊنٽ ٿيو، پوءِ راجيه سڀا ۾ ويو. ورلڊ جي پاليٽڪل هسٽري هنجي رت ۾ آهي. سال ۾ ٽي مهنا بمبئيءَ ايندو هو. حشوءَ سان گڏ لا ڪاليج ۾ پڙهندو هو.

1952 جو وقت هو. مونکي چيو ويو ته دادر ۾ ’شواجي پرنٽنگ پريس‘ ۾ وڃ. اٽل بهاري واجپائي ويٺو آهي، اُن کي وٺي اچ. صبح صبح ويس ته ڏٺم، واجپائي سمهيو پيو هو مشين جي هيٺان وڇايل اخبار تي. ٽين جي ٺهيل جهوپڙي هئي. وڃي اُٿاريومانس، فريش ٿيڻ لاءِ ميونسپالٽيءَ جي واش روم ۾ ويو ۽ اچي مٽيءَ سان هٿ ڌوئي، مون سان گڏ روانو ٿيو. هڪدم سنهو سيپڪڙو هو. لڳ ڀڳ 60 ڪلو وزن هوندس. ڪلهي تي هڪ جهولو رکندو هو، جنهن ۾ هڪ جوڙي ڪپڙا هوندا هئس. ٻه بسون مٽي چئمبور پهتاسين. رات ڏهين بجي جي آس پاس ميٽنگ شروع ڪئي. سيني جي گهرن مان ٻئنچ ۽ اِسٽول کڻي آيا هئاسين.... اُنهن کي جوڙي اِسٽيج ٺاهيو ويو. لائوڊ اسپيڪر وارو اٽ آنا وٺندو هو. ماڻهن جي ويهڻ لاءِ تڏا مندرن ۽ ڌرمشالائن مان کڻي ايندا هئاسين، جيڪي ٻئي ڏينهن واپس ڪرڻا پوندا هئا. اٽل بهاري هڪ سٺو اِسپيڪر هو. آر.ايس.ايس. جو پرچارڪ

بہ هو. هن اُتي ياشڻ ڏنو ۽ اسان سان گڏ ويهي ماني کاڌي ۽ اسان اٺ ڏهہ ماڻهو فوٽ پاٿ تي ئي سمهي پياسين.

هيءَ ڪهاڻي گهڻي لمبي آهي.... نہ ڄاڻ ڪيترن رستن تان لنگهندي، اڳتي وڌندي ٿي وڃي.... 1953ع ۾ دادر ۾ جن سنگهہ جي اِستاپنا ٿي. اُتي مون اٽل بهاري واجپائيءَ سان گڏجڻ چاهيو، پر هوُ ان وقت وير ساورڪر سان گڏجڻ نڪري ويو هو. مان وير ساورڪر جي گهر پهتس، هنن کي پيرين پئي واپس ويس.

اُهي امرجنسي 1976 جا ڏينهن هئا. مان هر ڇنڇر جو پنهنجي ڪم سان سورت ويندو هوس. تڏهن اُتي ڪانگريس جو راڄ نہ هو. اُتي امرجنسي ۽ ڪانگريس جي خلاف گهڻو ڪجهہ ڇپجندو هو، جيڪو مونکي هتي آڻڻو پوندو هو. مون وٽ فرسٽ ڪلاس جي پاس هوندي هئي. صبح 5.30 بجي اُتان فلائنگ راڻي ٽرين هلندي هئي، جيڪا 10.30 بجي ممبئي سينٽرل پهچندي هئي. هڪ ڀيرو مان فرسٽ ڪلاس ۾ چڙهي نہ سگهيس، سيڪنڊ ۾ ئي چڙهي پيس. منهنجي هٿ ۾ هڪ ننڍو بئگ هو، جنهن ۾ امرجنسي جي خلاف لٽريچر هو. هي لٽريچر مونکي بوريولي اِسٽيشن تي ٽرين بيهڻ کان پهرين، ٻاهر لڳل نشان واري جاءِ تي اُڇلائڻو هو. هر هفتي مان اِهو ڪم ڪندو هوس. مون هئنڊ بئگ کوليو، پوءِ ٽڪڙو بند ڪري ڇڏيو. ڇو جو مونکي محسوس ٿيو تہ مونکي ڪو ڏسي رهيو آهي. مون ساوڌانيءَ سان ڏٺو تہ ٿورو پري هڪ شخص بيٺو آهي. هوُ اِئين پڻي ڪري بيهي رهيو، جيئن مان پنهنجو ڪم ڪري سگهان ۽ مون اُهو لٽريچر اُنهيءَ جاءِ تي ڦٽو ڪيو. اُهو شخص اڄ جو پرڌان منتري مودي هو. ٽرين بيهندي ئي جيئن مان لهڻ لڳس، ڏٺم تہ چترو ناگپال بيٺو آهي، اڳتي خطرو آهي، اِهو ٻڌائڻ لاءِ. مان اِشارو سمجهي ويس ۽ لهي واپس وڃڻ واري ٽرين ۾ ويهي رهيس



۽ پوءِ ٽن ڪلاڪن بعد دادر اِسٽيشن تي لهي ٽئڪسي پڪڙي گهر پهتس.

سنگهہ جي ڪم جي علاوا مون تي پنهنجي گهر جون بہ ذميواريون هيون، جيڪي مان محسوس ڪندو هوس. مون هڪ مارواڙيءَ وٽ ٽيهہ روپيا مهني ۾ نوڪري ڪئي. مان هنجو مال وڪڻي ڪميشن وٺندو هوس. ٽن مهنن بعد لڳ ڀڳ هڪ سال هڪ سنڌيءَ جي اِلڪٽرانڪ دڪان تي ڪم ڪرڻ لڳس.... اسي روپيا مهني تي. پوءِ وري هڪ گجراتيءَ وٽ ڏيڍ سوَ مهني تي. هن مونکي سائوٿ ڪيرالا موڪليو. ساڍي ڇهہ روپيا ڀٿو ملندو هو، جيڪو پورو نہ پوندو هو. رات جو ڪِلاڪ روم ۾ سامان رکي، اِسٽيشن تي سمهندو هوس. پورو سائوٿ ڪوَر ڪرڻو هو. اُتي منهنجي ملاقات هڪ ٻئي سيلس مئن مسٽر گدواڻيءَ ساڻ ٿي، جيڪو ڪلڪتي کان آيو هو. وڏو چالو ماڻهو هو. مون وٽ پنهنجو سامان رکي غائب ٿي ويندو هو. دير رات نشي ۾ گيت ڳائيندو موٽندو هو، پر هن آرڊر وٺڻ ۾ منهنجي گهڻي مدد ڪئي. ڪيترا ئي واپار جا هُنر بہ هن سيکاريا.

سيٺ جا مدوراڻيءَ ۾ 20-25 هزار ڦاٿل هئا. جن جي ملڻ جي ڪابہ صورت ڏسڻ ۾ نہ پئي آئي. گدواڻيءَ مونکي هڪ ترڪيب ٻڌائي. مون هن کي سوَ روپين جي ڪئبل واير اسي روپين ۾ اِهو چوندي وڪي تہ پراڻو حساب چڪائڻو پوندو نہ تہ سيٺ مال نہ ڏيندو. اُنهن پراڻا پئسا ڏيئي ڇڏيا. مان اُهي روپيا وصول ڪري جڏهن واپس پهتس تہ سيٺ ڏاڍو خوش ٿيو. مون هن کي وعدو ڪيو هو تہ هڪ مهني ۾ ڏهن هزار جو بزنيس ڏيندس. پر مون هن کي ڏيڍ ڏينهن ۾ ڏهين هزارين جو آرڊر ڏنو. هو گهڻو خوش ٿيو. هو منهنجي پگهار وڌائڻ پيو چاهي، پر منهنجي پيءُ جيوہ هاڻي تون وڏو ٿي ويو آهين، مون سان اچي ڪم ڪر.

1952 ۾ منهنجي پتا جي جيب ڪٽجي ويئي هئي، جنهن ۾ ڏيڍ ٻين لکين جو مال هو. اسانجي ڪل جمع پونجي ئي ڏيڍ ٻه لک هئي. هنن جي دل ٽٽي پيئي ۽ هوُ گهر ويهي رهيا هئا. اُهو ئي وقت هو، جڏهن هنن مونکي چيو هو تہ مان هنن سان ڪم ڪيان. مون چيومانِ تہ مونکي -/10,000 روپيا ڏيئي ڇڏيو. مان الڳ ڪم ڪندس، هنن مونکي ڏهہ هزار ڏيئي ڇڏيا. مون پنهنجي هڪ گجراتي دوست سان گڏ، جيڪو ڊائمنڊ پرکي وٺندو هو، ڊائمنڊ جو ڪم ڪرڻ شروع ڪيو ۽ منڊيون ۽ ٽاپس ٺاهي ڪري وڪيا. اسان هن ڪم ۾ -/18000 روپيا ڪمايا. مون نوَ هزار دوست کي ڏنا ۽ بچيل نوَن هزارن ۾ هڪ ڪار وٺي آيس. بابا هيءَ ڪار ڏسي هڪو ٻڪو رهجي ويو. مون کين سمجهايو تہ ڪار ۾ گهمڻ سان جيب نہ ڪٽجندي آهي.

هاڻي اسانکي هڪ آفيس وٺڻ جي ضرورت محسوس ٿي. اجا تائين اسين ڪڏهن روڊ تي، ڪڏهن ’بامبي ڊائمنڊ مرچنٽ ائسوسئيشن‘ جي هال ۾ ويهي ڌنڌو ڪندا هئاسين. پوءِ 150 روپيا پاڙي تي اسان هڪ آفيس ورتي. ان ۾ ٻہ گاديون هيون. هڪ گاديءَ تي هڪ ڪپڙي وارو وهندو هو، ٻيءَ تي اسين. اڌ اڌ پاڙو ڏيندا هئاسين.

سنہ 1959 ۾ آفيشيل ’هريرام رامچند‘ جي نالي سان هڪ فرم برپا ڪئيسين. هيءَ هڪ ٻي ڪهاڻي آهي، جنهنکي مان شروع نٿو ڪرڻ چاهيان... من پرواز ڪري واپس موٽيو....

اُتندي اُتندي مون مائي زينيءَ جي هٽ ۾ پنج سؤ جو نوٽ رکيو....

’ڪجهہ کائي تہ وڃ.‘ هن منهنجو مٿو چُمندي چيو.... وري پوءِ ٻڪي ڇپائين....



’پر تون ڪيئن کائيندين....؟ مان تہ مسلمان آهيان....‘

’چونہ کائيندس؟ ضرور کائيندس.... ڇا کارائيندينءَ.... کٽي آءٌ....؟‘

هن ٻہ ڦلڪا ۽ هڪ ڪٽوري دال کٽي اچي منهنجي سامهون رکي. مون هڪ وڏو گرهہ ٺاهي هن طرف وڌايو.... ’اڌ تون کاءُ.... اڌ مان کائيندس.... اِهو ئي منهنجو پرساد آهي.‘ هنجي اکين ۾ جڻ تہ ڪا ندي وهي نڪتي، جيڪا منهنجي اندر ٻہ ڪٽي وهي رهي هئي. اسان اڌ اڌ گرهہ کاڌو جو اندر ويندي ئي پورو ٿي ويو. اسين هڪ ڀيرو وري روئڻ لڳاسين. ڪجهہ پورو ٿي وڃي، تڏهن ٻہ لڙڪن جي هيءَ ندي وهندي رهندي آهي....

’غلطيون وڏا ڪندا آهن، ڀوڳڻو اسانکي پوندو آهي. اسان ٻہ تہ گلاس الڳ ڪري رکيا هئا. اڄ اسين سڄ پڇ الڳ ٿي ويا آهيون.‘

من ۾ هزارين سوال کٽي مان اُٿيس ۽ گهر کان ٻاهر اچي ويس.

جن ۾ هڪ اسانجو بہ. گهڻا گهر ڇاپڙيا جا هئا. مون پنهنجي پڙڏاڏي نهال سنگهہ کي ڪڏهن ڏٺو نہ هو. منهنجي ڏاڏيِ گوڏن جي سور ڪري دروازي جي پاسي ۾، کٽ تي ويٺي هوندي هئي. گهر جي تمام شين تي هنجو ڪنٽرول هو ۽ جن ڳالهين تي هنجو ڪنٽرول نہ هو.... منهنجي پڙڏاڏي جو ڪنٽرول هو. جويلرس جو پشتيني ڪم هو. آفيس تاشقند ۾ بہ هئي. هيرن ۽ موتين ڪانسواءِ آنُ بہ ويندو هو اُتن تي. هتي دڪان ننڍو هو. پر اُن جي پنيان هڪ وڏي بلڊنگ هئي. ڏاڏو اندر وهندو هو، بابا ۽ چاچو ٻاهر. اُن وقت هيرا صرف امير ماڻهو ئي پائيندا هئا، عام عورتون موتي پائينديون هيون ۽ نڪ ۾ ڳاڙهي پٿر جي نٿ، جنهنکي رُوٻي چيو ويندو هو. موتيءَ جي پسم بہ تيار ڪندا هئاسين. گارنيٽ پٿر ۾ گلاب جل سان هڪ تولو موتيءَ کي تمام سنهو پيهٽو پوندو هو. چار پنج ڏينهن لڳي ويندا هئا پيهڻ ۾، جنهنکي گهٽو ڪري حڪيم وٺي ويندا هئا. موتي بسري مان ايندا هئا.

مان پنهنجي پڙڏاڏيءَ کان هڪ ٽڪو جهٽي رہڙي وٺي ايندو هوس ۽ ماني اُنهيءَ سان ئي کائندو هوس.... هيءَ اُن وقت جي ڳالهہ آهي جڏهن هڪ ٽڪي ۾ اڌ پاءُ رہڙي، ڳانءِ جو کير اڍائي آني سير ۽ مينهن جو کير ٻي آني سير ملندو هو. کير وٺڻ ڪڏهن مان بہ ويندو هوس. وڃڻ لاءِ ٻہ رستا هئا.... هڪ ننڍو.... هڪ وڏو. مان ’سامي شير‘ کان گهمي ڪري ويندو هوس. اُتي مامُو حلوائيءَ جو دڪان پوندو هو. هڪ تہ اُتي لائيٽ گهڻو چمڪندي هئي، ٻيو پنکي سان ٻڌل پتنگ جي ڪاڳر جون پٽيون گهمنديون هيون، مکين کي ڀڄائڻ لاءِ، جيڪي ڏسڻ ۾ ڏاڍيون سٺيون لڳنديون هيون. اُتان لنگهندي مونکي مٺاين جي جيڪا خوشبوءِ ملندي هئي، اُن کي سنگهڻ لاءِ مان گهڻي



دير اُتي بيٺو هوندو هوس.... هر مٺائيءَ جي خاص مهڪ ٿيندي آهي.... اُن مهڪ مان ئي مان سمجهي ويندو هوس تہ اڄ ڇا نهي رهيو آهي.... ڪيترا پيرا تہ مان صرف سنگهي ڪري ئي منهن مٺو ڪري وٺندو هوس.... اڄ سوچيان ٿو.... سڀ کان قيمتي شيون اسانکي قدرت کان مفت ۾ مليل آهن.... هوا، پاڻي، مٽي، آسمان، چنڊ تارا ۽ هي جيون.... اسانجي ذميواري صرف انهن کي ئي سنڀالڻ آهي ۽ اسين اُهو بہ ٺيڪ سان نہ ڪري سگهندا آهيون. اُن مهڪ جو اُهو آنند اڄ ڳولهڻ سان بہ نٿو ملي سگهي....

منهنجي پڙڏاڏي جسودا گذاري ويئي.... موت بابت منهنجي ڄاڻ اوتري ئي مٿاڇري هئي، جيتري ڪنهن ٻار جي هوندي آهي....

وراندي ۾ سندس بيجان جسم پيو آهي. چوطرف سڀ بيٺا آهن. ٻارن کي اُتان پري ڪري ڇڏيو ويو آهي. امان، ٻئي ڦڦيون ۽ ٻيا مٽ مائٽ سڀ روئي رهيا آهن. مون ڏاڏي کي روئندو پهريون دفعو ڏٺو آهي. ٿوري ئي دير ۾ نياپو موڪلڻ تي رودن پٽڪي واريون اچي ويون.... پنج يا ڇهہ هونديون. اُنهن جي ويهڻ جي جڳهہ ٺاهي ڇڏي ويئي. جڏهن هوُ ڪارن ڪپڙن ۾ ويٺيون، سڀ مايون اُنهن جي چؤطرف ويهي رهيون ۽ اُنهن پار ڪڍي روئڻ شروع ڪيو. اُهي جنهن لئڪاريءَ ۾ روئي رهيون هيون، تنهن پٿرن کي بہ رئاري ڇڏيو. ٿوري ئي دير ۾ ويجهو پريان سڀ هڏڪيون ڀري روئي رهيا هئا. روئارڻ ئي اُنهن رودن وارين ماين جي ڪاميابي هئي.

اڄ سوچيان ٿو تہ هو ڪنهن دک کي ياد ڪري ايترو روئنديون هونديون؟ ڇا اُنهن وٽ پنهنجي بہ دکن جو سيلاب هوندو آهي؟ بيٺل درياہ.... جنهنجو پاڻي هو ٺيڪ وقت تي کولي

چڏينديون هيون.... هو ڪنهن چهري کي پنهنجي اندر ڳولهي، اُنجي نہ ملڻ تي ايترا لڙڪ وهائيندڀون هيون. ڪيترو عجيب ٿو لڳي اِهو سوچي تہ اسان پنهنجو ڏک بہ ڪنهن ٻئي جي ذريعي ظاهر ڪندا آهيون، ۽ ٻيو اِهو ڪم اسان کان وڌيڪ بهتر ڍنگ سان ڪندو آهي. پر پريم ظاهر ڪرڻ اسين پاڻ ويندا آهيون، ڇو جو پريم ۾ اسان وڌيڪ شامل هوندا آهيون. پريم ۾ اسين هڪ آهيون، ڏک اسان کان الڳ هڪ ٻاهرين شيءِ آهي، جنهن کي اسين جلد ٻاهر ڪري ڇڏيندا آهيون.

هن روئڻ ۾ ڇا اُنهن جو پنهنجو ڏک بہ وهي ويندو هوندو؟ پر ڇا هر ڀيري هوُ ڏک کي وهي وڃڻ ڏينديون هونديون يا سنڀالي رکنديون هونديون، ڪنهن ٻئي روڄن جي لاءِ؟ اسين پنهنجو ڏک گهڻو سنڀالي رکندا آهيون.... ڪنهن نيڪ وقت يا ماڻهوءَ جي لاءِ.... ڪڏهن نہ بہ ملندو آهي.... نيڪ وقت يا ماڻهو.... چيخوَ جي ڪهاڻيءَ جي ڪردار جيان.... جنهن پنهنجو ڏک هڪ گهوڙي کي ٻاڪي ٻائي سندس ڪن ۾ چيو هو.

ڏاڏي هڪ ڀيرو ٻڌايو هو تہ اُنهن ۾ هڪ روڄن ڪندڙ مائيءَ جي پنجين سالين جو ٻار گذاري ويو هو ۽ هوءَ روئي بہ نہ سگهي هئي. سڪل اکين سان مُئل ٻار جي جسم کي ڏسندي رهجي ويئي هئي. هوءَ جيڪا سيني لاءِ نيڪ سمجهندي هئي، اُهو هنجي پنهنجي لاءِ ڪيترو ناڪافي هو. ڏک ڪيڻ جا ٻيا بہ ڪيترا ئي رستا هوندا آهن.

ڪجهہ ڪلاڪن کانپوءِ ڏاڏيءَ کي الوداع ڪندي ’رام نام ست‘ چئي ارٿي کڻئي ويئي. مان پنهنجي گهر جي سامهون بيهي اُنهن ڪارن ڪپڙن کي ويندي ڏسي رهيو آهيان. هڪ روداليءَ ويندي ويندي منهنجي وارن تي هٿ گهمايو. هڪ ضعيف مشڪ هنجي چهري تي آئي ۽ هوءَ هلي ويئي. سيني ٻارن کي ناريل ۽ گلن جا هار ڏنا ويا، جيڪي هن جي پيرن تي چاڙهي ڇڏيا. چندن جي ڪاٺين جي چتا تي ڏاڏيءَ جو انتم سنسڪار ڪيو ويو....

مونکي ياد آيو اُن وقت مان پنجين سالن جو هوس.... بابا سان گڏ ريل رستي بمبئيءَ آيو هوس پهريون ڀيرو.... بمبئيءَ ۾ شڪارپور مان آيل ماڻهن جي لاءِ نهيل مسافر خانو هو، جتي بابا اڪثر اچي رڪندا هئا. بہ گهٽيون ڇڏي جوهري بزار هئي. اُما ديوي ۽ ڪالوبا ديويءَ جو مندر هو. ٽرين ذريعي اچڻ ۾ بہ ڏينهن لڳندا هئا. ٻئي ڏينهن اسين ڏاڏيءَ جون هائيون کڻي واڻ گنگا طرف روانا ٿياسين....

اندر بليڪ ائنڊ وائيٽ تصويرن جو ريلُ هلي رهيو آهي.... مان سيني چهرن کي سڃاڻان ٿو.... ٿورا بہ تہ نہ مٽيا آهن.... پر جنهنکي نٿو سڃاڻي سگهان، اُهو منهنجو پنهنجو چهرو آهي.... ڇا مان هلندي هلندي ايترو پري نڪري آيو آهيان....؟

هن تصوير ۾ مان ڇهن سالن جو آهيان ۽ منهنجو مامو سينگاپور مان موٽيو آهي.... هو اُن وقت مظفرنگر جي چمنداس ڪنگر جي دڪان تي چاليهہ روپيا پگهار تي ڪم ڪري رهيو هو. پنج روپيا پاڻ وٽ رکي، باقي چمنداس منهنجي نانيءَ وٽ پهچائيندو هو، جنهن ۾ منهنجي ناني چار روپيا گهر جي مسواڙ، ڇهہ روپيا پنهنجي لاءِ رکي، باقي پنهنجي نونهن گوپيءَ کي ڏيندي هئي. منهنجي مامي، ايندي ئي مونکي هڪ فوٽو ڏيکاريو، جيڪو هن سينگاپور مان ڪڍايو هو. مامو فوٽوءَ ۾ ڏاڍو سهڻو پيو لڳي. مون هن سان ضد ڪيو تہ مونکي بہ فوٽو ڪڍائڻو آهي. فوٽوءَ وارو لڪي در تي هوندو هو. منهنجي ماءُ ٻڌي ايترو

خوش ٿي، جو مونکي روز صابڻ سان سنان ڪرائڻ لڳي. سنان کان پوءِ مان آئيني ۾ پنهنجو چهرو ڏسندو هوس ته لڳندو هو اجا ڪجهه ڪسر باقي آهي. پوءِ وري تيل ميٽ تي مارو پيو. ٿي ڏينهن مهٽائڻ کانپوءِ چوٿين ڏينهن فوٽو ڪڍائڻ ويس. فوٽوءَ واري مونکي ٽائي پنهنجي ٻڌي هئي. اُهو فوٽو اڄ به منهنجي ذهن ۾ جهڙو جو تهڙو آهي، پر هاڻي منهنجو چهرو اُن سان مئچ نٿو ڪري.

ءِ.... ۽ هي فوٽو ته تاج محمد فيض محمد منگيءَ جو آهي.... اسانجي زمين جو ڪمدار.... برابر جو حصيدار... گهر جو ميمبر. اسانجي گهر جي بگي ۽ گهوڙو هنجي گهر جي سامهون ٻڌجندا هئا، ڇو جو هنجو گهر، ٻاهر کليل ٽڪر ۾ هو. هو روز شام جو اسانجي ڏاڏي کي ’سنڌو واهه‘ تي وٺي ويندو هو، جتي ڏاڏي جا هم عمر ساٿي به ايندا هئا. اُتي اُنهن جي روز جي ڳالهه ٻولهه ۽ گپ شپ هلندي هئي. جيستائين ڏاڏو تيار ٿيندو هو، هوُ پنجن ستن منٽن ۾ اسانکي گهمائي وٺندو هو. گهوڙي گاڏيءَ ۾ گهمڻ جو مزو ئي ڪجهه ٻيو هو. وڏا وڏا سيٺيون پنهنجي گهوڙا گاڏي رکندا هئا، جنهن ۾ ڪڏهن هڪ، ڪڏهن ٻه گهوڙا ٻڌل هوندا هئا. شام جو سيٺ ڳاڙهي پڳڙي ٻڌي سينياٽي ۽ ڪُڙم سوڌو هوا خوريءَ لاءِ نڪرندا هئا. گاڏيءَ جي پويان نوڪر جي ويهڻ لاءِ تختا ٻڌل هوندا هئا. گاڏيءَ وارو چهبوڪ لهرائيندي.... خبردار.... خبردار.... چوندي گاڏي سرپٽ ڀڄائيندو هو. عام ماڻهو ٽانگن تي هلندا هئا، ڇو جو اُهي سستا ۽ سولا هئا. پنيان هڪ ڍڪيل ڇڪڙا گاڏي به هوندي هئي، جنهن ۾ اٺ ماڻهو ويهي سگهندا هئا. ٽانگي وارا پاڻ تي خرچ نه ڪري پنهنجي گهوڙا گاڏيءَ تي خرچ ڪندا هئا. جيئن اُها ڏسڻ ۾ عاليشان لڳي. اُنهن گهوڙن تي زريءَ وارا ڪپڙا،



رِبن ۽ رابيل جا هار پاتل هوندا هئا. ڪجهه گهوڙن جي ڳچيءَ ۾ گهنڊڙيون به ٻڌل هونديون هيون، جن جو آواز ايترو منو لڳندو هو جو ٻُڌڻ سان جڻ ته نشو چڙهي ويندو هجي. مان ته پنهنجي گهوڙي جي ڳچيءَ ۾ ٻڌل گهنڊڙيون وڄائيندي اسيمر سک محسوس ڪندو هوس. منهنجو ڏاڏو منجهند جي ماني کائي سمهندو هو. ساڍي چئين ٻجي اُٿي هڪ گلاس پنگ جو چاڙهيندو هو، جيڪو منهنجو پيءُ ٺاهي ڏيندو هوس. ڏاڏو روز تيوڻ کائيندو هو، مهني ۾ صرف ٻه ڏينهن ڇڏي. هنجي گهوٽيل پنگ جي ٻچيل چوري ۾ پاڻي ملائي، ململ جي ڪپڙي سان ڇاڻي ڪڏهن ڪڏهن اسانکي به ملي ويندي هئي. سخت گرميءَ ۾ اسانجي دڪان جي سامهون، پنگ سان ڀريل هڪ دلو رکيل هوندو هو، ٻيو پاڻيءَ جو. دلا به پر گلاس، ٽي هوندا هئا.... هڪ پتل جو گلاس جنهن ۾ هندو پاڻي يا پنگ پيئندا هئا. ٻيو جست جو مسلمانن لاءِ.... ٽيون ڪاچ جو ڀنگين لاءِ. ڀنگي صرف ڪڇي هوندا هئا. صرف اهوئي نه، اُپاريل ڇٽا به پيا هوندا هئا. جنهنکي جيترو وٺي ڪٽي سگهندو هو. صرف اسانجي ئي نه، سيٺي جي دڪان جي سامهون.

اسين بگيءَ تي ويهي ’سنڌو واهه‘ طرف هلي پوندا هئاسين. ڏاڏو پاڻ سان گڏ هڪ پلو ڪٽي هلندو هو. اُن کي صفا ڪري، اُن ۾ مصالح ڀري، ململ جي لٽي ۾ ويڙهي.... چؤطرف ڳوهيل اٽو ويڙهي.... اُن کي تسلي ۾ وجهي، اُن تسلي کي چُلهه تي رکي، پهرين اُنتي واري، پوءِ پلو، وري واري.... هيٺان جهيٽو ٻارڻ. ڪجهه دير بعد پلو پچي ويندو هو. اسان ڏاڍي مزي سان چشڪا وٺي کائيندا هئاسين.

جڏهن ورهاڱو ٿيو ته اسين هلڻ لڳاسين. مونکي خبر پيئي ته تاج محمد فيض محمد منگي اسان سان گڏ نٿو هلي. اسان

4 جنوري 1948 ۾ اُتان هليا هئاسين. منهنجو ڏاڏو اُها زمين نه پيو وڪڻڻ چاهي. پر اُتان نڪرڻو ته هو ئي. اُنهن اسٽامپ پيپر تي لکي سڄي زمين منگيءَ کي ڏيئي ڇڏي. منهنجو پتا اسانکي بندرگاهه تي ڇڏي ترت شڪارپور هليو ويو، ڇو جو اُن وقت ڪراچيءَ ۾ فساد شروع ٿي ويا هئا. اسانجي اُها گهوڙا گاڏي به منگيءَ وٽ رهجي ويئي. ان کان پهرين مونکي خبر نه هئي ته مسلمان ٿيڻ جو مطلب ڇا ٿيندو آهي؟ هونئن ته اِها ڳالهه مان اڄ تائين نه سمجهي سگهيو آهيان، سواءِ انجي ته هنن جي عبادت جو طريقو اسان کان الڳ هوندو آهي. هوُ هٽ کولي عبادت ڪندا آهن، اسان هٽ جوڙي.

جڏهن اسين ڪراچي وڃي رهيا هئاسين.... شڪارپور جي اسٽيشن تي ريل بيٺي هئي. مون بابا کان پڇيو ته هيءَ ريل ڪڏهن هلندي؟ بابا چيو ته جڏهن ريل تي لکيل الفاظ پڙهيا ويندا، تڏهن ريل هلڻ لڳندي. هنن جو ڳلو لڙڪن سان ڀريل هو. هر ڳالهه جي جواب ۾ هوُ صرف ڪنڌ پيا لوڏين. جيئن گهڻو نه ڳالهائڻو پوي....

اسين ڇا اِنڪري وڃي رهيا هئاسين ته اسين ڳڻپ ۾ گهٽ هئاسين ۽ جيڪي ’گهڻا‘ هوندا آهن، ’گهٽ‘ کي ڳرڪائي ويندا آهن.

اسين ڇا اِنڪري وڃي رهيا هئاسين جو اسانکي پنهنجن گهرن ۾ ئي ڀؤ لڳڻ لڳو هو؟ اندر دٻيل شڪ جا نانگ اسان کي ڪکڻ لڳا هئا.

اسين ڇا اِنڪري وڃي رهيا هئاسين جو پنهنجن تي ئي اسان ڀروسو ڪرڻ ڇڏي ڏنو؟

1947 ۾ هي ورهاڱو ٿيو ۽ ماڻهن جي مٿا سٽا ٿي. اهڙو مثال



صرف يهودي آهن، جن کي پنهنجي زمين کان بيدخل ڪيو پيو. نتيجي ۾ يهودي سڄي دنيا ۾ ڦهلجي ويا ۽ اُنهن سائنس سان وڃي هٽ ملايو.

جڏهن ڪنهن کان ڪوئي اُنجو سڀ ڪجهه ڦري وٺندو آهي ته هوُ پيٽي طاقت سان موٽندو آهي اِنصاف وٺڻ.

ڇا مان موٽي سگهندس پيٽي طاقت سان اِنصاف گهرڻ. جيڪو مونکان ڦريو ويو آهي، اُهو واپس وٺڻ؟

ها، مان واپس ايندس.... ڪجهه وٺڻ نه، توهان سيني کي اِهو ٻڌائڻ ته اسانکي الڳ ڪرڻ ئي سياست جو مقصد آهي. اسانکي ڪنڌ هيٺ ڪري هر فيصلو نه مڃڻ گهرجي. اسانکي مقابلو ڪرڻ گهرجي. پر ڪري ته رهيا آهن ڪيترا ماڻهو مقابلو.... ڇا ٿيو؟ اِها ته پوءِ خبر پيئي ته ’گهڻا‘ ڏجي ويا هئا، بس ’ٿورا‘ ڪجهه ڪري رهيا هئا، هميشه وانگر. ۽ هميشه وانگر ٿورا هارائجي ويندا آهن.

تڏهن ته ورهاڱو اڄ به جاري آهي. جيئن 1947 ۾ مسلمانن سنڌين کي اُتان ڪڍي ڇڏيو، اُنهيءَ طرح هتان وِيل مسلمانن، سنڌي مسلمانن کي 1989 ۾ شاهه عبداللطيف ڪالوني حيدرآباد مان راتون رات لوڏي ڪڍي ڇڏيو. اُتي گهڻو ڪري سنڌي اديب رهندا هئا. اُنهن جا گهر خالي ڪرائي، اُتان ڀڄائي ڇڏيو ويو. جيئن 1947 ۾ اسان ڳڏهن تي پنهنجو سامان ڪٽي نڪتا هئاسين، هوُ به اِنهيءَ طرح نڪتا. اُنهن حيدرآباد جي ٻئي پاسي وڃي ’قاسم آباد‘ وسائي. سنڌ جو سرتاج شاهه عبداللطيف به جن کي آسرو نه ڏيئي سگهيو، وديشي محمد بن قاسم تن کي سهارو ڏنو. منهنجن پيارن اديبن حميد سنڌي ۽ ماهتاب محبوب وغيره کي هڪ ڀيرو وري پنهنجو گهر ڇڏڻو پيو. سوال ته اِهو ٿي آهي ته 1989 ۾

حيمد سنڌيءَ کي پنهنجو گهر ڇو ڇڏڻو پيو؟ هُوءَ ۽ هن جهڙا پنهنجي گهر مان ننڍو وڏو سامان به نه کڻي سگهيا هئا. اجا تائين ته صرف مذهب جي نالي تي ماڻهوءَ کي ڊڪائي ڊڪائي ماريو پيو وڃي.... پر جڏهن مذهب هڪ آهي، ته به اُنهن وٽ پيون وَڃُهون آهن.... ۽ هي سڀ ڪڏهن بند نه ٿيندو، ڇو جو هيءَ طاقت جي لڙائي آهي. هُوَ انکي ختم نه ٿيڻ ڏيندا، ڇو جو اُنهيءَ لڙائيءَ ۾ ماڻهن جي پِيڙَ ۽ ڪانئرتا تي ئي اُنهن جو وجود قائم آهي.

هيءَ هڪ تصوير اُن وقت جي آهي.... جڏهن منهنجي عمر ستن سالن جي هئي.... شڪارپور ۾ ڪانگريس جو ڪو وڏو نيتا آيو هو. ٿڌ جو وقت هو.... ڏينهن جا ٻارهان پيا وڄن، دادوائي روڊ تي ڊاڪٽر گوبندرام پنجابي، جيڪو شڪارپور ڪانگريس جو صدر هو.... اُنجي گهر جي سامهون ماڻهن جو هجوم هو، سيني کاديءَ جا ڪپڙا پهريا هئا. هنن سيني جي هٿ ۾ ڪانگريس جا ننڍا وڏا جهنڊا هئا. اُتي بيٺل ٻارن کي خبر هئي ته اُهي جهنڊا اُنهن کي ئي ملڻ وارا آهن. اُنهن لاءِ هي جهنڊا ملڻ به هڪ رونشو هو. ڊاڪٽر گوبندرام، اُنجو ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر ڇڳومل ۽ ٽيون ڀاءُ ڪشنداس وئديہ جيڪو آيرويد جو ڊاڪٽر هو، هُوَ اسانجي دڪان تان بسري جا موتي، ماڻڪ ۽ ڪستوري خريد ڪندو هو، جنهنجون دوائون ٺاهيندو هو. پوري سنڌ ۾ ڪستوري صرف اسانجي دڪان تي ملندي هئي، جيڪا منهنجو چاچو آسام کان پريان ٿُبيٽ جي سرحد تي وڃي اُنين روپئي تولو خريد ڪندو هو. اُن کي ئي اسان ٽيهين روپئي ۾ وڪڻندا هئاسين. اُن جي قيمت اڄ اٺ ڏهہ لک ته هوندي. اسانجي گهر ۾ ڪستوريءَ ڪانسواءِ سڀ رتن پيا آهن، جيڪي دوائون ٺاهڻ جي ڪم ايندا آهن.

هندو رسم جي مطابق مردي جي وات ۾ پنج رتن وڌا



ويندا آهن، اهي سڀ رتن منهنجي خزاني ۾ اڄ تائين موجود آهن.... جيڪي مان اڄ به مُردي لاءِ مفت ۾ ڏيندو آهيان.... هيءُ سڀ مال لڳ ڀڳ سوَ سال پهرين منهنجي ڏاڏي جو ورتل آهي. ڪڏهن سوچيو به نه هو ته شين جي قيمت ايتري وڌي ويندي، جو صرف جيوَن ئي سستو رهجي ويندو. ڪڏهن سوچيو به نه هو ته شيون ايتريون وڌيون ٿي ويندريون، جو ماڻهو پاڻُ وڪڻي به اُنهن کي خريد نه ڪري سگهندو.

ٿوري دير ۾ گوبندرام پنجابي ٻاهر آيو. هن سيني ٻارن کي اُتي ئي بيهڻ جو اِشارو ڪيو ۽ اندران ڪاغذ جون ڪجهه جهنڊيون ۽ مٺا نڪُل ڪڻي آيو. ٻارن جي ٽيم همبوچون هٺندي اڳتي آئي ۽ هڪ ٿاڻي جي سامهون خوب نعرا لڳايا. اِهو ڏسي هڪ ٿاڻيدار کي ڏاڍو غصو آيو ۽ هن سيني ٻارن کي پڪڙي هڪ گهٽ روشنيءَ واري ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو.... ٻار روئڻ لڳا، ڊپ جي ڪري ڪيترن جو ته مُتُ نڪري ويو. لڳ ڀڳ پندرهن منٽن بعد جڏهن اسانکي ڇڏيو ويو.... اسان ڪانگريس جا جهنڊا اُتيئي ڦٽا ڪيا ۽ رُئندا ميڪندا پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن ڀڳاسين.

هن وقت مان پنهنجي گهر جي سامهون ويٺو آهيان.... ٻٽيهن سالن بعد.... ٻٽيهہ سال هڪ وڏو عرصو آهي.... سڀ ڪجهه مٽجي ويندو آهي.... هڪ رشتي جو اُنهيءَ لمحي ئي موت ٿي ويندو آهي، جڏهن توهن اُن کي رستي ۾ ڇڏي هليو ويندو آهين.... هُوَ اُنهيءَ پل کان تبديل ٿيڻ لڳندو آهي، جنهن کي اڄ تائين اسان دائمي سمجهي ويٺا هئاسين. شين تي ئي نه، احساسن تي به ڌوڙ ڄمڻ لڳندي آهي، جيڪا آهستي آهستي اُنهن کي ڍڪي ڇڏيندي آهي. ڏيري ڏيري اُهي پنهنجي انت جي طرف سُرندا ويندا آهن.... جيئن هيءَ بلڊنگ سُري رهي

آهي، جنهنجي سامهون مان بيٺو آهيان. گذريل وقت جو داستان هنجي هڪ هڪ سر تي درج آهي، هيءَ اسانجي حويلي هوندي هئي. هاڻي هتي اُهي ماڻهو ڪونهن، جيڪي هوندا هئا. هاڻي هي ڪجهه نوان ماڻهو آهن، جيڪي مونکي نه سڃاڻندا آهن. ٻاهر کان آيلن، هنن خالي گهرن تي قبضو ڪري ورتو آهي. نه صرف قبضو ڪري ورتو آهي بلڪ ڪوٽي ڇڏيو آهي.... ته جيڪو ٿورو گهڻو مال دٻيل هجي، اُنهن کي ملي وڃي. ڪجهه چانديءَ جي سڪن لاءِ يا ڪجهه زيورن لاءِ هُوَ سڀ ڪجهه ڪوٽي ڇڏيندا آهن.... اِنسان جي ديهه ۽ روح به.

هُوَ سڀ مونکي اڻ ڏٺو ڪري اچن وڃن پيا ٿا. ڪو ڪو ڌيان سان به ڏسي پيو، پر چوي ڪجهه به ڪونه ٿو. ڪنهن وٽ فرصت نه آهي. مان اُنهن جي لاءِ ڄڻ ته آهيان ئي ڪونه.

مان گهر جي اندر ليٽو پائڻ چاهيان ٿو.... ته ڏٺم منهنجي پڙڏاڏي جسودا ٻائي پنهنجي نونهن گولا ٻائيءَ سان گڏ ويٺي آهي. هوءَ مونکي اُتان ڏسي رهي آهي. ايتري ۾ ڇرڪي منهنجي پڙڏاڏي جسودا پنهنجي پٽ کي سڏ ڪيو....

'اڙي تارا.... ڏس ته ڪير آيو آهي.... منهنجو ننڍو گوتمان آيو آهي. اچ اچ منهنجي گود ۾ اچي ويهه.... رٻڙي کائيندين؟ ڪيترو وڏو ٿي ويو آهين؟ هي وٺ پئسا.... نانوءَ جي دڪان تان رٻڙي وٺي اچ. اڙي ڪنوار.... منهنجي ٻارڙي لاءِ به ڦلڪا ته پچاءِ.... نه نه چار.... نه نه ڇهه.... ٻٽيهن سالن بعد آيو آهي.... بکيو هوندو.... اڙي لاجو (ننڍي ڀيڻ) اڙي درؤ...! (وڏي ڀيڻ).... جلدي اچ.... وڃي رٻڙي وٺي اچو. توهين به کائو، هن کي به کارايو.' گهر جون عورتون مونکي ڏسي روئي رهيون آهن. گهر ۾ ڏاڏو، بابا، چاچو ڪوئي نه آهي، سڀ دڪان تي ويا آهن.... مان اُتي ئي بيٺو گهڻي دير اندر ليٽو پائي رهيو آهيان. اُنهن



جي لڙڪن منهنجي اندر سڀ آلو ڪري ڇڏيو آهي. هي چهرا ڪيترا صاف آهن. وقت به هنن چهرن کي ڌنڌلو نه ڪري سگهيو آهي.... مون اُنهن کي ڇهڻ لاءِ پنهنجا هٿ اڳتي نه ڪيا.... وقت منهنجا هٿ ميرا ڪري ڇڏيا آهن.... مان اُتي ئي بيهي اُن لمحي کي جي رهيو آهيان.... هيءَ رٻڙي.... ڪيتري نه مٺي آهي مونکي. اِن جي بنا مان ماني نه کائيندو هوس. جن ماڻهن ۽ شين جي بنا توکي لڳندو آهي ته تون جي نه سگهندين، اُن جي بغير جيئڻ جي عادت پئجي ويندي آهي هڪ ڏينهن.... تون ڏيري ڏيري اُنهن کان پري ٿيندو ويندو آهين.

منهنجي گهر ۾ هڪ پنجابي مسلمان فئملي رهي پئي هئي. مون در کڙڪايو ته کڙڪو ٻڌي هڪ شخص ٻاهر نڪري آيو. مون هن کي پنهنجي واقفيت ڏني. هو بلڪل به خوش نه ڏسڻ ۾ آيو. مون هن کان اندر اچڻ جي اِجازت گهري ته هن صاف منع ڪري ڇڏيو. مون پنهنجي ننڍي بئگ هيٺ رکي اُن مان 'شيخ اياز' جو ڪتاب ڪڍيو 'پونر پري آڪاس' ۽ هن کي ڏيکاري چيو -

'ڏسو.... هي منهنجو دوست آهي.' شيخ اياز کي هتي گهڻو مڃيندا آهن. شيخ اياز سنڌ جو هڪ عظيم شاعر آهي. هنجي شاعريءَ ۾ نوان فارم، نوان وزن، نوان لفظ، نئين لئه ۽ نئين سوچ آهي. سنڌي مسلمانن تي جيڪي ظلم ٿيا، هي اُنهن جي لاءِ اُٿي بيهي رهيو. هنجي شاعريءَ ۾ بغاوت آهي. ورهاڱي کان پوءِ پاڪستاني حاڪمن هندن جي خلاف نفرت ۽ دشمني جو پرچار ته ڪيو ئي.... ٻين هندن جي ملڪيت، زمينون، نوڪريون ۽ گهر، ٻاهران آيل مُهاجرن کي ڏيئي، سنڌي مسلمانن جي حق کان اِنڪار ڪري ڇڏيو. شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ اُنهن ڳالهين جو بيان ڪيو ۽ عام ماڻهوءَ جي دل تي گهرو اثر ڇڏيو. هاڻي هيءَ ڳالهه قابلِ جرح ٿي سگهي ٿي ته ڪيترو فرق پيو؟

'چا توهين سنڌي آهيو....؟' مون 'ها' ۾ ڪنڌ لوڏيو تہ هن چيو....

'مان سنڌي نہ آهيان، پر مونکي سنڌي ايندي آهي. مان سنڌ ۾ پيدا ٿيو آهيان.... منهنجي ماءُ هتي بمبئيءَ ۾ پيدا ٿي آهي. مون پاڻ کي چاڙهي واڙهي زخمي ڪري ورتو آهي، جيئن مان هتي رهي سگهان. مونکي پنهنجي ماءُ جو اُهو گهر ڏسڻو آهي، جتي هوءَ پيدا ٿي هئي.... هوءَ 45 سالن جي آهي پر ڏاڍي ٻڍي لڳندي آهي، بيمار رهندي آهي. مان اُها چال ڏسڻ چاهيان ٿو. چا بمبئيءَ جي چال ڪراچيءَ کان الڳ ڏسڻ ۾ ايندي هوندي؟' هن هڪ سوال اسانجي سامهون رکي ڇڏيو، جنهنجو جواب اسان نہ ڏيئي سگهياسين. چال جي خبر نہ آهي، پر ماڻهو سڀ هڪ جهڙا رهندا آهن. هتي بہ، اُتي بہ.

'منهنجي ماءُ چوندي آهي.... 'اُن چال جو مقابلو ڪوئي محل بہ نٿو ڪري سگهي....' هوءَ بيمار رهندي آهي... ڊاڪٽر ڪجهہ ٻڌائين نٿا. مان هن کان گهڻا سوال پڇندو آهيان، پر هوءَ ڪو جواب نہ ڏيندي آهي. اُها چال مينار مسجد جي بازوءَ ۾ آهي. اُهائي چال منهنجي ماءُ جي بيماريءَ جو سبب آهي. مونکي هن چال جا فوٽا ڪڍڻا آهن. مان پاڻ کي زخمي ڪري هتي پهتو آهيان، پر هتي وڃڻ جي لاءِ مون وٽ پئسا نہ آهن. مون حولدار کي بہ پٽائي ورتو آهي.... چا توهين منهنجي مدد ڪندا؟ الله قسم، مان توهانجو احسان تہ نہ لاهي سگهندس، پر پئسا ضرور موٽائي ڏيندس....''

هُو بيو بہ ڪجهہ چوڻ چاهي پيو، پر سندس گلو پرجي آيو. مون بابا طرف ڏٺو.... هن جي اکين ۾ 'ها' هئي. منهنجي جيب ۾ پنج سوَ روپيا هئا، جي مون هنکي ڏيئي ڇڏيا. بغير



وقت وڃائڻ جي هُو جلد سپاهيءَ کي وٺي 'مهرباني وڏي مهرباني' چوندو اُتان هليو ويو. ٻئي ڏينهن صبح جو يارهين بجي هُو هاسپيٽل موٽي آيو. بابا کي پيرين پيو ۽ هن چال جا تمام فوٽا ڏيکاريا. هنن تصويرن ۾ هُو جيڪو ڏسي رهيو هو، اُنهن تصويرن کان ڪٿي الڳ ۽ گهڻو دور هو، پر اُن لمحي هنجي ويجهو هليو آيو هو.... ڪنهن فالتو ڪُتي جيان، جنهن جي ملايم وارن تي هُو پنهنجو هٿ ڦيري رهيو هو. ڪجهہ حاصل ڪرڻ جي خوشي سندس چهري تي هئي. خوش ايترو هو جو هنجي اندر ڪجهہ نچي رهيو هو. هنجون اکيون پرجي آيون هيون. هُو بابا سان چنبڙي ٿوري دير بيٺو رهيو. بابا هنجي پٺيءَ تي هٿ ڦيريندو رهيو. حولدار جي اکين ۾ بہ لڙڪ اچي ويا. هن هر هر اسانکي شڪريہ چيو ۽ اُتان هليو ويو.

مان هن شخص کي ڪڏهن وساري نہ سگهيس. ڪجهہ حاصل ڪري وٺڻ جي اديت خوشيءَ جو هڪ ٽڪر هُو مون وٽ ڇڏي ويو هو.اُنهيءَ لمحي مون سوچي ورتو هو تہ مان ويندس. جيڪو بہ ڇڏي آيو آهيان، اُن سان ملڻ، اُنکي ڇهڻ، اُنکي ڏسڻ....

هڪ هفتي بعد اسان وٽ پنج سوَ روپيا ۽ هنجي ماءُ جو فوٽو اچي ويو، جو هن موڪليو هو. اُهو نوجوان اڄ ڪلهہ دادر اسٽيشن تي ڪٿي رهندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ماءُ کي هنجي پراڻي چال ڏيکارڻ وٺي ويندو آهي. اِهوئي هنجو علاج آهي. هُو سنڌ ڇڏي هتي اچي ويو آهي.

بي گهٽنا 1976 ۾ ٿي هئي.... مان هيمبرگ مان ڪوپينهيگن وڃي رهيو هوس. ٽرين ۾ ڪاري چمڙيءَ واري هڪ ڇوڪري مون سان سفر ڪري رهي هئي. ڳالهين جي دوران هن ٻڌايو تہ هوءَ بمبئيءَ جي وي.ٽيءَ ۾ پيدا ٿي آهي، پر هن هڪ سنڌيءَ

سان شادي ڪئي آهي. ڪوپينهيگن ۾ هنجو پتي ڪنهن ايئرلائينس ۾ ڪم ڪندو آهي. جڏهن اسين لڳاسين تہ هنجو پتي هن کي وٺڻ آيو هو. هن پنهنجي پتيءَ سان منهنجي ملاقات ڪرائي. هن جي پتيءَ چيو....

’توهين هلي اسان سان گڏ رهو. هوٽل ۾ رهڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي.‘

اُن وقت منهنجي جيب ۾ چار هزار ڊالر هئا. مان ڪنهن اڻ سڃاتل ماڻهوءَ سان گڏ نہ پيو وڃڻ چاهيان. مون هنکي چيو-

’اڄ فرائيڊي آهي.... توهين هڪ هوٽل ڳولهڻ ۾ منهنجي مدد ڪيو.... مان سئٽرڊي جو توهان سان ملڻ ضرور ايندس.‘

هن هوٽل ڳولهڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي ۽ اِجازت وٺي هليو ويو. مان تيار ٿي پنهنجي هوٽل کان ٻاهر آيس. دراصل مان ڪوپينهيگن جي اُها خاص رات ڏسڻ چاهيان پيو، جيڪا تمام گهڻي مشهور آهي. مان اڃا هوٽل جي گيٽ تائين پهتو ئي هوس تہ ايتري ۾ هڪُ سنڌي نوجوان پنهنجن ڪجهہ دوستن سان گڏ منهنجي سامهون اچي بيٺو. هنکي ڏسي مان حيرت ۾ پئجي ويس. ڪجهہ دير تہ منهنجي منهن مان ٻول نہ ڦُٽا. مان هنکي ڏسندو رهجي ويس.

’تون مون سان گڏ نٿو اچي سگهين، پر مان تہ توسان گڏ اچي سگهان ٿو.‘ هڪ ڏاڍي خوبصورت دوستانہ مُرڪ هنجي چهري تي هئي.... تسلي بخش. مان هن روحاني سونهن تي مُگڌ ٿي ويس. مان ڪجهہ چئي نہ سگهيس، پر منهنجي چهري تي ضرور ڪجهہ هوندو.... مان هنجو هٿ پڪڙي وٺڻ پيو چاهيان.... مان هنکي ڀاڪر پائڻ پيو چاهيان.

’هلو.... اچ توهانکي ڪوپينهيگن ڏيکاريون ٿا.‘ هن منهنجي ڪلهي تي پنهنجو هٿ رکيو. اُهو اِنسان، اِنسانيت جي روشنيءَ ۾ جڻ چمڪي رهيو هو.



’ٿئنڪ يوُ دوست.... آءِ نيڊ يوُ....‘ مون هنجو ڪوسو هٿ زور سان پڪڙي ورتو ۽ وڃي هنجي ڪار ۾ ويهي رهيس.

ڪار روڊن تي ڊڪڻ لڳي. جيڪا رات ۽ روشنيون منهنجي چوطرف هيون، مون هن کان پهرين نہ ڏٺيون هيون.... هڪ نئين دنيا پنهنجي انيڪ رنگن جا ڪپڙا لاهي منهنجي سامهون کُلي رهي هئي.... نظارا تيزيءَ سان گذري رهيا هئا.... چڪاچوند ڪري ڇڏڻ واريون روشنيون. هوٽلس ۽ ڪلب پار ڪندي اسين هڪ ينگسٽرس سان پريل نائيٽ ڪلب ۾ پهچي وياسين. سڀ جو سڀ 16-17-18 سالن جا نوجوان ڊانس ڪري رهيا هئا.... تيز ميوزڪ پيو وڃي. اُنهن عجيب عيجب طرح جا ڪپڙا جوتا ۽ نہ جاڻ ڇا ڇا پائي رکيو هو. ڪنهن ضرورت کان وڌيڪ، ڪنهن ضرورت کان گهٽ. هال خوشبودار دونهين سان ڀمتار هو. سڀ ڪجهہ دونهون دونهون.... سڀ اجنبي، پر سڀ هڪ جهڙا. اندر ۽ ٻاهر جي تيز ميوزڪ تي ٿِرڪندا. اُنهن جا جسم جڻ تہ روشنيءَ جون شهتيرون هجن.... هيڏانهن هوڏانهن جرڪنديون. روشني، جا اُنهن جي وس ۾ نہ هئي پر هوُ انهن سان ٻڌل هئا، اُنهن جي وس ۾ هئا. مان اُن ڀيڙ کي ڏسندو رهجي ويس.... جيڪا بس هتي ۽ هاڻي آهي. ڀيڙ کي چيريندي اسين اندر پهتاسين. بار ڪائونٽر تي وينل ڇوڪرِي مون طرف ڏسي مشڪي.... مان بہ مُشڪيس.... هن جا چيو.... مان سمجهي نہ سگهيس.... هن منهنجو چهرو ڏٺو ۽ وري بيئر جي بوتل طرف اِشارو ڪيو. مون هنکي بيئر جي هڪ بوتل خريد ڪري ڏني.... ايتري ۾ منهنجا دوست اُتي اچي پهتا.... ڏسي ڪري چيائون....

’ڇوڪريءَ کي بيئر تو پيارين.... هتي ڇوڪريون اسانکي بيئر پيئارينديون آهن.... هي تہ تو ڏاڍو غلط ڪم ڪيو آهي.‘

هوُ مونکي ڳهليندي ٻئي پاسي وٺي ويا.... هوُ سڀ زندگيءَ جي مستيءَ سان ڀريل هئا.... مطلب.... چلڪندا. مان اُنهن کي ڊانس ڪندي ۽ پيئندي ڏسان پيو. هتي ڪا هڪ شيءِ نہ آهي جيڪا توکي ٻڌي. ايترين شيون آهن جو ڏسي دماغ چڪرائي ٿو. ڇا ڏسان.... ڇا ڇڏيان؟ ڏسان ٿو تہ ڏسندو ٿو وڃان. پوءِ ڏسڻ بہ ڇٽي ٿو وڃي ۽ مان اُن شور ۾ گم ٿيندو ٿو وڃان. مان بس ’آهيان‘ جيئن ٻيون شيون ’آهن‘. نہ تون اُنکي پڪڙي سگهين ٿو، نہ اُنکي سمجهي سگهين ٿو. اهڙي ڪا بہ ڪوشش ڇرپائپ آهي. هلي رهيو آهي ڪاڻ پيئڻ جو دؤر.... نہ ڄاڻ ڪيترن قسمن جي وائين ۽ کائڻ پيئڻ جون شيون.... جيڪي هوُ ڪٺي پيا اچن ۽ هڪ ٻئي کي کارائين پيا. هي سڀ رات هڪ بجي تائين هلندو رهيو. ايترن قسمن جي وائين مون اڄ تائين نہ ڏٺي، نہ چکي هئي. نہ ايترن قسمن جو کاڌو. اُنهن ڪجهہ ڪلاڪن جي جيوَن ۾ مون نہ ڄاڻ ڪيترو ڪجهہ جيِ ورتو.

اُن کان پوءِ آيو موڪلائڻ جو وقت. اُنهن، ڪار ۾ مونکي منهنجي هوٽل تي ڇڏي ڏنو. جڏهن هوُ وداعيءَ جو هٿ ملائي رهيو هو، مون هنکي پنهنجي گلي سان لڳائي ورتو. اسان ٻئي اِموشنل ٿي رهيا هئاسين. پنهنجي چهري تي لِڪيل اُگهڻ خاطر هوُ جلدي وڃي ڪار ۾ ويهي رهيو ۽ ڪار اُتان هلي ويئي.

روشنين کان ٻاهر نڪري مان پنهنجي اندر اوندهہ محسوس ڪرڻ لڳو هوس. اڄ بہ اُهو لمحو ياد ڪندو آهيان تہ پاڻ کي اُتي ئي بيٺل محسوس ڪندو آهيان.... اُنهيءَ نائيٽ ڪلب ۾.... دوستن سان گڏ ٽهڪ ڏيندو.... هنن سان پنهنجي وائين شيئر ڪندو. زندگيءَ جي نظر ڪڏهن تنهنجي مٿان پئجي ويندي آهي ۽ اُها اوچتو مهربان ٿي ويندي آهي.... ڪجهہ اڻ ڄاڻ رشتن جي ڪوسائپ تنهنجي هڏين ۾ ايتري



پيهجي ويندي آهي جو تون اڪيلائپ جي سخت ٿڌ ۾ بہ هلندو ويندو آهين ۽ مان هلي رهيو آهيان هن مهل تائين....

يادگيريون اڃا مونکي پوئتي ڳهليندين ٿيون وڃن....

منهنجي عمر ڏهہ ورهيہ ست مهنا هئي، جڏهن اسان کي شڪارپور ڇڏڻو پيو. منهنجو ڏاڏو نهالچند شڪارپور ڇڏڻ لاءِ بلڪل تيار نہ هو. ڏاڏيِ گوڏن جي سور جي ڪري ويٺي هئي. اسانجي ڳڙيءَ جي زمين اڍائي لکين ۾ وڪامجي رهي هئي، پر ڏاڏو زمين وڪڻڻ لاءِ تيار نہ هو. ڏاڏي جو سؤٽ نارووسنگهہ پهرين ئي پنهنجي حصي جي زمين اڍائي لکين ۾ وڪڻي مدراس روانو ٿي چڪو هو. هوُ مدراس ۾ وياج جو ڪم ڪندو هو. شڪارپور جو پوسٽ ماسٽر منهنجي چاچي رامچند جو دوست هو. جنهنجي مدد سان اسين سڀ زيور ۽ دڪان جو سامان ٿورو ٿوري ڪري پهرين ئي بمبئيءَ جي صرافا دوستن وٽ موڪلي چڪا هئاسين. مهني ۾ بہ پيرا بمبئيءَ اچي چاچو مال کي بئنڪ جي لاڪرس ۾ سنڀالي رکي ايندو هو. اسان پنهنجيِ سموري ملڪيت (زمين، عمارتن ۽ فرنيچر کانسواءِ) آزاديءَ کان اڳ ئي هندستان ڪٺي اچي چڪا هئاسين. منهنجي ناني، ماسي ۽ ماميءَ جو گهر پهرين ئي ڪٽنب سوڌو بمبئيءَ پهچي چڪو هو. منهنجو مامو ڪيترا سال پهرين هندستان ۾ سيٺ چمنداس ڪينگر جو دڪان سنڀاليندو هو. هنجو سرڳواس ٿي چڪو هو.

۽ هڪ ڏينهن اسين ڀريل گهر خالي ڪري ٽانگي تي ويهي ٽيشن طرف روانا ٿي وياسين....

ڀريل گهر ٽانگي تي ڪٺي ٽيشن تي خالي ڪري، ٽانگي واري وري موٽي ڪري نہ ڏنو تہ ڪوئي خالي شخص، ڀريل گهر ڇڏي سرحد جي هن پار هليو ويو.

شڪارپور جي پليٽ فارم تي گاڏي بيٺي هئي. مون بابا کان پڇيو، هيءَ گاڏي ڪڏهن هلندي. بابا پاڻ ۾ گم هو، وري به چيائين ـ

’جڏهن ريل جي دٻي تي لکيل اکر پڙهيا ويندا، تڏهن هيءَ ريل هلڻ لڳندي.‘ اسان سيني اُهي اکر پڙهيا پر سمجهيا نہ. تڏهن هڪ پاٽيءَ وارو هيءُ چوندو گذري ويو-

’هندو پاڻي.... مسلم پاڻي....‘ ۽ ٽرين هلي وئي.

اُن وقت بابا بہ گهڻي جلدي ڪئي ۽ جلدي جلديءَ ۾ هنجي جُتي پليٽفارم تي ئي رهجي وئي. مون لاچار جُتيءَ کي اُتيئي ڇڏجندي ڏٺو. منهنجي مستقبل جي پونجي اُتي ئي رهجي وئي.

ريل مان لٽڪنديون منهنجون ٽنگون نَيُنِ هوائن جي تيز ڌار تي گِهسجي گِهسجي پنهنجو آڪار کوهي رهيو هيون. چوندا آهن، ٻالپڻ جو عيب وراثت ٿي ويندو آهي. اڄ مان بہ وراثتي اپاهج آهيان.

هاڻي هيءَ بيماري منهنجن ٻارن کي بہ پنهنجي مٺي تي ڪٽڻي پوندي. هاڻي منهنجي نظر صرف بيمارن کي ڏسندي آهي. مون اُنهن ماڻهن کان پڇيو، توهين بيمار ڪيئن پيا؟ اُنهن چيو ـ ’اسان بہ ريل گاڏيءَ تي لکيل اکر غلط پڙهي ورتا هئا ۽ ريل هلي پيئي هئي.‘

جڏهن اسين شڪارپور کان ڪراچي وڃڻ واري ٽرين ۾ ويٺا هئاسين... ٽرين سٽاٽل اٽسٽاٽل ماڻهن سان پريل هئي. هڪ شيءِ سيني ۾ هڪ جهڙي هئي ـ ڀؤ. اسين سڀ ڊنل هئاسين. اسان سان گڏ ٽيڪمداس جمن وارو بہ ويٺو هو، پنهنجي زال ۽ ٻن ٻارن سان گڏ. هو روز صبح ٽن قسمن جي تيار ٿيل دالين



جو ٻاڙو لڳائيندو هو. هڪ آني ۾ هڪ پن دال وڪڻندو هو. سائو ويڪرو پن، اڄ بہ مونکي چڱي طرح ياد آهي. دال وڪڻڻ جي لاءِ هوُ وڻ جي شاخ مان نہ ڄاڻ ڪيترا پن روز پٽيندو هو ۽ اسين بہ شاخ کان نہ ڄاڻ ڪيترا ٽٽي وياسين؟ هنجي زال گوري هئي، سو ٻين جي نظر کان بچائڻ لاءِ هن پنهنجي زال جي چهري تي رک ٿڦي ڇڏي هئي. بابا پڇيس ـ

’ماءُ پيءُ ڪٿي آهن تنهنجا؟ اُنهن کي نہ وٺي آيو آهين؟‘

’مون وٽ صرف بہ ٽڪيٽون هيون، اِنڪري مان اُنهن کي ٻڍا آشرم ۾ ڇڏي آيو آهيان. وٺي ايندس جلد اُنهن کي بہ.‘ هن اکيون چورائيندي جواب ڏنو. ان طرح جي جوابن کي بابا چڱي طرح سڃاڻندو هو. هوُ اُنهن کي وٺڻ ڪڏهن بہ ڪونہ ويو. ورهاڱو صرف ٻاهر ئي نہ ٿيو هو.... ورهاڱي ماڻهن جي دلين ۽ چهرن جا نہ ڄاڻ ڪيترا ٽڪر ڪري ڇڏيا هئا. اڄ پاڻ کي چوان ٿو، تون ڪڏهن طئہ نٿو ڪري سگهين تہ تون ڪهڙي ٽُڪري سان گڏ رهڻ چاهين ٿو؟ تون گهڻو جلدبازيءَ ۾ چونڊي وٺندو آهين ۽ سالن جا سال توکي خبر نہ پئجي سگهندي آهي تہ جيڪو تون ڇڏي آيو آهين.... اُهو ئي دراصل تنهنجو اصلي ٽڪر هو.

اُن وقت اسانجو سمورو خاندان سنڌ کان نڪرڻ جي لاءِ ’بہ اڍائي مهنا پهرين ئي ڪراچيءَ ۾ جمع ٿي چڪو هو. ڪراچيءَ جي هن نئين علائقي کي ’منو در‘ چوندا آهن. منهنجي ماءُ جي ماسي، پنهنجو فليٽ خالي ڇڏي هندستان هلي وئي هئي ۽ اسانکي رهڻ لاءِ اُهو فليٽ ملي ويو هو. اسانکي 6 جنوريءَ جو هلڻو هو، ڪاراپارا اسٽيمر تي، ڪامياڙي بندرگاه کان. ساڍا ٻارهان روپيا هڪ ماڻهوءَ جو ڪرايو هو، ٻار فري. ڪارگو اِسٽيمر طئہ ڏينهن کان بہ ڏينهن پهرين هلڻ لاءِ تيار هو. اُها 3 جنوري

1948 جي آخري رات هئي، جڏهن ماں سنڌوءَ جي گود ۾ سمهيو هوس. 4 جنوري 1948 جو ڪراچيءَ ۾ اسانجي بلڊنگ جي سامهون، ٽي اُٺ گاڏيون بيٺيون هيون. چا چڏيون، چا ڪٽئون جي ڪشمڪش ڪانپوءِ، ڪجهه ٽين جون پيٽيون چاچو چاڙهي چڪو هو. صبح 10 بجي اسين سڀ اُٺ گاڏيءَ تي سوار ٿي ڪاميا ڙي بندر طرف روانا ٿي وياسين. اُتي اسان جهڙن جي پيڙ هئي.... ماڻهو اُداس هئا، ڏڪل هئا. اُنهن کي سمجهه ۾ ٿي نه پيو اچي ته اُنهن کي ڪهڙي ڏوهه جي سزا ملي رهي آهي. جتي هو وڃي رهيا آهن هتين خالي، اُتان جي ته پولي به اُنهن کي نٿي اچي. وري به اُنهن کي لڳي پيو ته جيترو جلدي ٿي سگهي، هي اِسٽيمر روانو ٿي وڃي. اِسٽيمر روانو ٿيو ته سيني راحت جو ساهه کنيو. هاڻي هو ٽهت ۾ گهت بچي ته ويا.

ڪاميا ڙي بندرگاهه کان روانو ٿيڻ کان پهرين ڪيترا ئي ماڻهو فلئٽ جي لاءِ بابا جي سامهون هٿ جوڙي بيٺا هئا. جيستائين هنن جو وارو نٿو اچي، اُنهن کي ڪراچيءَ ۾ ئي رهڻو هو. اُن وقت ڪراچيءَ جي ڪنهن به مسافرخاني ۾ جڳهه ملڻ، تصور کان ٻاهر هو. بابا اُنهن کي فلئٽ جي چابي ڏني ۽ فورن شڪارپور طرف روانو ٿي ويو. ستين تاريخ اسين هندستان پهتاسين ته خبر پيئي ته 3 تاريخ جو جتي اسان رهندا هئاسين، ڏهڪائيندڙ فساد ٿيا ۽ هزار ٻارهن سوَ ماڻهو ماريا ويا. گهر جي ماڻهن شڪر ڪيو ته اسين وقت تي نڪري آياسين. پر اُنهن جو چا، جيڪي وقت تي نه نڪري سگهيا ۽ وقت جي سامهون هارائجي ويا.

اُتان نڪرندي مهل منهنجون اکين هاءِ ڪورٽ جي گول چڪر ۽ آرٽيلري ميدان جي وچ واري حصي ۾ پڪي رهيون هيون. مونکي ڪنهن جي ڏسڻ جي ڏنڌلي اُميد به نه هئي، پر من اهڙو ڦرڦرائي پيو، جو ڪو هنکي ڪٿي جڳ به ٽڪر ٿو ڪري....



اُن لمحي ماں زور سان رڙ ڪري چاهيان پيو.... ’سنڌوُ....‘ ماں اجا زور سان روئڻ چاهيان پيو.... ’سنڌوُ.... ٻُڌ.... ماں وڃان ٿو.‘

پر ماں رڙ به نه ڪري سگهيس، نه ڪجهه چئي سگهيس. ڪير آهي هيءَ سنڌوُ؟ ڪوئي نه، بس اِسڪول ۾ ايندي ويندي هنکي ڏٺو آهي.... اُهو به انڪري جو ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا اِسڪول آسي پاسي آهن....گوري چٽي.... ڊگهي.... ڊگها سونهري وار ۽ هرڻيءَ جهڙي چال.... رسيس ٿيندي هئي ته ماں وڃي ٻاهر ويهي رهندو هوس.... هن پاسي جو رستو تڪيندو.... پر هنکي ڪيئن خبر پئي ته ماں اُنهيءَ کي ڏسڻ لاءِ بيٺو آهيان؟ ڪجهه ڏينهن بعد هوءَ به اِسڪول جي ٻاهر بيهي پيئي رهي ۽ اسين هڪ ٻئي کي ڏسي ڪلڻ پيا لڳون. ڪيتري ڪل هئي اسانجي اندر جو اسين بس ڪلندا ئي رهندا هئاسين. پهرين ته مونکي هنجو نالو ئي خبر نه هو، پر جڏهن منهنجي سامهون ڪنهن هنکي سڏ ڪيو ته مون من ئي من ۾ ڏُهرايو - سنڌوُ.... آهه.... ڪيترو مٺو نالو آهي؟ ماں ڏُکي وڃي هنجو هٿ پڪڙي ڪٿي ڪيڏڻ پيو چاهيان، هن سان ڳالهائڻ پيو چاهيان.... وري وري هنکي ڪِلائڻ پيو چاهيان.... اُن وقت ڪنهن خواب وانگر هي نظارو منهنجي اندر جوان ٿي رهيو هو، جنهنکي ماں نيڪ نيڪ سچائي به نه سگهيس. ڪٿي سچائي سگهندا آهيون اسين پنهنجا خواب؟ اسان ته اُنهن کي وچ ۾ ئي ڇڏي ڪانئرن وانگر پڇي پاسيرا ٿيندا آهيون....

مونکي اُنهيءَ وقت آرٽيلري ميدان جو هڪ واقعو ياد اچي ويو، جيڪو اُن وقت بجليءَ جي ڪرنٽ وانگر سموري ڪراچيءَ ۾ ڦهلجي ويو. ڪراچيءَ ۾ قديرو نالي هو هڪ مڪراني مسلمان رهندو هو، جنهنجي دهشت اهڙي هئي جو جڏهن هو رستي

تي هلندو هو تہ سڀ هندو پنهنجو پنهنجو دڪان بند ڪري ڇڏيندا هئا. گهرن جا دروازا بند ٿي ويندا هئا. ڪيڏنڌڙ ٻار ڊڃي گهر ڀڄي ويندا هئا. پنڌ هلڻ وارا هندو فورن پنهنجو رستو مٽي ڇڏيندا هئا. ڇهہ فوٽ ڊگهو هڪ ڏٺو مٺو ڪارو ڏٽُ جوان ڪنهن راڪاس وانگر ڏسڻ ۾ ايندو هو. قديري هڪ ڀيري ڪنهن هندو ڇوڪريءَ سان ڇيڙ ڇاڙ ڪئي. ان تي رام پشوري، جنهنجو اصلي نالو رام گابا هو.... پيشاور جو رهڻ وارو هو، گورو ۽ ٻاڙهو.... گهنڊيدار وار، بلڪل پٺاڻن وانگر لڳندو هو، ٻيو هو شوو ماڻا، جيڪو بيحد ڦڙتيلو ۽ باڪسنگ چئمپن هو، ٻنهي همت ڪري آرٽيلري ميدان ۾ قديري ڪي وٺي خوب ڦيهہ ڪڍي. رام اُن جي ڇنيءَ تي چڙهي ويو ۽ هن تي مُڪن جي برسات ڪري ڇڏي. قديري کي خبر نہ هئي تہ هي سڀ ڪيئن ٿي ويو؟ هوُ حيران ۽ بدحواس هو. پنڌرهن منٽ هن تي ٺونشن جي برسات ٿيندي رهي. آخر ۾ هوُ بيهوش ٿي ڪري پيو. هنجي منهن مان رت پچڪاريءَ جيان پيو وَهي. ڪلاڪ ڏيڍ هو رستي تي لاوارث پيو هو. ان کان پوءِ هنجا ساٿي آيا ۽ هنکي وٺي ويا. اِسپتال ۾ ٽي مهينا هنجو علاج هلندو رهيو، پوءِ وڃي هوُ ٺيڪ ٿيو. وري هن ڪڏهن هندو ڇوڪريءَ طرف اک کڻي نہ ڏٺو.

منجهند جي تيز اُس ۾ مان هن بلڊنگ جي سامهون گهڻي دير کان بيٺو آهيان. ڪجهہ گرمي ۽ ڪجهہ ٿڪاوٽ جو احساس ٿي رهيو هو. فوٽ پاٿ تي ٿي هڪ وڻ جي هيٺان پنجن فوٽن جي هڪ ڪاٺ جي پيٽي پيئي هئي. مان اُن پيٽيءَ تي ويهي ماضيءَ ۾ غوطا کائڻ لڳس. گهٽيءَ جي مهانڊي تي هڪ گاڏي وارو بيٺو هو. پهرين تہ لڳو هو گول گپا وڪڻي رهيو آهي، پر هنجي گاڏي تي الڳ الڳ قسمن جي مڇي پيئي هئي. تڏهن سامهون واري بلڊنگ مان ڪجهہ عورتون نڪتيون، پر



ڪيڏانهن؟ آسي پاسي ۾ تہ ڪو گردوارو بہ نہ آهي. مان اُنهن جي طرف ڏسي رهيو هوس تہ ڪنهن منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو. مون ڪنڌ ورائي ڏٺو، هڪ جينٽل مئن بيٺو هو....

’توهين ڪير آهيو؟ هتان جا تہ نٿا لڳو. مان هن گليءَ جي هر ماڻهوءَ کي سڃاڻان. توهين هتي ڇو بيٺا آهيو؟ هي منهنجو دڪان آهي.‘

’معاف ڪجو، مان هن گهٽيءَ جو نہ آهيان، نہ نہ، پر مان هن گهٽيءَ جو آهيان، پر هن وقت مان هن گهٽيءَ جو نہ آهيان.‘

’تہ ڇا تون مستقبل مان آيو آهين يا ماضيءَ جو باشندو آهين؟‘

’ٻٽيهہ سال پهرين مان سامهون واري بلڊنگ ۾ رهندو هوس....‘

’سامهون جهامنداس بلڊنگ ۾؟ تنهنجو نالو ڇا آهي؟ ڪشن.... ولي.... واسوُ.... گنگوُ.... تون ڪير آهين؟‘

اِئين چوندي چوندي هن لڪڙيءَ جي پيٽيءَ مان هڪ اِسٽول، هڪ آرسي، ڪجهہ حجامت ڪرڻ جو سامان ڪڍي پيٽيءَ تي رکيو ۽ مونکي هُن اِسٽول تي وهڻ جو اِشارو ڪيو.

’توهين ڪير آهيو؟‘ مون وهندي پڇيو.

’مان ورهاڱي کان ڪجهہ مهينا پهرين هن بلڊنگ ۾ رهندو هوس. مان چانڊوءَ جو پٽ رفيق آهيان.‘

’چانڊوُ...؟‘

’ها، چانڊوُ، جيڪو هن سڄي بلڊنگ جا پاڻيءَ جا پمپ هلائيندو هو.‘

مونکي ياد آيو تہ اُن وقت هٿنڊ پمپ هلائي اندر گرائونڊ پاڻيءَ جي ٽانڪي ڀري رکبي هئي. ڇو جو اُن وقت بجلي مهانگي

’ٿيندو جڏهن اسين جاڳنداسين....‘ مون مشڪي ڏنو.... منهنجي مُشڪ ۾ نه ڄاڻ ڪيتري ڪؤڙائپ هئي، نه ڄاڻ ڪيتري تڪليف هئي.... نه ڄاڻ ڪيترا لاها چاڙها هئا؟

’اسان ڪڏهن جاڳنداسين؟‘ هن به عجيب سوال ڪري ڇڏيو.

’جنهن ڏينهن جاڳڻ چاهينداسين. ڪوششون ته گهڻيئي ڪيون ويون آهن.... سنڌ ۾ به. صوفين جي ته هڪ وڏي ۽ ڊگهي پرمپرا آهي.... اڄ جنهن علائقي کي پاڪستان چيو وڃي ٿو، هڪ وقت هي سڄو علائقو تصوف جو مرڪز هوندو هو. اُٿارين ته پيا صوفيِ سيني کي.... پر ڪوئي جڏهن اسانکي اسانجي ننڊ مان اُٿاريندو آهي ته اسين هن کي ماري ڇڏيندا آهيون. اسان نه چاهينداسين ته اسانجي ننڊ ۾ خلل پوي. پوءِ جڏهن ننڊ ڦٽائڻ وارا مري ويندا آهن، اسان هنجي نالي جو هڪ مندر يا مسجد ٺاهي ڇڏيندا آهيون ۽ پوءِ اُتي ڪير عبادت ڪري يا نه ڪري. اُنهيءَ ڳالهه تي به وري رت جون نديون وهائي ڇڏيندا آهيون. ماڻهو جيستائين ماڻهو آهي، ڇا هنجو ڪو علاج آهي؟‘

اسان هڪ ٻئي جي سامهون چپ ويٺا آهيون. مان چپ آهيان جو منهنجي سوال جو ڪو جواب ڪونهي. هو چپ آهي جو هن وٽ سوال ئي ڪونهي. هيءَ مرده خاموشي آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي به هڪ ڏينهن ٺاهي ڇڏيندي آهي.

پاڪستان سرڪار جي مدد سان لکايل ۽ ڇپايل ’هسٽري آف مسلم فلاسافي 1963‘ ۾ صوفين جو گهڻو ورڻن آهي. گهڻو ڪري دنيا جي تمام صوفين جي زندگي ۽ نظريي جو بيان هن ڪتاب ۾ آهي. پر هن ڪتاب ۾ ڪٿي به سنڌي صوفي شاهه عبداللطيف جو ذڪر نه آهي. شايد اِنڪري جو شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ’وحدت ال وجود‘ يعني ادويت‌واد جو ذڪر



ڪيو آهي. جڏهن ته هتان جو ڪٽر سماج دويت واد (Dualism) ۾ يقين ڪندو آهي.

پر مان هنکي ڇا چوان؟ حالانڪ سنڌ ۾ مذهب تي نٿو ڳالهائي سگهجي، پر مذهب کي الڳ رکي، صوفي جيون تي گهڻو ڳالهائي سگهجي ٿو. صوفين جون گهڻيون قبرون لاهور ۾ ئي آهن. جڏهن ته پاڪستان جنم کان ئي سياست جو آکاڙو رهيو آهي ۽ اها خاص ڳالهه آهي ته تصوف ۽ سياست ٻه مخالف قطب آهن. سياست ۾ خواهش جي اهميت هوندي آهي، ٻين کي وس ۾ رکڻ ضروري هوندو آهي. اِهوئي سياست جو جهاد آهي. جڏهن ته تصوف جو جهاد ان کان بلڪل الڳ رُخ جو آهي. تصوف ۾ صوفيءَ جي اڪيلي خواهش هوندي آهي ته هو ’نه‘ ۾ ’نه‘ ٿي وڃي. جيڪو اِنسانن کي وس ۾ رکڻ جي خواهش رکندو آهي، اُهو مسجد جو مُلا آهي، مندر جو پروهت آهي. پر جو نه وس ۾ رهندو آهي، نه رکندو آهي، اُهو صوفي آهي.

ايتري ۾ چانهه اچي ويئي. هن ٻيو خالي گلاس گهرائي اُنجي احمدآبادي ڪٽنگ مونکي پيش ڪئي. اسين چانهه پيئڻ لڳاسين. مونکي سوچ ۾ گم ڏسي هن مونکي نه ڇيڙيو ۽ اسين هڪ ٻئي جي ويجهو ويٺا رهياسين.

چانهه پي مان اُٿيس. هن کان اِجازت ورتي، پنهنجي گهر جي بند در جي ويجهو اچي، ڪجهه دير بيٺو رهيس ۽ هنکي ڇُهي موٽڻ لڳس.... ’پنهنجو خيال رکجانءِ.‘ ڄڻ گهر مونکي چيو.

# پريم

هن وقت مان شمشان گهاٽ جي ٻاهر ويٺو آهيان.... اُتي، جتي منهنجي ڏاڏيءَ جو اگنيِ سنسڪار ٿيو هو. اُن کان پوءِ به نه ڄاڻ ڪيترا اگنيِ سنسڪار ٿيا هوندا.... ورهاڱي جي وقت ته مُردا به پنهنجو واري جو اِنتظار ڪندا هئا. گهڻن جو ته آخري سنسڪار به نه ٿي سگهيو. اُنهن جا لاش به رُلي ويا. ڪجهه ٽرئجڊيون اِنسان جي آتما تي گهري رانبوٽي وانگر رهڙيل هونديون آهن. مٿان ڏسڻ سان لڳي سگهي ٿو ته زخم ڀرجي ويا آهن، پر ٿوري رهڙ لڳندي ئي ٽاڪا کُلي ويندا آهن ۽ اسان سيسرائيون ڀرڻ لڳندا آهيون.

پنهنجو جيئرو رهڻ مونکي ڪنهن چمتڪار کان گهٽ نٿو لڳي. اسان جيئڻ جا ايترا عادي ٿي ويندا آهيون جو ’جيون جو چمتڪار‘ نه ڏسي سگهندا آهيون. شايد اِنهيءَ ڏک ۾ پروست چيو هو، ’جيڪڏهن عادت جهڙي ڪا شيءِ نه هجي ها، ته زندگي اُنهن سيني کي ڏاڍي سُهڻي ڏسڻ ۾ نه اچي ها، جن کي موت ڪڏهن به گهيري سگهي ٿي. اُنهن سيني کي، جن کي اسين اِنسان ذات چوندا آهيون.‘

منهنجو پنهنجي سنسڪرتيءَ سان رشتو ڪجهه چاهنا ۽ ڪجهه نراشا سان ڀريل آهي. هڪ سجاڳ چاهنا، جيڪا اسانکي جذباتي ته ڪري ڇڏيندي آهي، ٻُڏڻ نه ڏيندي آهي. هڪ سهج نراشا، ته جنهن ثقافت بلند ترين آيام ڇهيا آهن، اُها ڪنهن معمولي حادثي جو شڪار ٿي ويئي. آخر ڇو هندو ۽ مسلمان



چوندي ٿي اسانجي اندر ڪجهه لڏي ويندو آهي؟ اسان ايترا بدگمانيءَ سان ڀريل آهيون جو صرف افواهه ڦهلجڻ سان ئي نه ڄاڻ ڪيترا قتل عام ٿي ويندا آهن.

شڪارپور ۾ ڪيئي پرائيمري اِسڪول هئا. اِسڪول جو نالو هيڊماستر جي نالي سان هلندو هو. مان ٽيڪچند پانشالا ۾ پڙهندو هوس. گهر کان اِسڪول جو ڏهن منٽن جو رستو هو. مان ڪڏهن به پنڌ نه ويو هوس. ڇاچو مونکي هميشه پنهنجي ڪلهن تي وهاري، چڙهڻ ۽ وٺڻ ايندو هو. منهنجون پيرون مونکان وڏيون هيون. ڇاچي جو هٿ پڪڙي اينديون هيون. اِسڪول جا سڀ خرچ پريتم ڌرم سڀا ڪندي هئي ۽ اُنجا خاص ماڻهو هوندا هئا ـ سيٺ پرمانند ڏيپچند هندوجا، دولترام موهنداس ڇاٻڙيا، لڇمڻداس ٽيڪچند ڇاٻڙيا وغيره....

وڏا وڏا سيٺيون چندو ڏيندا هئا، جنهن سان پريتم ڌرم سڀا ڪيئي ڪم ڪندي هئي. شڪارپور ۾ هنن جا ڪيترا ئي اِسڪول هوندا هئا.اسان ته بس پڙهڻ سکي رهيا هئاسين. ڪوڙا ياد ڪرڻا پوندا هئا. ٻه، اڍائي يا سوا ٻه جا ڪوڙا، ڪاٺ جي پٽيءَ تي ميٽ جو ليپ لڳائي، ڪاري مس ۽ ڪاٺ جي قلم سان لکندا هئاسين. ڪتاب ڪجهه خاص نه هوندا هئا. چوٿين ۾ هڪ ڪتاب هوندو هو، جنهن ۾ بيت لکيل هوندا هئا، اُهي اسانکي ياد ڪرڻا پوندا هئا. ساميءَ جا سلوڪ چوٿين ۾ پڙهيا هئاسين. جنهن کي پوءِ مون پورو پڙهيو، اِئين نه چوندس. پورو پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي، اِهو ڄاڻڻ بغير ته ڪجهه به پورو نه ٿيندو آهي. هي زندگي اڌورو افسانو آهي.... هر ڀيري پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ضرور آهيون، پر هيءُ پورو ٿيندو ڪونهي. ڪاري پٿر جي سليٽ تي ڪُونٽري پٽر يعني پين سان لکندا هئاسين. ڪُونٽرو پٽر.... اڄ سوچيان ٿو ته لڳي ٿو ها،

پٽ ماڻهوءَ کان ڪونٽرو ٿي هوندو آ. چوٿين ۾ اچي اسانکي ڪاپي ملندي هئي. جنهن تي لکڻ لاءِ پهريون پيرو چاچي پارڪر پين آٽي ڏني هئي، اڍائي روپين ۾.... اڪثر مان مٺي ماني کڻي ويندو هوس. ڪڏهن ڪڏهن دال وارو پراٺو بہ، جيڪو اسين سڀ دوست اڌ موڪل ۾ گڏجي کائيندا هئاسين. ماستر کان سڀ ڊڄندا هئا. ماستر ماريندو هو، پر پيار بہ ڪندو هو. ڳوٺن ۾ ماسترن جو وڏو مانُ هوندو هو. گهڻيون شيون ماڻهون ماستر جي گهر مفت پهچائي ايندا هئا. ڪيترن قسمن جي ڪهاڻين کانسواءِ هوُ راماڻ مهاڀارت جون آکاڻيون بہ ٻڌائيندو هو، جيڪي اسين سنڌيءَ ۾ ٿي لکندا هئاسين.

مونکي ياد اچي رهيو آهي.... سنڌ جو پهريون ڪروڙپتي شايد پرمانند يوجراج روهڙا هو، جيڪو ڪپڙي جو واپاري هو. ڪابل، قنڌار، بخارا، تاشقند ۾ هنجا دڪان هئا. هنکي ويدن جو گهڻو گيان هو ۽ سنسڪرت بہ ڄاڻندو هو. گهر ۾ پيئڻ جو پاڻي ٽامي جي مٽڪيءَ ۾ ۽ ماني چانديءَ جي ٿالهيءَ ۾ کائيندو هو.... پر ڪنهن کان وياج نہ کائيندو هو. اُن وقت هوُ شڪارپور ۾ يوجراج سنسڪرت پاٺشالا هلائيندو هو. شڪارپور ۾ هنجي نالي تي اِسٽاڪ ايڪسچينج هو، جتي سون چانديءَ ۽ ڪرنسيءَ جو سٽو هلندو هو. 1920 ۾ هنجو خراب وقت شروع ٿيو. هوُ ڪابل وِيل هو پنهنجي ڪنهن ڪم سان، پٺيان هنجي ڳماشتي سندس نالي تي وڏو سٽو ڪيڏيو، جيڪو نہ هنجي اڌڪار ۾ هو ۽ نہ وس ۾ ۽ هارائجي بہ ويو. واپس اچي هن پنهنجي سڄي پونجي کٽڻ وارن کي ڏيئي ڇڏي. هاڻي هو پهرين جيان نہ رهيو هو. وري بہ هوُ ٽامي جي مٽڪيءَ مان پاڻي پيئندو هو.... چانديءَ جي باسڻ ۾ ماني کائيندو هو. هن جا دوست گهڻا پئسي وارا هئا، اُهي سندس مدد ڪرڻ چاهين پيا، پر هن ڪڏهن ڪنهنجي مدد نہ ورتي. شان سان جِيِ، شان سان مري ويو. بابا گهر ۾ اڪثر هنجو ذڪر ڪندا هئا. هوُ چوندو هئا ـ ’ڪنڌ هيٺ ڪري تہ سڀ مرندا آهن، ڪنڌ مٿي ڪري مرڻ ئي اصلي ڪلا آهي.‘

اسانجي اِسڪول جي بلڊنگ سان لڳہ ڇوڪرين جو اِسڪول هو، جتي منهنجون ڀينرون پڙهنديون هيون. اُهو بہ چوٿين درجي تائين هو. اِن کان اڳتي سيني کي ٻئي وڏي اِسڪول ۾ وڃڻو پوندو هو ۽ ڇوڪريون تہ گهٽ ئي وينديون هيون. چوٿين کانپوءِ اُنهن کي کٽ واري ڌرمشالا ۾ گرمکي سکڻ موڪليو ويندو هو. اُن کان پوءِ گهر جو ڪم سکڻ ۾ ۽ پتيءَ جي شيوا جو هنر سکڻ ۾ هوُ پنهنجي عمر ضايع ڪنديون هيون. پر تڏهن ’ضايع‘ ٿيڻ جهڙو ڀاوُ محسوس ڪرڻ جي چيتنا بہ گهٽ ئي ڏسڻ لاءِ ملندي هئي. هونئن بہ مان عمر ۾ گهڻو ننڍو هوس.

۽ هوءَ هتي ئي ڏسڻ ۾ آئي هئي.... مان ڪلهي تي جهولو لٽڪائي، اِسڪول مان موٽي رهيو هوس، ڌوڙ سان لٿپٿ. هوءَ بہ پنهنجي اِسڪول مان موٽي رهي هئي. اُنهيءَ رستي تي، پر هوءَ اوتري ڌوڙ ۾ لٿپٿ نہ هئي. ٻئي چوٽيون سامهون لٽڪائي.... فراڪ پهريل، فراق جي هيٺان پجامو.... ڪيترن ڏينهن کان ڏسي رهيا هئاسين اسين هڪ ٻئي کي، ايندي ويندي ڪلندا هئاسين. اڄ بہ مشڪي ڏنوسين....

’تنهنجو نالو ڇا آهي؟‘ هن هڪ پل بيهي مونکان پڇيو.

’نند....‘ مون پاڻ کي بيخوف ڏيکارڻ لاءِ ٿورو زور سان چيو.

’ها تہ ڌيري ڳالهاءِ نہ، ايترو زور سان ڇو ٿو ڳالهائين؟‘

’تنهنجو نالو ڇا آهي؟‘ مون ٿورو شرم ڪندي پڇيو.

’ڄاڻي ڇا ڪندين؟ ڪنهنجو پٽ آهين؟‘ هنجي آواز ۾ ٿورو بہ ڀوَ ۽ سنڪوچ نہ هو. مون بابا جو نالو ٻڌايومانس. هن ڪنڌ لوڏيو.

هو.... ٻالو ۽ مردانو ٻہ هنن سان ساڻ هئا. مان ٿوري دير فوٽوءَ کي نهاريندو رهيس.... دڪاندار منهنجي پر ۾ اچي بيهي رهيو. منهنجا ڪپڙا ئي ٻڌائين پيا تہ مان ٻاهران آيو آهيان ۽ هنکي اِهو ٻہ ٻڌائڻ جي ضرورت نہ هئي تہ مان هندستان مان ئي آيو آهيان. دڪاندار هڪ خوش نما مشڪ سان فرج مان ٿڌي بوتل ڪڍي منهنجي هٿ ۾ ڏيئي ڇڏي. مون هنکي 'شڪريہ' چيو ۽ اسان اُتي ئي ويهي ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. مان سنڌ جي بدلاوَ بابت پڇي رهيو هوس. هو چئي رهيو هو تہ سموري اِنساني سڀيتا ئي مٽجي ويئي آهي. شين، اِنسانن جي جڳهہ وٺي ورتي آهي. هن ترقيءَ جو گهوڙو ڪٿي وڃي بيهندو، اِها تہ اسانکي بہ خبر نہ آهي. هتي عام طور بمن جا ڌماڪا ٿيندا رهندا آهن، ماڻهو مرندا رهندا آهن، ڪنهن کي ڪوبہ فرق نٿو پوي. اسين اهڙي ڌرم کي بچائڻ ۾ لڳل آهيون، جنهن بابت ڪنهن کي ڪجهہ خبر نہ آهي، جنهنجي قيمت ماڻهوءَ کان تمام گهٽ آهي. هي ڌرم ڪتابن ۾ درج آهي ۽ جنهن کي جدا جدا ماڻهو جدا جدا طريقي سان پڙهندا ۽ سمجهندا آهن. هن ڌرم جيترن ماڻهن جو رت پيتو آهي، اوترو رت ايترين جنگين بہ نہ پيتو آهي.

پوءِ هن مونکي منجهند جي ماني آفر ڪئي. مون مڃي ورتي. ماني کائي مون هنکي چيو مونکي بوٽن بزار وڃڻو آهي....

'هي رستو اُنهيءَ پاسي ويندو آهي؟' مون پڇيومانس تہ هن پنهنجي هڪ نوڪر کي مون سان گڏ موڪلڻ چاهيو.... مون صاف منع ڪري ڇڏي. هن، هڪ اڇي ڪاڳر تي هڪ نقشو ٺاهي ڏيئي ڇڏيو. مان تيز-تيز قدم وڌائيندو اُتان هليو ويس. هي مونکي نٿو سڃاڻي، وري بہ ايترو پيار سان پيش آيو. هي هڪ هندو سنڌي آهي.... شڪارپور ۾ مسلمان وڏيڪ آهن.... هندو گهٽ.... 'گهٽن' ۾ 'ٿورن' کي هميشہ پاڻ تي ۽ پنهنجي جيوَن



جي ملهن تي خطرو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. سو اسين هندو گهر ۾ پڪا هندو هوندا هئاسين.... ٻاهر ڪچا هندو. مسلمانن سان نباهڻو پوندو هو. شڪارپور ۾ ئي نہ، بلڪ سموري سنڌ ۾ هندن کي 'واڻيو' چيو ويندو هو، يعني واپار ڪرڻ وارو. واپارين جي نظر هميشه فائدي کي ڏسندي آهي. اُنهيءَ طرز تي مسلمانن سان وهنوار ۾ بہ اِهائي سوچ ڪم ايندي هئي. هندو چوٽي رکندا هئا. چوٽي هنن جي سڃاڻپ هئي. مون ڪڏهن بہ شڪارپور ۾ بنا چوٽيءَ وارو هندو نہ ڏٺو هو.... پلي هو ننڍي چوٽي رکي. شڪارپور جا سنڌ ورڪي جيڪي اڪثر ڪابل، تاشقند ۽ بخارا ويندا هئا، اُهي بہ چوٽي رکي ايندا ويندا هئا.... اِنکري مسلمان اُنهن کي 'چوٽيءَ وارو' چئي سڏ ڪندا هئا. اِها ڳالهہ هندن کي نہ وڻندي هئي. عام طور مسلمان اڻ پڙهيل ئي هوندو هو. اُنهن ۾ پڙهيل لکيل اُنهيءَ کي مڃيندا هئا، جيڪو قران جون آيتون ٻڌائي سگهي. هوُ پلي پڙهي لکي نہ سگهن، پر آيتون ٻڌائي سگهندا هئا. هندن کي هندي ڏاڍي مشڪل لڳندي هئي. منهنجي اِسڪول جو ماستر سانولداس شاستري، هندي پڙهائيندو هو. ماستر هو سخت، پر هنجون ٻڌايل پنچ تنتر جون ڪهاڻيون اسانجي نازڪ من تي گهري ڇاپ ڇڏينديون هيون. منهنجا بہ مسلمان دوست هوندا هئا، جن جي نالي کان پوءِ علي لڳندو هو. سو مان اُنهن کي علي چئي سڏ ڪندو هوس.... پنچ تنتر جون اُهي ڪهاڻيون علي يائرن کي ٻڌائيندو هوس ۽ هو وڏي ڌيان سان ٻڌندا هئا.... اُنهن ۾ نہ رام هوندو هو نہ رحيم.... اُهي اُنهن ماڻهن جون ڪهاڻيون هيون، جن جي آتما اڃا تائين 'اِنسان' هئي، اُنهن جي سنگهرشن جون، اُنهن جي هار جيت، دک تڪليف، اُنهن جي سفر جون ڪهاڻيون. ڪهاڻي پنهنجي آتما سان ٻڌڻ بہ هڪ ڪلا آهي.... اُن کي پنهنجي

اندر جڳهہ ڏيڻ.... اُن سان ڳالهہ ٻولهہ جي هڪ پُل ناهڻ.... هيءَ ڪلا علي پاڻ ۾ هئي. مان ماسٽر سانولداس کي پڙهندو هوس.... علي پاڻ مونکي.... کهاڻيون لکڻ اُنهيءَ دوران سکيس. پڙهندي پڙهندي اُهي اسانجي اندر هڪ رستو ناهي وٺنديون آهن.... بيحد سنهو ۽ اڻ ڏٺو رستو.... جنهن ۾ بس ساهہ ايندو ويندو آهي... پر صرف ساهہ ئي نہ، ٻيو بہ گهڻو ڪجهہ. اُهي پاڻيءَ وانگر چپ چاپ اندر لهي وينديون آهن.... پاڻيءَ جو هي جهلملو هميشه اسانجي اندر ڪنبندو آهي.... اسين نہ ڄاڻ ڪيترا پيرا هن ۾ پنهنجين خواهشن جو چهرو ڏسندا آهيون. پوءِ ڪنهن رات جڏهن اسين اُن زمين تي پير رکندا آهيو، اسانجا پير آلا ٿي ويندا آهن.

مان بوٽن بازار کان ٻاهر اچي ٿو وڃان.... ٻاهر ڀاڄين جا گاڏا لڳل آهن.... لوڪل ڀاڄي مارڪيٽ.... ڀيڙ آهي.... گاڏي وارا سستي ڀاڄي وڪڻي، گراهڪ پٽائڻ ۾ لڳا پيا آهن ۽ زور زور سان رڙيون ڪري رهيا آهن. مان اُن گوڙ کان نڪرندو پرتي ٿو هليو وڃان.

مان هڪ بلڊنگ جي سامهون بيٺو آهيان.... هتي ئي اُهو اِمڪان ڏٻيل آهي، جنهن کي ڳولهي سگهجي ٿو. بلڊنگ پراڻي ۽ زبون ٿي چڪي آهي. جيڪي ماڻهو هتي رهندا هئا، اُهي هاڻي هتي نٿا رهن ۽ بلڊنگ مهاجرن پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتي آهي. اهڙي هڪ نہ، ٻيون بہ بلڊنگس آهن، جن جا تالا ڀڃي اوپرا ماڻهو رهڻ لڳا آهن. ڪيترن تہ هنن جا فرش کوٽي ڇڏيا ۽ اندر ڏٻيل ڪجهہ چانديءَ ۽ سون جا سڪا، ڪجهہ پراڻا زيور بہ کوٽي ڪڍيا، جيڪي اِن اعتبار ۾ دٻائي رکيا ويا هئا تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن هوُ موٽندا ضرور. پر ڇا سڀ ڪجهہ کوٽي ڪڍي سگهجي ٿو؟ اُهو ڪي، جيڪو زيورن يا چانديءَ جي ٽُڪرن جي شڪل ۾ نہ آهي.... اُن کي ڪيئن کوٽجي؟

هوءَ اِنهيءَ بلڊنگ ۾ ئي رهندي هئي، اِها تہ مونکي خبر هئي. هاڻي؟ خبر ناهي؟ مان ٺيڪ اُنهيءَ در جي سامهون وڃي بيٺس ۽ ٿوري بعد مون گهنٽي وڄائي.

جنهن در کوليو، ڪوئي سنڌي مسلمان هو.... ڪجهہ پل منهنجو چهرو ڏسندو رهيو....

’ڪنهنکي ڳولهي رهيا آهيو؟‘ هنجو آواز منهنجي من جي سُڪل کوهہ ۾ خالي لوٽي وانگر ڪِريو. مون اُن کي ڪِرڻ ڏنو....

’اسين سڀ ڪنهنکي نہ ڪنهنکي ڳولهي رهيا آهيون....‘ اوچتو مونکي هڪ گهري اُداسيءَ گهيري ورتو. مان ڏاڍو ٿڪجي پيو هوس. پراڻي ائڊريس تي پراڻا ماڻهو هاڻي نٿا رهن ۽ مان نئين ائڊريس ڪٿان آڻيان؟

’اچو.... اندر تہ اچو.‘ هن ٿورو پٺتي ٿي مونکي اچڻ جي جڳهہ ڏني. مان هن سان گڏ هنجي بيٺڪ ۾ اچي ويس ۽ اِن کان پهرين جو هو ڪجهہ چوي، مان اُتي رکيل هڪ ڪرسيءَ تي ويهي رهيس.

’پاڻي پيارينديوَ؟ پر مون وٽ الڳ گلاس ڪونہ آهي. منهنجي گلاس ۾ پيئندوَ؟‘ ڇا هو هنجي آواز ۾ جو منهنجون اکيون پرجي آيون....

’مان توهانجي گلاس ۾ پيئندس....‘ مون آهستي چيو.

هوُ مشڪندو، ڪنڌ لوڏيندو اندر هليو ويو. مان گهڻي ڏيان سان اُها بيٺڪ ڏسي رهيو آهيان.... هي هنجو گهر هوندو هو. ڪاڏي هليا ويا؟ هندستان تہ هوُ وڃڻ ئي نہ چاهيندا هئا.... تہ ڇا اُنهن جڳهہ مٽي ڇڏي؟ سامهون پٽين تي ڪاچ لڳل هئا،

جن جي اندر ڪٻٽن ۾ هندو ديوي ديوتائن جا فوٽا سجيل هئا. مان حيرانيءَ سان اُهي ڏسندو رهجي ويس. پوءِ اُٺي اُنهن جي سامهون وڃي بيهي رهيس.... اُهي ساڳي طرح رکيل هئا، جيئن ڪنهن بہ هندو گهر ۾ هوندا آهن. تہ ڇا هن مسلمان اِهي ڦٽي نہ ڪيا؟

’پاڻي وٺو....‘ پٺيان آواز آيو....

’ڇا توهين هنن بابت ڪجهہ ٻڌائي سگهو ٿا، جيڪي هيءُ گهر ڇڏي ويا آهن؟‘ مون ڇيو.

’اُنهن کي تہ مان بہ ڳولهي رهيو آهيان....‘ هوُ منهنجي سامهون بيٺو آهي. هڪ ٽري ۾ پاڻيءَ جو گلاس ۽ بسڪيٽ هئا، جيڪي هن منهنجي سامهون رکي ڇڏيا.

’توهان ڇو؟‘ منهنجي منهن مان نڪتو.

اسين هڪ ٻئي جي سامهون ويٺا آهيون.

’مان پهرين حيدرآباد جي عامل ڪالونيءَ ۾ رهندو هوس.... ورهاڱي جي هڻ ٻڇاڙ ۾ هيڏي اچي ويس. هي گهر ملي رهيو هو، سو خريد ڪري ورتم. مونکي خبر نہ آهي تہ اصل هي ڪنهنجو هو؟ بس اِهو سمجهي سگهان ٿو تہ ڪنهن هندوءَ جو هو؟‘ هو ٻڌائي رهيو آهي.

’ڇا توهان گهر جي مالڪن کي ڪڏهن نہ ڏٺو آهي؟‘

’نہ.... ڪڏهن نہ....‘

’توهان هي هندو ديوي ديوتائن جون تصويرون ڇو سنڀالي رکيون آهن؟‘

’مونکي ڪو حق ڪونهي تہ مان ٻئي جي ايمان ۽ ڌرم جي بيحرمتي ڪيان. توهين هندستان مان آيا آهيو نہ؟ وڃي ٻڌائجو اُتي، تہ هِتي بہ اُنهنجو ايمان محفوظ آهي. سنڌو درياهہ سمنڊ



۾ غرق نہ ٿيو آهي. اجا بشير اُن کي سنڀالي رکيو آهي. مان هنن کي روز ململ جي ڪپڙي سان صاف ڪندو آهيان. جڏهن هوُ واپس ايندا، مان اُنهن کي موٽائي ڏيندس.‘

منهنجي اندر جي درياهہ جو بندُ ٽٽي پيو. مان اُٿيس ۽ بشير جي ڳلي سان لڳي روئڻ لڳس. چوڻ لاءِ ڪجهہ بہ تہ نہ هو. جيڪو هو، نہ ڄاڻ ڪيترا ڀيرا چئي چڪو هوس. هو بہ جذباتي ٿي ويو ۽ ڏيري ڏيري منهنجي پٺي ٺپورڻ لڳو.

’ڇڏيو سائين.... اچو وهو. ڪجهہ کائو پيئو. ٻڌايو تہ توهين ڪنهن کي ڳولهي رهيا آهيو؟‘

مان وينس تہ هن پاڻي کڻي ڏنو....

’بشير ڀاءُ، توهان کان پهرين جيڪي هن گهر ۾ رهندا هئا، توهانکي خبر آهي، ڪيڏانهن ويا؟‘

نہ، ڪا خبر ڪانهي. هي سامان اُنهن جو آهي يا ڪنهن ٻئي جو، اها بہ خبر نہ آهي، پر توهين؟

’جيڪي هتي رهندا هئا، اُنهن جون ڇهہ ڏيئرون هيون.... هڪ جو نالو هو سنڌو. مون کان ٿوري وڏي هئي اُن وقت.... مان اُن کي ڏئي....‘

’اَڇا.... تہ اِها ڳالهہ آهي. توهان اچڻ ۾ گهڻي دير ڪري ڇڏي برادر. هو هندستان تہ نہ هليا ويا آهن؟‘

’هو نہ پيا وڃڻ چاهين.... اِهو مون ٻڌو هو....‘

’تہ هاڻي؟‘

’ڇا ڪوئي رستو آهي؟‘

’هڪ رستو ڏسڻ ۾ اچي رهيو آهي.... جنهن کان مون هيءُ گهر خريد ڪيو هو.... تمام جهونو ماڻهو آهي.... هتان جو پراڻو باشندو.... جيڪڏهن هوُ ڪجهہ ٻڌائي سگهي تہ...؟‘

۾ به نه پيو اچي. مان هن عورت جي زندگيءَ ۾ ڇو هليو آيو آهيان؟ هيءَ سڀ ڪجهه وساري ڇڪي هوندي. مان هن کي ياد به ڏياري ڇڏيان ته ڇا ٿيندو؟ ۽ ڇا ياد ڏياريندوسانس؟ پنهنجي ڏيءَ سان بيٺل اجنبي شخص کي هوءَ غور سان ڏسي ٿي....

’هي ڪير آهن پٽ ۽ هنن کي ڇا کپي؟‘ هن مٿان آواز ڏنو.

’امان.... هي مهمان آهن.... هندستان مان آيا آهن....‘

هن مٿي ڏسندي ماءُ کي چيو. هوءَ اِستري غور سان مونکي ڏسي رهي آهي. هاڻي مون ڪنڌ مٿي ڪري سڌو هنجي اکين ۾ ڏٺو. جيڪڏهن ڏسي سگهندي هوندي، ڏسي وٺندي. نه ڏسي سگهي ته به ڪا ڳالهه ڪانهي. مان اِن قابل نه ٿيو هوندس ته ڪوئي ڏسي.

ڇوڪريءَ مونکي ڏٺو ۽ مٿي هلڻ جو اِشارو ڪيو.

مون پئڪيٽ هن جي طرف وڌائيندي چيو -

’آمان کي ڇئجانءِ، ڪوئي بمبئيءَ مان آيو آهي.‘

’توهانجو نالو؟‘ هن پئڪيٽ وٺندي، هڪ نظر مٿي ماءُ تي، ٻي مون تي وجهندي پڇيو.

’نند....‘ مون جهجهڪندي چيو...

’۽ تنهنجي ماءُ جو نالو ڇا آهي؟‘

’سندڙ.... ۽ منهنجو....‘

مون آخري نظر اُن بالڪنيءَ تي وجهي وداع جو هٿ مٿي کنيو....

مان هنکي گهڻو ڪجهه چوڻ چاهيان پيو.... ’ڏس، منهنجا ڪپڙا آلا آهن. مان پريم جو سمنڊ پار ڪري هتي پهتو آهيان. وقت ڪيڏانهن نه ويندو آهي اسانکي اڪيلو ڇڏي. اُهو هميشه اسانجي اندر موجود هوندو آهي، جهڙو جو تهڙو. تون اڃا به اُتيئي آهين، پنهنجي اُنهيءَ روپ ۾.... اُنهيءَ دائمي روپ ۾.



ٽي ڏهاڪا گذري ويا آهن. پر تو مان ٽي هڪ لمحو به نه گذريو آهي. اِها ئي پريم جي دائميت آهي. مان توکان صرف هڪ سوال ڪرڻ چاهيان ٿو.... ڇا مان تنهنجي اندر اوترو ئي جيئرو آهيان؟ ڇا مان توکي ٿورو به ياد آهيان؟ ۽ ڇا اهو ايترو وڏو سوال آهي، جنهنجو جواب گهرڻ مان ايترو پرتي هليو آيو آهيان؟ خبر نه آهي. نه ڄاڻ اسان ڪنهن ٻئي کي ڄاڻڻ چاهيندا آهيون يا پنهنجو پاڻ کي يا هڪ ٻئي کي پنهنجي دل ڏيکارڻ چاهيندا آهيون.... پريم سان ڀريل دل. بس مان توکي ايترو ئي چوڻ چاهيان ٿو.... هي جو سمنڊ پکڙيل آهي اسانجي ٻن دنيائن جي درميان، مان هميشه هن تي تري ايندو ۽ ويندو رهندس تنهنجي هڪ جهلڪ جي لاءِ. تيستائين اسين پنهنجن ٻارن کي وڏو ڪيون ٿا. پوءِ جڏهن گهڻا سال گذري ويندا ۽ اُن وقت اسان وٽ شايد وقت هوندو ڪجهه چوڻ ٻڌڻ جي لاءِ.... ۽ تيستائين هِي ڪپڙا به اُس ۾ سُڪي چڪا هوندا.... ٽي سگهي ٿو هنن کي مَٽڻ جو وقت به اچي وڃي.... ته اسين نوان ڪپڙا پائي ملنداسين.... بلڪل نوان نڪورا ۽ تڏهن به هڪ ٻئي کي سڃاڻي ينداسين. ڇو جو سڃاڻپ تڏهن جي آهي، جڏهن هي ڪپڙا به نه هئا. ڪپڙا ته گهڻو پوءِ نهيا.... اِنساني سڀيتا کان گهڻو گهڻو پوءِ. تون ٻڌي رهي آهين نه.... مان وري ايندس.... مان هر هر ايندس ۽ چوندس توکي.... اُهو، جيڪو اڄ تائين نه چئي سگهيو آهيان....

مان تنهنجي در تائين اچي سگهيس ۽ توکي ڏسي سگهيس. اِهو ئي منهنجو نصيب آهي. سئو آهي تو مونکي نه سڃاتو. سئو آهي، تون هن دک کان دور رهين. سئو آهي، منهنجن سوالن جو جواب ڪڏهن نه ملي. گهڻن سوالن جو جواب نه به ملڻ گهرجي. جنهن پريم ۾ سوالن جو جواب نه ملندو آهي، اُهو پريم ڪڏهن ختم نه ٿيندو آهي.‘

**